ڪارونجهر جا مور

(ٻارن لاءِ شاعري)

سرور نواز پگهيو

SARWAR NAWAZ FOUNDATION
KOTRI DISTT: JAMSHORO SINDH



سرور نواز فائونڊيشن ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سنڌ

1440هه/2019ع

سرور نواز فائونڊيشن جو ڪتاب نمبر 4

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

کارونجھر جا مور

(ٻارن لاءِ شاعري)

سرور نواز ٻگهيو

SOORTH SINDHI ADAB

سرور نواز فائونڊيشن ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سنڌ

1440هه/2019ع

سرور نواز فائونڊيشن جو ڪتاب نمبر 4

سڀ حق ۽ واسطا شاعر وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	"ڪارونجھر جا مور"
شاعر	:	سرور نواز ٻگھيو
پھريون ڇاپو	:	مارچ 2019ع
تعداد	:	500
ڇپائيندڙ	:	سرور نواز فائونڊيشن ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سنڌ 03123121085
ڪمپوزنگ	:	شفيق حسين ڪولاچي
ڇپيندڙ	:	ڪولاچي پرنٽرز حيدرآباد
قيمت	:	360/_ روپيا

SOORIH SINDHI ADAB

"Karoonjhar Ja Mour"
(The Poetry For Children)
Poet: Sarwar Nawaz Bughio
Published by: Sarwar Nawaz Foundation
Kotri District Jamshoro, Sindh.
A/39, Maryam Garden Kotri Distt Jamshoro,
Sindh Pakistan.
Post Code: 76000
Phone: +92312_3121085

لکپڙھہ ۽ وي پي ذريعي گھرائڻ لاءِ:
سرور نواز فائونڊيشن A/39 مريم گارڊن ڪوٽڙي ضلعو
ڄامشورو سنڌ پاڪستان پوسٽ ڪوڊ نمبر (76000)

CONTENTS: فهرست

نمبر	عنوان	صفحو
1	دُعائيہ ڪلمات ....ڪرم علي حيدري المشهدي	09
2	بہ لفظ..............................جهانگير سيهڙو	10
3	ارپنا .... تخليقڪار	11
4	پنهنجي پاران.............................. سرجڻهار	12
5	مُهاڳ....... سرور نواز ٻگهيو (ڄامائي گلشن ڪوٽڙي)	13
6	حمد	17
7	مُناجات	18
8	نعت شريف	19
9	قصيدو	20
10	نوحو	21
11	منقبت	22
12	عسکری کے چاند	23
13	شانِ قلندر	25
14	مُرشد لطيف	26
15	لطيفيات	28
16	ماءُ پيءُ جي عظمت	29
17	غزل (جديد)	30
18	ٻارن لئہ گيت (ڪافيءَ جي انداز ۾)	31
19	دانُ (نظم)	32
20	بلاول ڀٽو زرداري "ٽِربيوٽ"	33
21	لولي (هڪ ٻاراڻو گيت مُنهنجا ٻچڙا ٿُون وڏي ٿي)	34
22	لولي (عِلمَ سان رکجان چاهُ)	35
23	عِلم (نظم)	36

SOORIH SINDHI ADAB

24	گِيتُ (عِلمُ حاصل ڪريو ٻارڙئو ديس جا)	38
25	ٻارن لئہ گيت (پڙهہ مٺا ٻابلا)	39
26	ٻارن لئہ گيت (ڏيس ۾ ٻار ڪيڏو ٺو)	40
27	ٻارن لئہ گيت (ڳوڙ ڪانيارو آ)	41
28	ٻارن لئہ گيت (منهنجي آسُن جو آهين)	42
29	ٻارن لئہ گيت (منهنجا الله تو در)	43
30	ٻارن لئہ گيت (يا ڏٽي امن ۾ آجپو ٺو ڪپي)	44
31	ٻارن لئہ گيت (آئون ٻالڪ سنڌي ٻولي ۾ ٺو)	45
32	ٻارن لئہ گيت (بابا مون کي پڙائي جو روضو گهاءِ)	46
33	ٻارن لئہ گيت (اسين ٻار سنڌ جا)	47
34	ٻارن لئہ گيت (عِلمُ تو نعمت)	48
35	ٻارن لئہ گيت (اسين ماءُ پيءُ جي)	49
36	ٻارن لئہ گيت (اسين عِلم وارا)	50
37	ٻارن لئہ گيت (خُدايا اسان جي عِلم کي وڌاءِ)	51
38	ٻارن لئہ گيت (اسين ٻار مزدور)	52
39	ٻارن لئہ گيت (اسين ٻار آهيون)	53
40	ٻارن لئہ گيت (اسان جي دلين ۾)	54
41	ٻارن لئہ گيت (اسان جهوليون جهليون آهن)	55
42	وطن جا ٻار (نظم)	56
43	هئڪا	57
44	ڪافي (مولا ٿر جي پاسي)	59
45	ڪافي (ننگري ناٿن شاهہ جي)	60
46	غزل جديد (منهنجي مُحبت وطن جي)	61
47	پنهنجي سڄي امڙ جي لاڏاٽي تي لکيل	62
48	غزل جديد (ماءُ سُٺائي مِٺڙي لولي)	64
49	ٻارن لئہ گيت (ماءُ ڇيجل جي آ)	65
50	غزل (مُون کي درد ڏين ٿِيون يادون)	67

SOORIH SINDHI ADAB

51	چيچُ	68
52	جديد غزل (ماءُ)	69
53	هڪ نئون غزل	70
54	غزل جديد (سنڌ تُنهنجي سُونهن ڪري)	71
55	دُعا	72
56	نوجوانن کي پيٽا	73
57	گيت (منهنجي خوابن جي پُورڻ)	74
58	ڪوتا	76
59	غزل (ڄامشوري جو سُهڻيون هوائون)	77
60	غزل جديد (اسان لئه ڄامشورو)	78
61	گِيت (سنڌ رهي آباد مولا)	79
62	سنڌي ثقافت جو ڏهاڙو	81
63	ثقافت جو ڏهاڙو	84
64	ثقافت جو ڏينهن	85
65	دُعا/مُناجات	87
66	سنڌ سُهڻي لڳي	88
67	ٻارن لئه گيت (اسين سِنڌ جي عَظمتَن)	90
68	غزل جديد (ڄيئن سِنڌڙي تُنهنجا)	91
69	ٻارن لئه گيت (پَڙِي ٻي نه ڪا مُون کي پَڙهاءِ)	92
70	سِنڌو درياهه (نظمَ)	94
71	پهرين مئي- پورهيتن جو عالمي ڏينهن	95
72	غزل جديد (سَدا سَفر ۾ آسين رَهياسين)	96
73	ايوريسٽ لا ڪاليج قاسم آباد	97
74	پَبلڪ اِسڪول حيدرآباد	99
75	سِنڌي ادبي سنگت سِنڌ	101
76	خانه بدوش رائيٽرس ڪيفي	102

ٽربيوٽس:

77	مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" سائين	106
78	اُستاد بُخاري: سچي جنهن سنڌ کي ڳايو	108
79	اُستاد بُخاري (بُخاري روشني آهي)	110
80	اُستاد بُخاري (ڪري ويو سِنڌ جون ڳالهيون)	112
81	اُستاد بُخاري (بُخاري سنڌ ڳائي ويو)	114
82	اُستاد بُخاري (قلم جو ڪيمياگر)	117
83	اُستاد بُخاري (وڏن شاعرن ۾)	119
84	سائين مُحسن ڪڪڙائي (گِيتن جي سُرهاڻ)	121
85	سائين مُحسن ڪڪڙائي (رُبائي سَندو بادشاهہ)	122
86	سائين مُحسن ڪڪڙائي (وفا ڪان بہ اڳتي)	124
87	نازُ لطيفي سائين	126
88	سائين اِمداد حُسيني	127
89	سائين شبير هاتف	128
90	سائين آثم ناٿن شاهي	129
91	تاجل بيوس	130
92	نياز هُمايوني	132
93	شمشيرُ الحيدري	133
94	شيخ اياز (سِنڌ جا سُهڻا ڪوي)	134
95	شيخ اياز (سنڌ ۾ هِڪڙو هُيو)	136
96	شيخ اياز (اسين ميلا مچايُون ويٺا هُون)	137
97	پروفيسر ڊاڪٽر اينميري شِمل	138
98	علامہ غلام مُصطفيٰ قاسمي (هُو تقرير تحرير جو)	140
99	علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي (سِنڌ جو هِيرو هُيو)	142
100	شمس العلماء مِرزا قليچ بيگ	143
101	شيخ عبدالمجيد سِنڌي	144
102	غُلام محمد گِرامي (ادب جو آبو)	146

103	غُلام محمد گِرامي (ادب جي راهه)	147
104	علامه آءِ آءِ قاضي	148
105	ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ	149
106	ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگھيو	150
107	ڊاڪٽر غلام علي الانا	151
108	محمد عثمان ڏيپلائي	152
109	سيد رسول بخش شاهه	153
110	ڪامريڊ تاج محمد ابڙو	154
111	حميد سِنڌي (جو گوهر منجهه)	156
112	حميد سِنڌي (پنهنجي ڳالهه تي پُورو آهي)	157
113	محمد ابراهيم جويو (هو سادڙو ماڻهو آ)	159
114	محمد ابراهيم جويو (ڌرتيءَ جو دِلبند هُيو)	160
115	سائين جي ايم سيد (سِنڌ جو وارثُ)	161
116	سائين جي ايم سيد (ڪندي ياد توکي)	163
117	سائين جي ايم سيد (سِنڌُ ڪي صَديُن تائين)	164
118	سُوريه بادشاهه	165
119	ذوالفقار علي ڀٽو	166
120	مُحترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي بُلند پَروازي	168
121	بهادر سِنڌ جي راڻي	169
122	سنڌ جي شهيد راڻي	171
123	لاڙڪاڻي جي مِٽي توکي سلام	172
124	دُعائن جي ڀيٽا	174
	ڀٽَ ڌڻيءَ جي ائين سُورمي سنڌ راڻي	175
	ڀٽوءِ محترمه بينظير ڀٽو	176
125	شهيد راڻي	178
126	سنڌ جو بهادر پُٽ رسول بخش پليجو	179
127	محترم رسول بخش پليجو	182

128 محترم اياز لطيف پليجو 183
129 محترم اياز لطيف پليجو (سنڌ ساري) 185
130 گِيتُ (ڏِسڻ ۾ سُهڻو) 186
131 ڇيجي زرينا بلوچ (الهداد چنڊ ڳوٺ) 187
132 ڇيجي جي نانءُ 189
133 سِنڌي سَرويچ (ڊاڪٽر قادر مگسي) 190
134 مارئيءَ جي مُلڪ جو چارم ساقي 191
135 ڪوهستاني ماڻهون 193
136 مَلڪ صاحبَ جو بنگلو 194
137 اُستاد منظور علي خان 196
138 شهنائي نواز اُستاد عبدالله خان ۽ اُستاد بِسم الله خان 198
139 پروفيسر سيد قلندر شاهه لڪياري 200
140 ڊاڪٽر حبيب الله صديقي 202
141 سائين مُنور علي مهيسر 203
142 ڊاڪٽر مُشتاق ڦُل 204
143 حسن درس 205
144 علي بابا (دراوڙِهي ماڻهو) 206
145 علي بابا (دلين ۾ ڪي يادون) 208
146 علي بابا (علي سنڌ جي رُوح) 210
147 عبدالڪريم بلوچ 213
148 حاجي محمد صديق شورو 215
149 پِرين شورو 216

دُعائيہ ڪلمات

جَسُ هُجي مُحترم جناب سرور نواز ٻگهيو صاحب کي جيڪي هر وقت ادب ۽ اديبن سان مربوط رهندا آهن ۽ هينئر جيڪو هِيءَ ڪتاب ڇپرائي رهيا آهن اُهو هڪ گُلدستو آهي. جنهن ۾ هر طرح جي فرد لاءِ شاعري آهي.

ٻگهئي صاحب جي ڪتاب جي ديدار ڪرڻ کان پوءِ اچان بہ وڌيڪ پڪَ ٿِي تہ شاعري واقعي اِلحَامُ آهي.

مولا اچان بہ سندس قلم کي پرواز عطا فرمائين بحقِ طٰہٰ و يٰسين.

(آمين يا رَبُ العالِمين)

ڪرم علي حيدري المشهدي

ٻه لفظ

سائين سرور نواز ٻگهئي صاحب جي جيتري تعريف ڪجي، اُها گهٽ آهي.

سائينءَ جا هزارن جي تعداد ۾ شاگرد موجود آهن، جن مان آءٌ به هڪ آهيان. مُون کي اهو چَوندي وڏو فخر پيو محسوس ٿِئي ٿو ته اڄ مون جهڙي انسان جي اندر ۾ علم جا ٻه ڪڻا اگر موجود آهن ته ان جو سبب سائين سرور نواز جهڙن لائق استادن جو هٿ آهي.

مالڪ سائين، کين وڏي حياتي ڏِئي ۽ صحت ۽ تندُرستي عطا فرمائي، جيئن ته اسان کي اڃان به سندن عِلمي ۽ ادبي خزاني مان سير ٿيڻو آهي.

جهانگير سيهڙو
(سينئر صحافي، قلمڪار)

ارپنا

آءُ پنهنجي هيءَ محنت، جاکوڙ جدوجهد ۽ تخيلُ شاعريءَ جي صُورت ۾، ٿر (سنڌ) ۾ ٻُک وِگهي مري ويل معصوم ٻارڙن، ڪارُونجهَر جي سُهڻن مور پکين ۽ هڪ لاکيڻي ۽ ڳُڻائتي اِنسانَ مرحوم ڊاڪٽر احمد علي ٻُگهيو صاحب، اصل رهائش حَسن آباد/ گهنور آباد ۽ حال رهائش وحدت ڪالوني حيدرآباد، سنڌ ۽ پنهنجي ڀن ڏيهه ڇڏي ويل پُٽڙن ڄام راشد علي ٻُگهيو ۽ ڄام تماچي ٻُگهيو جي نانءَ ڪيان ٿو.

۽ اُن ايندڙ وقت کي به ارپيان ٿو:

- جڏهن سِنڌ هميشه جي لاءِ وري پَرجي وَهندو.
- جڏهن ماڻهن کي پنهنجا سمورا بُنيادي ۽ اِنساني حَق مُيسر ٿي مِلندا.
- جڏهن اسان جي تعليم اِئين بهتر ٿيندي جِيئن وڏيڪ سُڌريل مُلڪن جي آهي.
- جڏهن ڪو به ماڻهو بي روزگار نه رهندو.
- جڏهن ڪو به ماڻهو بُک ۽ بدحاليءَ جو شڪار نه هوندو.
- جڏهن سموري ڌرتي سُکي سَتابي سَرسبز شاد ۽ آباد ٿي ويندي.
- جڏهن هر انسان کي حَقُ- سَچُ ۽ اِنصافُ تڪڙو پَلئه پوندو.
- جڏهن ڪوڙ جي جاءِ سچ والاريندو ۽ ڏوهه صفا گهٽجي ويندا.
- جڏهن فضيلا سرڪي ۽ ٻيون اهڙيون نِياڻيون والدين کي يا سندن عزيزن کي واپس موٽي مِلنديون.
- جڏهن خيرپور ناٿن شاهه جي نِياڻين (نرسن) جا جائز هڙئي مسئلا حل ٿي ويندا ۽ ٽريزريءَ مان بِلَ پاس ٿي ويندا.
- ۽ جڏهن مريم گارڊن ڪونڙيءَ جا سمورا مسئلا پڻ حل ٿي ويندا ڊرينيج سِسٽم سميت.

(تخليقڪار)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

پنهنجي پاران

دوستو عزيزو! هِن ڪتاب کي مُون اِهو نالو "ڪارونجهَر جا مور" (ٻارن لئه شاعري) اِن ڪري ٻه ڏنو جو سيني ٻارڙن ۽ اُنهن سيني شخصيتن کي، جن جو ذِڪر هِن ڪتاب ۾ ڪيو اٿم. آءٌ مورن جهڙو ئي سُهڻو سمجهان ٿو اِن قسم جو مواد ڪُٿو نه آهي، اڃان ٻه آهي ۽ ايندو ٻه رهندو اِن ڪري اُميد جو پلڙو ڀاري آهي.

مُون تي هِن وقت اِها ڪيفيت طاري رهي ٿي جو آءٌ گهڻن ئي ماڻهن کي گهڻن ڳُڻن وارو اَهلُ، مٽيادار، ساڃاهَه وند، ذهين ۽ عوامي خِدمتگار سمجهان ٿو اِن ڪري دِل چوي ٿي ته اُنهن سيني ماڻهن جا ڳُڻ ڳايان ۽ اِن ڪيفيت ۾ ڀاڱي ڀائيوار آءٌ بزمِ رُوح رهاڻ کي ٻه ڪي سمجهان ٿو.

دوستو! مُون کي هِن وقت جيڪا شيءِ گهڻو ڏکوئي ٿي، اُها آهي ادبي سنگت جو ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي وڃڻ. آءٌ رب کان دُعاڳو آهيان ته اسان جي سنگت وري هڪ پليٽ فارم تي اچي گڏ ٿِئي ته اُن ڏينهن آءٌ ست ڪلما ٻه پڙهندس ۽ ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي مِٺائي ٻه وِرهائيندس.

مون کي اديبن، شاعرن، قلمڪارن، تخليقارن، سَرجڻهارن، صحافين، ثقافت سان مُحبت ڪندڙ ماڻهن، عورتن لاءِ ڪم ڪندڙ خواتين، عوامي خدمت گذارن ۽ پورهيت طبقي سان اِن ڪري ٻه بيحد پيار ۽ اُنهن لاءِ عِزت و احترام آهي جو اُهي، راتين جو اوجاڳا ڪري، پاڻ کي تڪليف ڏئي ٻه، هِن ڌرتيءَ تي اَمُن، اَهنسا، اِنصاف، سَچائي، بَرابري، خوشي ۽ خوشحالي آڻڻ چاهين ٿا ۽ پُوري اِنسان ذات ۽ ڪائنات جو ڀلو چاهين ٿا. شل! ڌڻي پاڪ سندن رهنمائي ۽ مدد فرمائي آمين!

آخر ۾ اهو عرض ڪندس ته مون کان جيڪڏهن هن ڪتاب لکندي ڪي ڪميون ڪوتاهيون رَهجي ويون هُجن ته ان لاءِ آءٌ اڳواٽ ئي معافيءَ جو طلبگار آهيان ڇو ته هِي ڪم ڏاڍو ڪٺن، اڻانگو ۽ ٿڪائيندڙ آهي. پر انسان اُميد جي سهاري پنهنجي ڪم سان روان دوان ٻه آهي. دوستو! ڏِسڻا وائسڻا ڪجهه ماڻهو اِخلاق کان عاري ٿي پيا آهن. ڇا ڪجي! خدا شل ڪين ساڃَهه ڏئي! آمين.

(سرجڻهار)

مُهاڳ

ساڃهه وند دوستو! پنهنجي هِن ڪتاب جو مُهاڳ، آءٌ پاڻ اِن ڪري بہ لِکان پيو جو هِن ڪتاب کي آءٌ ڪيترائي ڀيرا پڙهي چُڪو آهيان. اِن ڪري هاڻي هِن ڪتاب جو مُهاڳ لکڻ ۾ مون کي صرف هڪ ڪلاڪ لڳندو ۽ ڪوبہ دوست يا مهربان هڪ ڪلاڪ ۾ مون کي هِن ڪتاب جو مُهاڳ لکي ڪونہ ڏيندو. تاج جويو ۽ نصير مرزا صاحبان تہ تمام مصروف ماڻهو آهن جيڪي تمام سُٺو مُهاڳ لکي سگهن ٿا. پر اُنهن کي بہ تڪليف نہ ٿو ڏِيان.

مُهاڳ لکڻ وقت، تخليقڪار جي پورهئي، محنت، فن ۽ فِڪر کي نظر ۾ رکبو آهي. جنهن ڪتاب جو مُهاڳ لکڻو هوندو آهي. اُن تي پنهنجي مُڪمل تنقيدي راءِ جامع ڏبي آهي. تنقيد معنيٰ تہ لکت جون سُٺيون ڳالهيون ۽ ڪمزور ڳالهيون ۽ آخر ۾ تنقيد نگار جي عالمانہ ۽ اصلاحي راءِ بہ شامل هوندي آهي، ۽ اُنهن خاص نُڪتن جو ذڪر بہ ڪبو آهي جيڪي ڪتاب جي مُطالعي ڪرڻ وقت نوان لڳا يا سٺا لڳا هُجن ڪي چڱيون ڳالهيون ڪبيون آهن ۽ ڪي نصيحت ڀريا نُقطا بہ ٻُڌائبا آهن ۽ آخر ۾ دُعا ڏئي ڇڏبي آهي.

ٻارن لاءِ شاعريءَ جو ڪتاب لکڻ، هر سٺي ۽ تخليقڪار شاعر جي لاءِ اِن ڪري بہ لازم هوندو آهي جو ٻار مڪمل آباديءَ جو گهٽ ۾ گهٽ 3/5 حصو هُجن ٿا. ۽ ڀيو اِهو بہ تہ ٻارن کي شاعري گهٽي وڻندي آهي. اُن کي جُهونگاريندي يا ڳائيندي ڪين ڏاڍو مزو ايندو آهي خاص ڪري گُروپ ۾ ڳائڻ ۾.

ٻارن لاءِ شاعري ڪرڻ ايتري آسان بہ ڪونهي پر هر شاعر کي پنهنجو پنهنجو فرض ضرور نڀائڻ گهرجي. ۽ پنهنجي حِصي جو ڪم ضرور ڪرڻ گهرجي.

آءٌ ٻارن لاءِ شاعري وڏي عرصي کان ڪندو پيو اچان پر تسليم ٿو ڪريان تہ ڪتاب ڏاڍو دير سان ڇپرائي رهيو آهيان. بهرحال "دير آيد، درست آيد".

دوستو! هِن ڪتان کي بہ چار ڀيرا پڙهيو اٿم. هر ڀيري ٿوري گهڻي اِصلاح بہ پئي ڪئي اٿم. آءٌ جڏهن اِصلاح ڪرڻ ويهندو آهيان تہ

فِڪر جي، بحر وزن جي، گرامر جي، ٻوليءَ جي، شاعريءَ جي مُختلف ٽرڪيبن، استعارن، تَشبيهن ۽ ٻين فني خوبين تي بہ نظر وجهندو آهيان ۽ اِن ايتري ڳُجهہ ڪرڻ ڪانپوءِ آخري اِصلاح اُستادن ڪان بہ وٺندو آهيان ۽ پوءِ ڪتاب جي ڪاپي پريس لاءِ تيار ڪندو آهيان.

هِن ڪتاب جي پريس لاءِ ڪاپي تيار ڪري پريس ڏانهن ڇپائيءَ لاءِ موڪلي رهيو آهيان. پهريائين شاعري ۽ ٻيو سمورو مواد ڪمپيوٽرائزڊ ٿيندو. بہ ٽي پروف ٿيندا، اُن ڪان پوءِ بٽر نِڪرندا. بٽر ڪتابي شڪل اختيار ڪندا. هزارن روپيين جو پنو وٺبو ۽ پريس ۾ ڪتاب ڇپائيءَ لاءِ ڏبو. جيستائين ڪتاب ڇپجي تيار ٿئي. تيستائين ٽائيٽل ٺهرائبو. ٽائيٽل ٺهي ويو تہ ڇپرائي، ليمينيشن لاءِ موڪلبو. جڏهن ٽائيٽل بہ تيار ٿي ويو تہ بائيڊنگ لاءِ ڪتاب ۽ ٽائيٽل موڪلبو. ان ايترن سارن مرحلن مان ڪتاب کي گُذارڻ تي لک سوا روپيين جو خرچ ايندو جيڪڏهن ڪاپيون هڪ هزار ڇپرائبيون ۽ صفحا بہ سؤ کن هوندا تہ.

ايترا پئسہ خرچ ڪري ڪتاب جڏهن مارڪيٽ ۾ آڻبو تہ وڏ ۾ وڏ 50 يا 60 ڪاپيون وِڪرو ٿينديون ۽ باقي ڪتاب بنڊلن جي صورت ۾ گُودام ۾ پيا سڙندا ۽ اُڏوهي پئي ڪائيندن. اِن ڪري جو هِن ڪم ۾ هاٽي وِچ وارن جي سچائي نہ رهي آهي. جيترو وڏو تجربو اوترو سندن وڏو فائدو ۽ ليکڪ يا ڇپرائيندڙ کي رڳي ڳالهيون ۽ خَبرُون پلئہ پونديون.

اِهو آهي ادب ۽ شاعريءَ جو هِن وقت جهانُ!! آءٌ سمجهان ٿو تہ ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ جي ڪتاب جون 100 کن ڪاپين کان وڌيڪ وِڪرو نہ ٿي سگهندو. جي ٿي سگهندو تہ اُهو ڪو سينئر شاعر هوندو اُستاد بخاري يا شيخ اياز پارو يا وري ڪنهن ڏُر سان واڳيل هُجي تہ پوءِ.

ڪتابن جو وِڪرو بہ هڪ فن آهي جنهن کان آءٌ تہ گهٽ ۾ گهٽ واقف ڪونہ آهيان. ان لاءِ اِهو مُنهنجي لاءِ تہ گهاٽي جو سودو آهي. پر پوءِ بہ هِي ڪتاب ٻارن جي نفسيات کي ذهن ۾ رکي تيار ڪيو اٿم. جنهن ۾ شاعريءَ جون تقريباً سيئي صِنفون ڏنيون اٿم. ۽ ڪتاب کي اِهونالو "ڪارونجهر جا مور" اِن ڪري ڏِنو اٿم جو مُون کي وڻي ٿو. هِن ڪتاب ۾ آيل سموري شاعري ڳائي سگهجي ٿي. مختلف راڳن

۽ راڳڻين ۾ ۽ شاعري گهڻي پاڳي طرح آهي. هن ڪتاب ۾ ڏک گهٽ شامل ڪيا اٿم. ورنه ته آءُ آهيان ئي "دردن جو شاعر". مُنهنجي ته غزلن ۾ به درد هوندو آهي. جڏهن ته غزل آهي ئي حُسن جي تعريف ۽ محبوبن سان محبت پريون ڳالهيون ڪرڻ جو نانءُ.

دوستو! ڪتاب آڻڻ لاءِ ته جيڪر ڪتاب جلد کان جلد آڻجي پر بجليءَ جي بي وفائيءَ کي ڪير مُنهن ڏئي!! صبح جو ننڊ مان اُٿو ته بجلي بند! منجهند جو مانيءَ تي ويهو ته بجلي بند. آرام لئه ليٽو ته بجلي بند! رات جي ماني کائو ته بجلي بند! رات جو 12:45 کان 2:45 تائين بجلي بند! صبح جو ڇئين، سوا ڇئين وڳي بجلي بند! هاڻي ڪجي ته ڇا ڪجي! رات ڏينهن ۾ اٺ، ڏهه ڪلاڪ ته بجلي بند آهي ئي آهي! اِليڪشن جي زماني ۾ واعدا ڪيائون ته ڇهن مهينن ۾ لوڊ شيڊنگ ختم ڪنداسين وري چيائون ته سال ۾ وري چيائون ته ٻن سالن ۾ ۽ آخر ۾ چيائون ته ٽن سالن ۾. هيءَ ته پنجون سال پيو هلي. لوڊ شيڊنگ ختم ته ڪانه ٿي! وچ تي اعلان ٿيو ته بجليءَ جي لوڊ شيڊنگ ختم ٿي چڪي آهي پر الائي ڪاٿي اسان وٽ ته آهي ئي آهي. عوام جي شڪوه ۽ شڪايتن سان ته اخبارون ڀريون پيون آهن.

هڪڙي جج صاحب واهه جي ڳالهه ڪئي هُئي ته:

ڇو نه بجليءَ جي ڪنهن اهم آفيسر جي گهر جي بجلي بند ڪجي ته جيئن خبر پيس ته ماڻهو بجلي نه هُئڻ جي عذاب مان ڪِيئن ٿا گُذرن!!

مُنهنجي هڪ دوست بل پهچائيندڙ بجليءَ واري کي چيو ته بجلي ته ڏِيو ئي ڪونه ٿا. بل پهرئين تاريخ کان به اڳ ۾ ئي ڏيو ٿا ڇڏيو! جواب ۾ چيائين ته اسين جيتري بجلي ڏِيون ٿا اوترو ئي بل وٺون ٿا. دوست چيو ته ادا، هاڻي ڳالهه وڃي اتي پهتي آهي!! جيڪڏهن توهان چوويهن ڪلاڪن مان چار ڪلاڪ بجلي ڏيو ٿا ته پوءِ ويهه ڪلاڪ بجلي ڪنهن کان وٺون. ويهن ڪلاڪن لاءِ بجلي پلا ٻئي هنڌان ڪٿان وٺي ڏيو! ڪيپي ته اسان کي ميٽر واري بجلي. ڪُنڊين واري بجلي اسان کي به نه کپي!

ٻين ملڪن وارا اسان کي سستي بجلي ڏين ٿا. اسان کي انهن کان به نه ٿا وٺي ڏيو! پنهنجي بجلي به وافر انداز ۾ نه ٿا ٺاهيو ته پوءِ هن قوم جو آخر ڇا ٿيندو!!!

پنجاهه سال (اڌ صدي) گذري وئي آهي، پر ڪوبه بجليءَ جي لوڊ شيڊنگ کي ختم نه ڪرائي سگهيو آهي!! هڪ پرائيويٽ اداري کي وڏيڪ بل ۾ گهٽ بجلي ڏئي تنگ پئي ڪيئون ته اُن اِداري اخبارن جي رستي ڇوِرائي موڪلين ته اسان کي تنگ نه ڪيو. وڏيڪ بلَ نه موڪليو نه ته اسين پنهنجي بجلي ٺاهينداسين! تڏهن وڃي ٿڌا ٿيا. هاڻي ته سوئي گئس به گم ٿيڻ شروع ڪيو آهي. الله پاڪ سڀ کنهن کي سمجهه ڏيندو. آمين

تعليم جي پلائي ۽ بهتريءَ جي سلسلي ۾ آءٌ هن ٻن نقطن تي پهتو آهيان ته جيڪڏهن استادن جا مسئلا سڀ جا سڀ حل ٿي وڃن ۽ اسڪولن جا هڙ جو هڙ جائز مسئلا حل ڪيا وڃن ته جيڪر اسان جي تعليم دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي تعليم جي برابر ٿي سگهي ٿي. رڳو استادن کي تنگ ڪرڻ مان تعليم بهتر ڪيئن ٿي سگهندي!

دوستو! ٻارن جي شاعريءَ جي حوالي سان منهنجو جيڪو حال هُيو اهو اوهان جي اڳيان پيش ڪيو اٿم. وڏيڪ اوهان جي راءِ جو انتظار رهندو. يار زنده صحبت باقي.

آخر ۾ سنڌ سرڪار کي پُردرد التجا آهي ته مڪليءَ ۾ ڄام نِندي ۽ ٻين ڄامن جي تواريخي مقبرن کي محفوظ ڪري، سنڀال ڪئي وڃي ته انصاف به ٿيندو، احسان به ٿيندو ۽ فرض ادائيگي به.

آئون بيحد ٿورائتو آهيان سائين ڪرم علي حيدري المشهدي صاحب جو جن دعائيه ڪلمات لکيا ۽ جهانگير سيهڙي صاحب جو جنهن ٻه لفظ ڏنا.

اوهان جو نهايت ئي نِماڻو دوست:

سرور نواز ٻُگهيو

ڄاماڻي گُلشن، مريم گارڊن، ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو، سنڌ پاڪستان
پوسٽ ڪوڊ نمبر (76000)
وقت رات جا 3 لڳي 15 منٽ (روزي جو ٽائيم)
بروز ڇنڇر 2018_05_26

سرور نواز ڀکيو
05-10-2006

"حَمدُ"

اي خُدا تُون ئي زمينن، آسمانن جو خُدا
تُون ئي آهين بيڪسن، بيوس اِنسانن جو خُدا

سِجُ تنهنجو چَنڊُ تُنهنجو تارا ۽ ڪتيون سنڌ ۾
جانور سارا ئي تُنهنجا، تُون حيوانن جو خُدا

اَزل کان تان اَبد تائين، تُنهنجون ئِي ساراهُون هِن
تُون ئي آن واحدُ، زَمانن ۽ مڪانن جو خُدا

اِنسان ۽ حيوان جو توڙي پکي پُکڻن جو تُون
تُون ئي آهين اُنهن سڀني جي اَدائن جو خُدا

هَر جاءِ تُنهنجو ذِڪرُ آ، هَر دِل اَندر تُنهنجو فِڪرُ
تون سَرءُ، سِياري، اونهاري ۽ بَهارن جو خُدا

تُنهنجي رَحمت مان اُميدون تنهنجي بَندن کي ڪَريم!
تُون سزائن جو بہ آهين ۽ جَزائن جو خُدا

تُنهنجي در تي حاضري لئہ سجدي ۾ "سرورُ" بہ آ
تُون ئي آن حاجت روا، دل جي دَرمانن جو خُدا

سرور نواز ٻگھيو
06-10-2006

"مُناجات"

يا خُدا ٻُڌ عَرض ٿون، آلِ عبا ؑ جي واسطي
پاڪ پيغمبر مُحمد مُصطفيٰ ﷺ جي واسطي

سِنڌُ جي نياڻين سمورين کي مِلي تعليمِ حَقُ
پاڪ بِيبي بتول سائِڻ زَهره ؑ جي واسطي

سنڌ سڄي سرسبز ٿِئي، ۽ شاد ٿئي خُوشحال ٿِئي
اُن اِمامُ الُحقَ، حَسن المُجتبيٰ جي واسطي

حَق جي مذهب کي طاقت ڏي خُداءِ ذُوالجلال!
جَنهن لئہ وِڙهندي ٿيو شهيدِ ڪربلا جي واسطي

سِنڌُ ڳُذري پئي ڏُکرَ مان، ڏُور اُن کان ڏُکڙُ کر
شام قيدڻ، سائِڻ زينب ؑ جي رِدا جي واسطي

ساري سِنڌُ ۾ وَئي وڏي بي روزگاري آ ڏٽي!
روزگار ڪو ڪول اِمامُ آلانبياءُ جي واسطي

قيد ۾ هر ڪو پيو محسوس ڪري ٿو پاڻ کي
قيد ۽ بَند ٽوڙ سِدرة المُنتهيٰ جي واسطي

اي ڏٽي ٿُنهنجي اڳيان سَجدي ۾ سِرُ "سرور" جو آ
ڪر خطائون معاف موليٰ "هل اتيٰ" جي واسطي

سرور نواز ٻگهيو
16-04-2005

"نعت شريف"

گُلن، ٻوٽن ۽ گُونچن ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ
اسين مومن هُون، دِلين ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

خُدايا تُنهنجي ٻانهن جا ٻہ ٻانها ڪونہ ٿا سُونهون
مگر شاعِر هُون، سوچن ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

صُبح ڪان سانجهي تائِين ۽ سَنجها ڪان پِرهَہ ڦُٽيءَ تائين
اسان وٽ پَلڪ ڇِهرن ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

نِدوري نِنڊَ ٿا پائِيون، نہ جنهن ۾ ياد سڄڻن جي
اسان جي سوچ سَپنن ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

حَبيبن جِي ڳَريمن جِي، رَهي ٿي سارَ سؤ سؤ وار
اسان جي دِل جي ڌَڙڪن ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

ڳيون رب جي رَبُوبيت پِڻ، مِٺي مُرسل جون ساراهون
پڙهي ڏِس پَاڪ وَرقن ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

قُطبُ تارا، سمنڊ سَارا، نبيءَ جي حُڪمَ جي طَابع
درياءَ جي مَوج مَستين ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

پڙهن جِن ۽ ملائڪ ٿا، مِٺي مُرسل تي صَلواتون
پَکي، پکڻن جي ٻولين ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

چَوي دِل ٿي هَلي چُمجي، مَدني سرڪار جي چائُٺ
جِتي جي ڳوٺ ڳلين ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

اُهي جايون هَلي ڏِسجن، مديني پارَ جون "سرورَ"
جِتي خُوشبوءِ ئي خُوشبوءِ، واسَ وَليُن ۾ مُحمَّدﷺ آ مُحمَّدﷺ آ

سرور نواز ٻگهيو
22-05-2017

”قصيدو“

يا عليؑ، يا عليؑ، يا عليؑ، يا عليؑ!
تُون نبيءَ جو وَصي، تُون خُدا جو وَلي

جي جَوانانِ جنت، جا سردار ٿِيا
ٿَن جي عَظمت جي، خُوشبوءِ جهان تي ڳُهلِي

تو ڳيا مُعرڪا، پار جُرئت مَنجهان
تُنهنجي فتحِ مُبين ڳائي وئي هَر ڳلي

تُنهنجي سارا؎ لئہ، سَوَ حَديثون مِليون
تُنهنجي تعريف ۾ مُعجزن هر ڳلِي

تو هَزارين نفل پئي پڙهيا رات ۾
راضي ٿِيندي رَهي توسان ذاتِ جلي

تُنهنجو غازي عباسؑ تُنهنجو شهبازُ لعلُ
تنهنجي طاقت اجان جڳ سان ناهي سَلي

تون خُدا جو ”اسد“ هِي تُنهنجا شير هِن
مولا! ”سرورَ“ لکي، روز مَنقبت پِلي

سرور نواز ٻگهيو
24-09-2017

”نوحو“

هاءِ مُحمدؐ جو نَواسو رِڃ ڪُٺو!
قافلو سارو ئي پِياسو رِڃ ڪُٺو!

سوچيو هِيڏو ڪِيس هو هِي ڪنهن ڪيو!
حُرَ ڪنيو مولا جو پاسو رِڃَ ڪُٺو

تڙپيو معصوم اَصغرؑ پاڻي لئہ
جنهن ڏِنو هُوندو دِلاسو رِڃَ ڪُٺو!

آلِ مُحمدؐ هو گهُريو اَصغرؑ لئہ آبُ
جنهن تي ٽِيو تِيرن جو واسو رِڃَ ڪُٺو!

جَنتُ البقَيہ ڪان، سائِڻؑ پهچي وَئي
ڏڙُ سِسيءَ ڪان ڏار، پِياسو رِڃَ ڪُٺو!

جَنهن بَچايو دِينِ اِسلامُ قُرباني ڏئي
ڏوهہ نہ ”سرورَ“ تولو ماسو رِڃَ ڪُٺو!

سرور نواز ٻگهيو
24-09-2017

”منقبت“

آ، دامن جنهن پنجتن جي جَهلي، تار مَنجهان سو ترندو وِيو
پڙهندو رهيو جو نادِ عليؑ، تار مَنجهان سو ترندو وِيو

مومن اِهڙو وقت بہ اِيندو، گهر گهر ”عَلم“ عباسؑ جو هُوندو
ماتم ڪِيو جنهن ڳَلِي ڳَلِي، تار مَنجهان سو تَرندو وِيو

ساقيءِ ڪوثر، واليءِ مَحشر، حَيدر صِفدر آ،
آ جنهن جي دل ۾ عليؑ ولي، تار مَنجهان سو تَرندو وِيو

مُرسلؐ جَنهن کي ياءِ سڏي، ۽ راضي جنهن تي ربّ هُجي
آيو تنهن وٽ جو بہ هَلي، تار مَنجهان سو ترندو وِيو

جڏِ موليٰ عليءَ جي قدمن تي اچي، دِل سان گهُري آ جنهن بہ دُعا
ڏِس قِسمت ”سَرورَ“ تَنهن جي کُلي، تار مَنجهان سو ترندو وِيو

سرور نواز پکھیو
15-04-2018

"عسکری کے چاند"

مشرق و مغرب کے آقا، رہبری درکار ہے
آیئے مولا ہمیں پھر، آ گہیٔ درکار ہے

آپ کے آنے سے آئے گا عَدلُ اِنصافُ بھی
دُکھ بھرے لمحے گذارے، سو خوشی دَرکار ہے

ہے خدائے لم یَزل سے یے، ہماری اِلتجا
آپ کو بھیجے، ہمیں پھر پیروی درکار ہے

سُن ہماری اِلتجائیں، عسکری کے اے وَصی!
آپ کو ہم مانگتے ہیں، سروری درکار ہے

آپ کے "سرداب" کا ہم، آج دے کر واسطہ!
مانگتے ہیں یہ دُعا کہ، حاضری درکار ہے

اے خُدایا! اَنبیاء و اَوصیاء کا واسطہ!
آج بھی ہم آسیوں کو، پَروری درکار ہے

سارے عالم کی دُعا میں، ہم بھی شامل ہو گئے
چاند ہے تو، تیری مولا چاندنی درکار ہے

جو قُرآن و اَہلبیت کے، دَرس سے سَرشار ہے
اے امامِ عصر وہ، ہی شاعری درکار ہے

آئمہ کی پیروی میں، بھی بَسر ہوجائے اور
حَقؔ شَناسی کو جو سمجھے، زِندگی درکار ہے

سّیدی، سردار، مولا، قائمؑ آلِ محمدؐ!
جو پسند ہو آپ کو وہ بندگی درکار ہے

ہے زمانے اور "سرور" کے گِرد کالی گھٹا
عسکری کے چاند، تیری روشنی درکار ہے

سرور نواز ڀگهيو
08-06-2013

"شانِ قلندر"
"شهنشاهہ۔ قلندر ڪي ڀيٽا"

هر دِل اندر، حاضر ناظر، مست قلندر، شاهہ قلندر
مرونڊ، سيوهڻ، شانِ سِڪندر، مست قلندر، شاهہ قلندر

جهولي جهولي لعل جا نعرا، ٻرپٽ ۾ بازارون ڀيهر
ڀيهر، ٽِيهر، ٻولي هَر هَر، مست قلندر، شاهہ قلندر

نانگا نِينهن نَچن ٿا جاٽي، مايون مرد اچن ٿا جاٽي
سيوهڻُ سو آ لعل سندو گهر، مست قلندر، شاهہ قلندر

سِنڌڙي توکي لعلَ ٿي ساري، ڇنيُرن سان روضو ٿي ٻهاري
ٽُنهنجو روضو نِينهن نشامبر، مست قلندر، شاهہ قلندر

تو وٽ ٻارهوئي ميلو آهي، سيوهڻُ هاٽي اُجرو آهي
جِيئي جِيئي بودلو سِڪندر، مست قلندر، شاهہ قلندر

داتا جي دربار بہ وَهوا، سيوهڻ جي سرڪار بہ وَهوا
اُونچو عَلم عباس[۴] جو بهتر، مست قلندر، شاهہ قلندر

سنڌ جُهڪي ٿي تو وٽ سائين، اَدب، ثَقافت، ڪي رنگ لائين
هاري ناري پوورهيت اڪثر، مست قلندر، شاهہ قلندر

عالِمُ فاضلُ، شاعِرُ ٿُون آن، "صَرف مِيزان" جو ماهر ٿُون آن
ٽِينَ سلامي تو وٽ ڳونڌر، مست قلندر، شاهہ قلندر

سڀ جون آسون اُميدون پُڄائين، "سَرورَ" من مُرادون پُڄائين
طالبَ پرور، بندو حيدر، مست قلندر، شاهہ قلندر

سرور نواز ڀڳهيو
28-10-2018

(ٽربيوٽ)

"مُرشد لطيف"

ڀِٽائي اسان جي سُڃاڻپ آ سائين!
اُنهيءَ کي پڙهون جي سِياڻپ آ سائين!

سندس سُورميون سڀ نِشامبر دُنيا ۾
سندس ڪيئي ڪِردار اَڪابر دُنيا ۾
اُهي جي نہ سمجهون اَياڻپ آ سائين!

مارو، سانگي، ماڻهن، ڏوٿيئڙن جو شاعِرُ
ڀِٽائي آ پورهيت ۽ ڪُڙمين جو شاعِرُ
اُهو حوصلو گهر ڏياڻپ آ سائين!

ڀِٽائي، اُتر، لاڙ ڪاڇي جو شاعرُ
وچولي سِري، ساري سِنڌڙيءَ جو شاعرُ
ٿا اُن کي چَڏيون جي ويڳاڻپ آ سائين!

ڀِٽائي بَرن ۽ ٿَرن جو آ شاعِرُ
ڪڇي ۽ پَڪي جي ٿَرن جو آ شاعِرُ
سندس شاعِري ساهَ سيباڻپ آ سائين

ڀِٽائي پهاڙن ۽ سَمنڊن کي ڳايو
دريائن جي مؤجن، مَلاحن کي ڳايو
اجان تائين ڪِينجهَر جواڻپ آ سائين

سچا سارا پنج سُرَ سسئيءَ جي حوالي
وطن ساڻ مُحبت تي مارئيءَ حوالي
ڪنڌي ڪاڪِ تي وٺي پُرالُپ آ سائين!

ڪِتي سُهڻي ميهارُ ۽ ليليٰ چنيسر!
ڪِتي ڪنول جا گُل، پَهاڻن جا پٿر!
هر سُر نئين ڪان نوالُپَ آ سائين!

ڀِٽائي وَيو ڳائي آهي ٻِيئي صِنفون
۽ تيهن سُرن ڪان وڌڪ ڪِيئي رمزون
سچو گنجُ پنهنجي ابالُپَ آ سائين!

سندس سوچ ۾ هُئي اِنسانيت سمايل
اُتر ڪان اولهه تائين، مُحبت سمايل
دُنيا جو سچو گرلو چالُپَ آ سائين!

ڀِٽائيءَ سان قُرآن ۽ ٽي ڪتابَ هُئا
سندس شعر ۾ تڏهين آيتون ۽ بابَ هُئا
ڀِٽائيءَ جو پيغامُ ڏاهپ آ سائِين

ڀِٽائي دُنيا ۾ آ سَرتاجُ شاعرُ
۽ فِڪري گهراين ۾ با تاج شاعرُ
سندس ذات "سرورَ"، وڏائپَ آ سائين!

سرور نواز ٻگهيو
07-08-2001
(ٽِريبيوٽ)

”لطيفيات“

ڪونہ مجي ها ڪوئي اسان کي
جي نہ هُجين هان ڀِٽائي!

گَنجُ فِڪرَ جو وِيندي ڇَڏي وِئين
سَبقُ مِليو آ سوئي اسان کي
جي نہ هُجين هان ڀِٽائي!

آيتون آهين بَيتَ هِي ٽُنهنجا
وايون بہ آڇيون توئي اسان کي
جي نہ هُجين هان ڀِٽائي!

ٽُنهنجون رِهاڻيون رَمز جون لهرون
لَڄَ مِلي ۽ لوئي اسان کي
جي نہ هُجين هان ڀِٽائي!

راڳُ ڏِنو ويراڳُ ڏِنو تو
سگهڙو سَجاڳَ جو ڏوئي اسان کي
جي نہ هُجين هان ڀِٽائي!

”سرورَ“ مَنگيو سَرنهن ڪٽو هو
ڏاڻُ مليو آ گهڻو ئي اسان کي
جي نہ هُجين هان ڀِٽائي!

سرور نواز ٻگهيو

03-05-2016 (ٽربيوٽ)

”ماءُ پيءُ جي عظمت“

مائرن جي مُحبتن ۽ عَظمتن کي سَوَ سلام
پاڪ پَوتر پيارَ جي صَد حَسرتن کي سَوَ سلام

جا نِپائي نَو مهينا، پيٽ ۾ پاڻهه سان
اُن اَمر جَذبن ۽ دِل جي چاهتن کي سَو سلام

ماءُ تي پالي سَنڀالي عُمر ساريءَ لئه اولاد
ماءُ جي اُن عُمر ڀَر جي خِدمتن کي سَوَ سلام

اُف بہ ناهي چَوڻو پنهنجي پيءُ توڙي ماءُ کي
باري تعاليٰ جي اِهڙن سُهڻن حُڪمن کي سَوَ سلام

جَن ٻَچن کي تا وَڏن، اَحڪام پيءُ ۽ ماءُ جا
تن ٻَچن جي سوچ سمجهہ ۽ مُحبتن کي سَوَ سلام

ماءُ جون دُعائون پُڄائن تِيون، ٻَچي کي عَرش تي
ماءُ جي اِهڙين دُعائن، قُربتن کي سَوَ سلام

ماءُ جي پيرن جي هيٺان جَنتي هِن صُورتون
چونہ ”سرورَ“ پوءِ ڳجن تن پيرڙن کي سَوَ سلام

سرور نواز ٻگھيو
10-07-2002

”غزل“ (جديد)

رُوحَ جو آوازُ آهي شاعِري
فِڪرَ جو پَروازُ آهي شاعِري

پيارُ پَوتر ۽ مِٽيءَ جي مَهڪ آ
سوز سِڪ جو سازُ آهي شاعري

حُورَ جَنت جو تصورّ هُوبهُو
نازُ ۽ اندازُ آهي شاعِري

ٻن دِلين جو پيارَ ۾ سُنهن ساڪَ تي
انجامُ ۽ آغازُ آهي شاعِري

پيارَ مُحبت ۽ وفا جي شَهرَ ۾
قصہء دمسازُ آهي شاعِري

عِشق وارن ۽ حُسن جي ديس ۾
شوقَ ۽ شهبازُ آهي شاعِري

قتل و غارت ۽ ڏُڪر جي دؤر ۾
مُعجزو اعجازُ آهي شاعِري

ٻِيو نِياپان تو سچڻ ساٿيھ سان
مُون لئہ هِڪ اعزازُ آهي شاعِري

مِينهن جيان هاسا ڪري ٿي ڪِيئن لهين!
مُون کي تو تي نازُ آهي شاعِري!

توڙڻ لفظن ۾ ”سرورَ“ سمجهيو آ
ڪائِناتي رازُ آهي شاعِري

سرور نواز ٻگهيو
27-01-2015

ٻارن لئہ گيت
(ڪافيءَ جي انداز ۾)

اَڄُ دِل تي چَوي، لِکُ ٻارن تي
ٿَر وَاسين تي، ٿَرَ وَارن تي

ڪمزور ٿِيا جي ڏُکَ جي ڳري
بي موت مُئا جي بُکَ جي ڳري
تِن جھرمر جِھرِمر تارن تي

چَنڊُ راتين ۾ رَهيو شاهِدُ آ
سِجُ ڏينهَن جو پَڪو شاهُد آ
ڇا گُذرِي مارئيءَ- مارُن تي!

ڳي بُکَ ۾ "سَرورَ" پاهہ ٿِيا
ڪي عِلاج وِٽي ڇڏي ساهہ وَيا
ڇو نہ قلمُ لِکي، بي سَهارن تي!

❀

سرور نواز ٻگهيو
26-09-1988

(نظم)

"دانُ"

گُلڙن ۾ سُرهاڻ وڌي آ
چانڊوڪي چانڊاڻ وڌي آ
هر هڪ مُک تي سَرهائي آ
هر پاسي ڪان واڌائي آ
پيارو ڪنهن اِنسانُ ڄڻيو آ
داتا ڪنهن کي دانُ ڏِنو آ
ڏُکن پُٺيان سُک اَچن ٿا
تاريخي اِئين وَرق وَرن ٿا
وقت نہ هِڪ هنڌ رَهيو آهي
وَسڪاري جِيان وَريو آهي
ساوڻ ۾ جي ٽِڙڪا آهن
اُلن جهڙا جهولا آهن
مُند بهارَ ۾ ٽڏڙا گهاٽا
ايندا آهن موٽي پاڇا
سَچائي سان ساٿ اَسانجو
اُصولي اوقاتُ اسان جو
موهيندڙ مانڊاڻ وَڌي آ
گُلڙن ۾ سُرهاڻ وَڌي آ
چانڊوڪي چانڊاڻ وَڌي آ

(نوٽ: بلاول ڀٽو زرداريءَ جي جنم تي لکجي ويل نظم)

سرور نواز ٻگهيو
02-11-2018

(ٽِربيوٽ)

بلاول ڀٽو زرداري

چوان گِيت چوان
بلاول گِيت چوان

ساهَہ ۾ سيبائي توتي گِيت لکان مان
پنهنجي اکين چائي توتي گِيت لکان مان
چَوان گِيتَ چَوان

ناناڻڪي نَسلَ جُون تو سِڪون لاهين ٿُون
هاري ناري پورهيت جو ٻَرجهلو آهين ٿُون
چَوان گِيتَ چَوان

هاڻي کان ئي عَوام لئہ تو پاڻُ پَتوڙين
سنڌ راڻي وارو ساڳيو جوش آهين ٿُون
چَوان گِيتَ چَوان

تو ۾ وڏيون اُميدون عَوام جُون آهن
هاڻي کان ئي جيڪي ٿُنهنجا گيت پيا ڳائن
چَوان گِيتَ چَوان

راهَہ جو تي گندو "سرورَ" جيڪو ٻي اِيندو
پير تنهن جو ڀُون‍ءِ تي نہ گڏهين ڪُپندو
چَوان گِيتَ چَوان

سرور نواز ٻگهيو
27-10-1996

”لولي“
(هڪ ٻاراڻو گيت)

مُنهنجا ٻچڙا ٿُون وڏو ٿي عِلم سان دِل لائِجان
عِلمُ حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، قومَ ڪي ڳَلِ لائِجان

ڪِين ڊِڄجان ڪنهن به غاصبَ يا لُٽيري کان ڪڏهن!
مرد ٿي تون مُنهن ڏِجان، ٿَڃُ ماءُ جي مَلهائجان

سَچ وارن ساڻُ حامي تو رهي پَروردگار!
ڪُوڙ وارن کان ڳجان پاسو نه ٿُون پَڇتائِجان

رات کي جو ڏينهن چَئي تنهن گِيدي ۽ گُمراهه کان
ڏُور ڀَڄجان ڳالهه مُنهنجي هِيئَن سان هَنڊائِجان

قَوم جي خِدمت ڪندين جي رُوحَ ۽ دِل جان سان
قومَ توکي نانءُ ڏِيندي، نانءُ ڀل ڪمائجان

قوم کان پوءِ ساري اِنسان جا ڪٽي ڏُک سُورَ ٿُون
سيني ”سرورَ“ لائجان پر ڪِين ڪي گهبرائِجان

❁

سرور نواز ٻگهيو
01-01-2000

"لولي"

عِلمَ سان رَڪجانءِ چاهُہ لا
مُنهنجو تہ آهين ساهُہ لا
پُنَڙا مُلڪ جو مانُ ٿِجانءِ
ٻَچڙا ديس جو شانُ ٿِجانءِ

ڏُکَ سُکَ اِينديَئي بابلا
تن سان گجانءِ تون تاهُہ لا

ياٺنُ پيٽن جو سَدا
تو ۾ ساهُہ پَساهُہ لا

روز نَئون مِلنديَئي سَبقُ
دُنيا آَتئي درس گاهُہ لا

پارت مارن جي آتئي
ٻُک ۾ نہ ٿِئي ڪو پاهُہ لا

دُعائون "سرورَ" ماءُ جون
واهي آ تنهنجو الله لا

❁

سرور نواز ٻگهيو
24-6-2001

(نظم)

"عِلمُ"

پيارا ٻارو عِلمُ پڙهو
عِلمُ پڙهيو پاڻُ مَلهايو

عِلمُ ڪتابن مان بہ مِلي ٿو
عِلمُ اُستادن ڪان بہ مِلي ٿو
عِلمُ اوجاڳن سان بہ مِلي ٿو
علمُ سان پُورو نينهن لڳايو
پيارا ٻارو عِلمُ پڙهو

عِلمُ اوهان کي سانجهہ ڏيندو
عِلمُ اوهان جا ڏُکَ ميٽيندو
عِلمُ جي پڙهندڙ آڪابُر ٿيندؤ
عِلمُ سان دل ۾ رُوحُ لڳايو
پيارا ٻارو عِلمُ پڙهو

علمُ آ ساري سَچ جي وَاٽ
باقي ڪُوڙ ۾ ڪَچ جي واٽ
چوهُہ ٽَڪر آ مَچ جي واٽ
سچ جي واٽ تي قدمُ وَڌايو
پيارا ٻارو عِلمُ پڙهو

دُنيا تي وئي ڳوٺ مِثل آ
دؤر چڱا پيٽي جو وَڏيل آ

معلوماتي ميڙو لڳلُ آ
سائنسي ميڙا سڀ ڪي گھمايو
پيارا ٻارو عِلمُ پِرايو

وقت اِهو ٿوَ ويل نہ ٽاريو
پنهنجا بَخت ۽ ڀاڳَ سَنواريو
دِل ۾ عِلمُ عَقلُ ويهاريو
"سرورَ" سچ جو نادُ وڄايو
پيارا ٻارو عِلمُ پِرايو
عِلمُ پِرايو پاڻُ مَلهايو

سرور نواز پکهيو
14-02-2005

”گيتُ“

عِلمُ حاصل ڪريو ٻارڙئو ديسَ جا
ڏِيان سان سَڀ پڙهو ٻارڙئو ديس جا

شانُ شوڪت رَکيلُ، سڀ عِلمَ ۾ آتوَ
مالُ دولت لِڪَلَ، سڀ عِلمَ ۾ آتو
پيارُ مُحبت ٻہ سانديل، عِلمَ ۾ آتوَ
پيا پڙهو ۽ ڳڙهو ٻارڙئو ديس جا

عِلمُ چانڊاڻ ۾ تو اُجالو ڪري
عِلمَ ڪي جو پڙهي ۽ ڪشالو ڪري
عِلمُ اُن جو ئي جَڳ ۾ تو نالو ڪري
ساهَہ سان سانڍيو ٻارڙئو ديس جا

عِلمُ ٻارو نَبيُن جي مِيراثِ آ
ياڳَ وارن ڪي اِيندو عِلمُ راسِ آ
عِلمَ جي، جي پُڇو ٽا تہ ڇا باتِ آ!
واٽ شهٽي وٺو ٻارڙئو ديسَ جا

❁

سرور نواز ٻگهيو
10-05-2005

”ٻارن لئه گِيتُ“

پڙهُه مِٺا بابلا، پڙهه مُنهنجا بابلا!
پيءُ جا دادلا، ماءُ جا دادلا!

پڙهڻ سان ئي ته ماڻهو ٿو اِنسانُ ٿِئي
پيڻ جا ٻَرجهلا، ڀاءُ جا ٻَرجهلا

پڙهڻ واري جي دَر تي خُوشيون ٿِيون نَچن
پڙهڻ وارو وڻي ٿو ڳَرولا، مَرگلا

خوابَ نيڻن ۾ تولئه سَڀِين پوکيا
خواب سُهڻا به هِن، خواب آهن ڀلا

تُنهنجي جِيون ۾ ڪيئي بَهارون گُهلن
تُنهنجي جِيون ۾ ڪيئي رَهن وِلوِلا

نالو روشن ڳجانءِ ديس ۽ ويَس جو
گِيتَ ”سرورَ“ لِکيا، پيارَ مان لاڏلا

سرور نواز ٻگهيو
10-05-2005

"ٻارن لئہ گيت"

ڏِريس ۾ ٻارُ ڪيڏو تو سُهڻو لڳي!
ماءُ جو پيارُ ڪيڏو تو سُهڻو لڳي!

وابسطہ ٻار سان ٿِيون، اُميدون ٿِين
ساھَہ سِينگارُ ڪيڏو تو سُهڻو لڳي!

ماءُ پيءُ جون دُعائون ڪَٽِي تو هَلي
ها اکين تارُ ڪيڏو تو سُهڻو لڳي!

شالَ پنهنجي ثقافت سان نيبهُہ ڪري
هُو ڳلي هارُ ڪيڏو تو سُهڻو لڳي!

ڪاميابيون سَدا ماڻيندو ئي رَهي
ٻارُ منٺارُ ڪيڏو تو سُهڻو لڳي!

ٿون بہ "سرورَ" دُعائن سان واسي ڇڏيس
ننڍڙو دِلدارُ ڪيڏو تو سُهڻو لڳي!

سرور نواز ٻگهيو
10-05-2005

"ٻارن لئہ گيت"

ڳوڙهُ ڳانيارو آ، ڳوڙهَ ڪان ٻڄُ ٻري
سَچ سوڀارو آ، سَچ بيلو تري

ديس جي نئين نسُلَ ۾ اُميدون سوين
تُنهنجي هٿ ۾ ڪِتابن تي دِل تي ٺري

توکي ٻچڙا حَياتي وڏي ڏِئي خُدا!
تولئہ دِل مان دُعائون اُٿن هرَ ذري

پنهنجو نالو دُنيا ۾ بہ روشن ڪجانءِ
واڳ تُنهنجي چڱِي واٽَ ڏي شَل! وَري!

ماءُ جَنت جي سُهڻي بَشارت آٿئي
ماءُ جي ڪونہ ٻچڙن سِوا تي سَري

دُعاڳو "سرورُ" ٻگهيو ساري جَڳ جو مِٺا
خيالَ خُوشبوءِ گُلابن ۾ وِيو ڪو ڀَري

سرور نواز ٻگهيو
11-05-2005

”ٻارن لئہ گيت“

منهنجي آسُن جو آهين ثمرُ تُون مِٺا!
دِل جي آهُن جو گهرو اثرُ تُون مِٺا!

تُنهنجو معصوم پِٽو ٻاجهہَ جو درسُ آ
نيڪ عَملن جو چِٽو ڪو اَجرُ تون مِٺا!

عِلمُ نبيُن جي مِيراثِ آهي پِرين!
عِلمَ جي راهہ جو هِين سَفرُ تُون مِٺا!

سچ تُنهنجي لُغت ۾ آ ماڪيءَ مِثل
ڪُوڙ وارن لئہ آهين زَهرُ تُون مِٺا!

پيارُ جادوگري تنهنجي لفظن ۾ آ
چاندوڪِي رات ۾ هِين سَحرُ تون مِٺا!

ڇا تہ سوچن ۾ پاڪِيزگي تي بَڪئي!
ڄڻ عِبادت جو پهريون پَهرُ تُون مِٺا!

ڇا تہ تشبيهہ ”سرورَ“ تي سِرجي اچي!
ڄڻ امبرَ جو هِين ڪوئي قمرَ تُون مِٺا!

سرور نواز ٻگھيو
11-07-2005

"ٻارن لئہ گيت"

منهنجا الله تو دَر دُعا ٿو گهران!
پنهنجي محنت سان دَرجا، هَرُئي پاس ڪِيان

ڪاپي ڪينسر بہ آ، ڪاپي ناسُورُ ٻِي
ڪاپي جيڪو ڪري، تنهن کان نَفرَت ڪَيان

مُون کي وڏڙن جي ساڃاهَہ، ڏِيڻان ڏٽي!
پنهنجي وڏڙن سان ٻاڙو نہ ڳَڏ ٻوليان

مُنهنجي دِل ۾ عَزيزن لئہ عِزت رَهي
ماءُ، اُستادَ، پيءُ جي ادبَ ۾ رهان

مون کي حَق، سَچ رستي، هَلائج ڏٽي
زِندگي جي سفر ۾ عَدلَ سان هلان

مُون کي خِدمت جي جذبي سان سرشار ڪَر
آقا، خِدمت کي سمجهي عِبادت ڪَيان

عِلمَ مُنهنجي ۾ واڌارو ٿِيندو رهي
آءُ ڪتابن کان ڪو پَل پَري نہ ٿِيان

ٿنهنجو محبوبُ "سرورُ"، عِلمَ جو شهرُ
دَر شهرِ جي عليؑ کي ٿو مان ٻِي ميڃان

سرور نواز ٻگھيو
12-07-2005

"ٻارن لئہ گيت"

يا ڌڻي! اَمنُ ۽ آچپو تو کپي!
پيار پيءُ ماءُ جو اڄ جَجھو تو کپي

ساري اِنسانيت جي مان خِدمت ڪيان
اُنس اِنسان لئہ اَڻ مَيو تو کپي

مُنھنجا موليٰ مون کي، ڏِيان وارو ڳجانءُ
سُرت، ساڃاھ، ڏِجانءُ ۽ آجھو تو کپي

آءُ ٻاڙي ٻِتيءَ جو مَددگار ٿِيان
تو جھڙو مُون کي ڪو ٻَرجھلو تو کپي

يا الله تُنھنجي ٻَانھَن جو ٻَانھُون ٿِيان
تن تان صَدقو وَڃان، حوصلو تو کپي

پنھنجي مَحبوب "سرورَ" جي صدقي ۾ ربَّ
غيبي طاقت ڏِجان، وِلوِلو تو کپي

سرور نواز ٻگهيو
17-07-2005

"ٻارن لئه گيت"

آءُ ٻالڪ، سنڌي ٻولي ۾ تو لکان
آءُ ٻالڪ، سنڌي ٻولي ۾ تو پڙهان

مُنهنجي ٻولي مِٺي، ماءُ لولي مِٺي
آءُ تو اَجرڪ ۽ ٽوپي کي گلچر مڃان

مُنهنجي ٻولي ۾ ڪيئي ڪتاب هِن ڇپيل
مُنهنجي دِل تي ڇُوي، سي سَيئي مان پڙهان

ڇا ته سِنڌڙيءَ کي اعزازُ آهي مِليلُ!
هِت ٻِڌائي، سچل، سَامي، نَئين سِج نوان

مُنهنجا الله مُون کي بُخاري مِليو
توڙي اياز تِي، آءُ ٻيهرَ ڄمان

مُنهنجي سِنڌ ۾ سُريلا هِن شاعر گهڻي
تن ۾ "اِمدادُ"، "شمشيُر"، "سرورُ" جَوان

سرور نواز پگهيو
17-07-2005

”ٻارن لئہ گيت“

بابا مُون کي ٻڌائيءَ جو روضو گُهماءِ
اُت رَکيل گنجُ آ، مُون کي زِيارت ڪراءِ

شيخ اياز آ اُتي، مِيرُ سانگي اُتي
آ ٿمرُ ٻِي اُتي، تن جي تُربت پَساءِ

شاهَہ جو راڳُ ٻِي مان ٻُڌڻ ٿو گُهران
رات هِڪڙي تہ ڪا ٻِٽَ ڏٽي تي ترساءِ

آءُ مَسند_نشين سان مِلڻ ٿو گُهران
مُون کي سائينءَ جي جلدي ٿُون پِيرين پَواءِ

بابا مُنهنجا بہ ٽي دوست ٻِي ٽا هَلن
بابا سائين، اُنهن کي بہ مليو گُهماءِ

پَهريان بابا، اَميءَ کان دُعائون وٺان
پوءِ پنهنجي سَواري ٻلي ٿُون گُهراءِ

بابا، ٻارن لئہ ”سرورُ“ لکي گِيتَ پيو
مُون کي ڪڏهين تہ اُن سان بہ ٿورو مِلاءِ

سرور نواز ٻگهيو
11-07-2005

"ٻارن لئه گيت"

اسين ٻارَ سِنڌ جا پڙهڻ ٽا گُهرون
پڙهڻ ٽا گُهرون ۽ ڪڙهڻ ٽا گُهرون

اِسين پنهنجي ٻوليءَ کي سُهڻي لپيءَ ۾
او سنڌ جا مُصوّر لِکڻُ ٽا گُهرون

ها مُشقت ۽ مِحنت سَهاري اسين
دُنيا ۾ اڃان ڪُجھ وَڌڻ ٽا گُهرون

هُون دُنيا مَنجھ آهليت جا قائِلَ اسين
۽ آهليت کي قائم رکڻ ٽا گُهرون

سو عوامي جدوجهد وسيلي اسين
سماجي بُرايون گُهڻُ ٽا گُهرون

ها ۽ تَخليق، تَحقيق جي ڊوڙ ۾
اسين ديس کي ڪُجھ ڏِيڻ ٽا گُهرون

اسين پنهنجي عِلم وهنر ساڻ "سرورَ"
سڄو جڳ مُنور ڪرڻ ٽا گُهرون

❀

سرور نواز پکيهيو
28-07-2005

”ٻارن لئہ گيت“

عِلمُ تو مُحبت وڏائي دُنيا ۾
عِلمُ روشني تو پُڄائي دُنيا ۾

عِلمُ سَمجهو چڻُ نُور جي لاٽَ آهي
عِلمُ آگِهي تو رَسائي دُنيا ۾

عِلمَ وارو ماڻهو اُڪابرَ تو سَڏجي
عِلمُ جوتِ جوهرُ، وِرهائي دُنيا ۾

عِلمُ جي حوالي سان ترقي ٻہ ٿِئي ٿي
عِلمُ ماڻهو سان تو رَهائي دُنيا ۾

عِلمُ جو لِڪل رازُ مِحنت ۾ آهي
جو مِحنت ڪري سو تو ڪائي دُنيا ۾

اسان جي آ سَنگت، عِلم ساڻ ”سرورَ“
عِلمُ مُعتبر تو بڻائي دُنيا ۾

سرور نواز ٻگھيو
28-07-2005

"ٻارن لئه گيت"

اسين ماءُ پيءُ جي جو عِزت ڪيون ٿا
تڏهن ئي ته جڳ ۾ خوشين سان جِيئون ٿا

اسان لاءِ ماءُ پيءُ آ قِبلو ۽ ڪعبو
اُنهن جي دُعائن جي ڇانئن رهون ٿا

ڏٺي ڪنهن ڪي دُنيا ۾ ڇورو نه ڳر ٿون!
ڏِسي حالُ تن جو اسين پِيا روئون ٿا

ڪَڇي هَٿُ شفقت جو جن جي مٿان تو
اسين حالُ تن جو ڏسي نه سگهون ٿا

ڪري والدين جي جو خِدمت تو دِل سان
اسين ٻار اُن کي چَڱو ئي چَئون ٿا

اِلاهي اسان کي به توفيق ڏي ڪا!
چڱاين جي رَستي تي ڪُجھ گهٽ هَلون ٿا

آ، ڇيجل جي پيرن ۾ جنّت جي "سرورَ"!
اِها بي خُدا جي آ نعمتَ ميون ٿا

SOORIH SINDHI ADAB

سرور نواز ٻگهيو
28-07-2005

”ٻارن لئہ گيت“

اسين عِلمَ وارا، اسين حِلمَ وارا
اسين ماءُ پيءُ لئہ، هُون اکڙينُ جا تارا

اسين روشنائي، اسين آسَ ڪائي
اسين هُون سُيان لاءِ سَڀ جا سَهارا

ها فِطرت اسان کي ڏِسي خُوش ٿِئي ٿي
اسين گوُنج گلين ۾ هُون جو نِيارا

اسان لئہ زمانو بہ سوچيندو آهي
اسين ننڍپڻ ۾ ڪِٿي وَسَ وارا!

اسان کي پڙهائڻُ شهنشاهي ڪمُ - آ
پڙهڻ جي ڪري هُون اسين ڀاڳَ وارا

اسان ۾ اُميدون، سَوين هِن آوهان جون
اسان لاءِ آتا چَڱايُن جا چارا

اسين ٻار هُوندي بہ سَمجهون ٿا ”سرورَ“!
عِلمَ ريءَ پنهنجا نہ ٿِيندا گُذارا

SOORIH SINDHI ADAB

سرور نواز ٻگهيو
30-07-2005

"ٻارن لئہ گيت"

خُدايا! اسان جي عِلمَ کي وَڌاءِ
جِهالت اسان جي کي مُورئون گهٽاءِ

اسين ڳاٽَ اُوچي سان زِنده رَهون
اسان کي ڏِٺي سُرخرو ٿون بڻاءِ!

اسين اَمنَ و مُحبت جا پَرچار ٿِيون
اسان کي ڪنهن ٻِي سوچ کان ٿُون بچاءِ

اِلاهي! اسين ٿُنهنجا معصومڙا
اَسان کان ڪي جَڳ ۾ چَڱا ڪم ڪراءِ

اسين پيارَ اِنصاف، سچ لئہ جِيئون
ڏِٺي ٿون اسان جُون هِي آسُون پُڄاءِ!

دُنيا ۾ پَکيُن، ٻارڙن ۽ گُلن جي
او مالڪ! حُسن سُونهن کي ٿُون بَچاءِ

آسان لئہ تو "سرورُ" لِکي گيت دِل سان
اُنهن کي او مولِيٰ ۾ اَمرُ ٿون بڻاءِ

سرور نواز ٻگهيو
28-07-2005

”ٻارن لئہ گيت“

اسين ٻارَ مزدورَ پورهيت بہ آهيون
اسين ديس پنهنجي جي دولت بہ آهيون

اسين عَزمِ وارا، اسين شانَ وارا
اسين ڳُڙم پنهنجي لئہ فرحَت بہ آهيون

آ تنهنجيرَ نازان اسان جي عَمل تي
اسين قومَ پنهنجيءَ جي فِطرت بہ آهيون

اسين ٻارڙا هُون مگر سَگهَہ آهيون
اسين اوڙي پاڙي جي شُهرت بہ آهيون

اسان تي لِکيو آ وَڏن شاعرن پڻ
جي سمجهو تہ قومي وِراثت بہ آهيون

اسين پنهنجي تقدير بدلي سگهون ٿا
اسين ديس ڳاڻ عَقيدت بہ آهيون

اسان جي رَوش تي نہ چِڙ تون اي ناصح!
اسان کي جي ڏِسنديِن مُحبت بہ آهيون

اسين ديس پنهنجي جا خادِمَ هُون ”سرورَ“
اسين ماءُ پيءُ جي مَودَتَ بہ آهيون

سرور نواز ٻگهيو
07-08-2005

"ٻارن لئہ گيت"

اسين ٻار آهيون وطن جي ڪهاڻي
ڏٺي هر قدم تي اسان جو آ ساڻي

اسين جوش ۽ هوش وارا بہ آهيون
اسان کي ٻنين لاءِ گُهرجي تو پاڻي

اسين پاڪَ آهيون، اسين ساڪَ آهيون
اسان جو حَياءُ آهي نُوري نِماڻي

اسين آسمانن جي رَستن جا راهي
اسان جي ڳڏهن سوچ ناهي وِڪاڻي

اسين باغُ جنت جو ڌرتيءَ کي ٿاهيون
مُخالف وَچن سان ڳيون هِڪ هِڪاڻي

اسين سڀ سُياڻي جا رکوالَ "سرورَ"!
اسان جي رڳن ۾ سِنڌوءَ جو آ پاڻي

سرور نواز ٻگهيو
07-08-2005

"ٻارن لئہ گيت"

اسان جي دِلين ۾ مُحبت وطن لئہ
مُحبت وطن لئہ مودّت وطن لئہ

وَطنُ جي وڏي هُوندي خِدمت ڪنداسين
ننڍي هُوندي مِحنت مُشقت وَطن لئہ

اسين ٻار پيارا، وطن جا سِتارا
اسان جي عَزيزو! عقيدتَ وطن لئہ

وَطنُ ماءُ جي آهي چادرَ برابر
اُنهيءَ لئہ اسان جي رِياضت وطن لئہ

اچو وطن وَاسيو! اَڏيون ديسُ گڏجي
اسان جي پلانِنگ، قِناعت وطن لئہ

اسين ٻُوٽن جا ٻارَ موتيءَ جا داڻا
اسان جي آ "سرورَ"، سَخاوت وطن لئہ

سرور نواز ٻگھيو
09-03-2005

"ٻارن لئه گيت"

اسان جھوليون جَھليُون آهن، عِلم سان ڀر خُداوندا!
اسان کي دِين دُنيا ۾، تُون ڪاملُ ڪر خُداوندا!

اَسين اَبهم ٻچا آهيون، مگر تا عِلمَ کي چاهيون
اسان جي ذوقَ تي ڪو ٻاجَھه جو هَٿُ ڌَر خُداوندا!

اسان کي پنهنجي پيارنَ جي مُحابي عِلمَ وارو ڪر
اسان جي مِحنتن جي مِيتا، ٿِئي گهرَ گهرَ خُداوندا!

پڙهي پُرجهي ڪيون خِدمت، اسين مِسڪين ماڻهُن جي
اسين خِدمت ڪيون دِل سان وَڃي دَر دَر خُداوندا!

اسان جي سوچ کي دائمُ ۽ قائمُ رک پِرين پروَر
ڪيون اِنسانَ جي خِدمت، تائين محشر خُداوندا!

اسين ماءُ پيءُ ۽ اُستاد جي خِدمت ڪيون آقا!
اُنهيءَ ڪان اڳ صُبح سانجِهي، تنهنجو ڪِيون ذِڪرُ خُداوندا!

تُنهنجي دَر تي جُهڪون مولي، تُنهنجي درَ تي اَچون سائين
اِها افضل عِبادتَ آ، چَئي "سرورُ" خُداوَندا!

سرور نواز پکهيو
19-04-1986 (نظم)

”وطن جا پار“

وَطن جا اَبهم وطن جا ننڍڙا، وڏا ٿي سُورهيہ هِي پارَ بڻبا
هَٽائي اُونداهہ، اُجالو آڻي هِي روشنين جا مُنار بڻبا

قدم قدم سان مِلائي کَڻندا، ننڍي وڏي جو ڇيو ميڇيندا
وَڏي پيا وڏندا، ڪڏهن نہ هَٽندا، چَمن لئہ مِثل بهار بڻبا

لَبن تي نغمہ دلين ۾ خوشيون، نگر نگر ۾ ڏِيا جلائي
سَچن جا سنگتي، بُرن جا مارا، وطن جي خاطر مَلهار بڻبا

دُنيا ڇڏڻ کان اڳي ئي جوڙا، دُنيا ۾ نالو ڪمائي ويندا
اُجيَن جو آڌر، ٻُکين جو واهر، ڏُکين سندا غمگسارَ بڻبا

ٺڳن ڪي هڪلَم سُڃاڻي وَٺندا، ٺڳين کان پاسو ڪري پيا لنگهندا
سچن جا ساٿي هَميشہ رَهندا، سچن جي ”سرورَ“ پُڪار بڻبا

❀

سرور نواز پگهيو
03-05-1986

هائڪا

(1)

جو پيءُ پار مئو
بي گناهہ جي مئو تہ
مُنهنجو خُون ٿيو

(2)

ننيڙي پياري حِنا
تُنهنجي موت جو ٻُڌي
مُنهنجا نيڻ ڀِنا

(3)

اڄ جي بالڪ حِنا
ڏاڍو ڏُک ٿِيو آ جِيئن،
تُنهنجا ڏينهن پُنا

(4)

چرچو تُنهنجو آهہ پَر ڪي
ماٺهو هِينئن چَون ٿا
موت حِنا جو ناهہ

(5)

معصومن هِيءَ مار ڇو؟
ننيڙن ٻارن جو آخر،
ڪهڙو ڏوهہ هُيو؟

(6)

مالڪن چَين وَڌيو
ڌرتي جي ڪنهن حِصي تي
جڏهن ظُلم ٿِيو

(7)

جُرئت واري جِنا
ٿُنهنجي قاتل ڪان اسان
رِشتا سَڀ ڇِنا

(8)

مُنهنجي آهه دُعا
ويڙها تنهنجا شال وسن!
ڦِهرئين جِيئن هُئا

سرور نواز ٻگهيو
16-12-2018

"ڪافي"

مولا تُر جي پاسي، هيڪر مِينهن وَسن شل!
ڏُڪر ڏيهان ڏور ٿِئي، مارُن مالَ چَرن شل!

ٿَرَ جون اِسپتالون، سُپر پاورس جُون لڳن
تِن ۾ ماهر ڊاڪٽر پنهنجن سَيٽُن تي پُڄن
لامارا هُو موت جا، ٻارن تان ٻه ٽَرن شل!

جهانگي سانگي ڳائِن، هَمرچا ۽ جَمالا
ٻيهر ڪڍن ڪِينڪي ڪنهن جي ڪانَ ڳشالا
مور ۽ ڊيلون موج مان، سُهڻا ناچ نَچن شل!

صادق، مائي ڀاڳي، شفيع، تُنهنجو ديس وَسي
حليم باغي، ڪريم فقير، خطائي، تُنهنجو ديس وَسي
مارئي تُنهنجي مُلڪ جا، سيئي ٻار جِيئن شل!

ٿر تي لَعل لَطيفَ ۽ سيوهاڻيءَ جِي ڇانوَ هُجي
مخدوم ٻِلاول، شاهہ عنايت، درازيءَ جِي ڇانوَ هُجي
"سرورَ" سِنڌ جا شاعر سَڀُ، ٿَرَ تي شعرَ لِکنَ شل!

سرور نواز پکھيو
16-12-2018

"ڪافي"

ننگري ناٿن شاهہ جي، توکي ڪير وساري!
ميلو جُڙيل شاهہ توڙي، توکي ساهہ سنڀاري

ليڊي هيلٿ ورڪرن کي پنج سؤ ستاسي هُون ڏينهن آ
نہ ڪي سِينارٽي لِسٽ آ، نہ ڪِي پگهارون ٽِريري مان
نياڻيون ڪنهن کي ڏانهن ڏِين جيڪو ٻيڙو تاري!

ٻُک هَڙتال تي ٻُک هڙتالون، اوهي واهي ڪونهي ڪو
ووٽ وٺي پوءِ ڪونہ نِڪرندا، رَهبُر راهي ڪونهي ڪو
سائو سَنجي کي تو پيو، پيرن منجهہ لتاڙي!

جُڙيل شاهہ بہ تُو ۾ ۽ ناٿن شاهہ بہ تُو ۾ آ
ناٿن شاهي شاعرَ ۽ عَلَمَ شاهہ بہ تو ۾ آ
عِلم ادب جو مرڪزُ تو ۾ طالبُ راهہ نهاري

"سرورَ" سنڌ جي مرڪز جهڙي هِيءَ جا پُونءِ پلاري
جنهن جي ڏيهہ توڙي پرڏيهہ ۾ آهي ناماچاري
سُورهيہ سَرويچن جي ڌرتي، هِينانءِ تو هَنجڙون هاري!

سرور نواز ڀگهيو
10-10-2013

”غزل جديد“

مُنهنجي مُحبت وَطن جي وَڻن سان بہ آ
مور ٻيلن ۾ گُونجن پکين سان بہ آ

ڪيڏو ساوڪَ ڀَريو ديسُ داورَ ڏِنو!
اُن جي موتِئي گلابي گُلن سان بہ آ

گَدَ، قاڙها، هَرڻ سُونهن هِن ديسَ جي
تن جي ٽينگَرَ ٽَپن ۾ گُڏن سان بہ آ

هِت ڪمند تو ٽِئي، ووَنئڻ ڀِي هِت ٽِين
ٽِرَ، چانورَ ڪٽڪَ جي سَنگن سان بہ آ

ديس جي نوجوانن تي ويساهُہ آ
تن جي محنت، مُطالعي، مگن سان بہ آ

ديس واسيُن جي ڏاهپَ ۾ حِڪمت جِيئي
ٿَن جي سوچن ۾ سپنن، سُخن سان بہ آ

سِندُو جي هِڪ طرف، شاهُہ، شهبازُ آ
ٻئي طرف ڀِٽَ ڌَڻي جي ڀِٽُن سان بہ آ

شيخ اياز اُستادُ، ”سَرورَ“ جِيئَن
تن جي گِيتن، غزل ۾ قطعن سان بہ آ

سرور نواز ٻگهيو
27-05-2017

(ٽريبيوٽ)

"پنهنجي سڳي امڙ جي لاڏاڻي تي لکيل"

جنهن پيٽ ۾ تي پاليو سا ئي اسان جي جيجل
هَر وَاءَ کان سَنڀاليو سا ئي اسان جي جيجل

ڦهريائين ڪِيرُ پنهنجو ٻه سال پِئي ڏِنائين
اوجاڳا ۽ ڏکشالو سا ئي اسان جي جيجل

کاڌو خوراڪ جنهن پوءِ، هَٿن سان تي کارايو
لوليون ڏئي سُمهاريو، سائي اسان جي جيجل

ٻوليون ٻه ٻوليائين، ٻاتيون اسان سان گڏجي
ٽِڪڪِين سان جنهن کيڏايو سا ئي اسان جي جيجل

سُهڻيون سُٺيون ڳالهيون، جنهن رات جو ٻُڌائي
اِئين نِنڊ تي ڳرايو سا ئي اسان جي جيجل

ٿي چار سال سانديءِ، اوجاڳا پئي ڳڏيائين
مُنهن مُرڪندي ٻسايو سا ئي اسان جي جيجل

پينسل، ڪتابَ، ٿيلهو، سڀ ڪجهه سَنڀالي رکيئين
جنهن شام جو پڙهايو سا ئي اسان جي جيجل

پاسو ڪَنيئين اسان جو حَقَ تي اسان کي سَمجهئين
ٻارن کان جنهن بچايو سا ئي اسان جي جيجل

ٻُسريون، ڳٽيون اسان کي، ڍوءَ تي کارايون، آيل
جنهن ماهيو کير پياريو سا ئي اسان جي جيجل

ڳوڙهيُون لِڪائي ڏِنيدي، هَر ٻار کي رهي هُئي
ٻچڙن سان جنهن نِڀايو سائي اسان جي جِيجل

چوويهه ڪلاڪ ڳَنتي، رَهندي هُئي اَمڙ کي
اولاد لئہ جا سايو سا ئي اسان جي جِيجل

ٻَچڙا جوانيون ماڻن، اولادي ۾ سُکيا ٿِين
جنهن رب کي ٻاڏايو سا ئي اسان جي جِيجل

اولاد جنهن لاءِ سڀ ڪُجهہ، ٿورو نہ هِڪڙو لاهيون
دُنيا کي جنهن ٻُڌايو سا ئي اسان جي جِيجل

سڀ کان نِرالو رِشتو سڀ کان اُجالو رِشتو
دُشمن کان جنهن بچايو سا ئي اسان جي جِيجل

اولاد کي هُو حاضرُ، حاضرُ ابا هُئي چَوندي
پئسا ڏئي رِيجهايو سا ئي اسان جي جِيجل

جَنت خدا رکي آ، مائُن جي پَيرن هيٺان
جنهن جو نہ مَٽُ ٻڌايو سا ئي اسان جي جِيجل

جَنت جُون شل هَوائون، ماڻين او مِنڙي آيل
پنجتن جو جنهن تي سايو سا ئي اسان جي جِيجل

يا رَب رَسُول صَدقي، ٻيڙا سين جا اُڪرن
ڏينهن رات جنهن سَمجهايو سا ئي اسان جي جِيجل

هِڪ ڏِينهن جو بہ ٿورو "سرورَ" نہ لاهي سگهبو
جنهن ساٿ پِئي نِڀايو سا ئي اسان جي جِيجل

سرور نواز ٻگھيو
24-03-2018

غزل (جديد)

ماءُ سٽائي مِٺڙي لولي
سِنڌي ٻولي قومي ٻولي

شالَ جَوانيون ماڻين ٻَچڙا!
ماءُ جي ممتا جھولي جھولِي

صديُن جي تاريخ رکي ٿي
جِندُ اُنهيءَ تان گھوري گھولي

دُنيا جون جي پھريون ٻوليون
تن مان آهي سِنڌي سولي

شاهوڪار زبانن مان آ
جُھومِي ڳائي ٽولي ٽولي

دُنيا ۾ ڳالهائي وڃي ٿي
صاف شفاف آ، ناهي پَرولي

سچل سائين ٿُون بہ چَئي ڏي
ڪاٽي مِلندئي هِھڙي گھڙولي!

چا تہ ٻڌائي پَھرائي وِيو!
پنهنجي شعر کي فِڪري چولي!

نِيٺ تہ سِنڌو ٻرجي وَهندو
ھَوندي لُڙائيل چولي چولي

ٻُونءِ جا وارث جاڳي پوندا
آءُ بہ تن جي ٻانهِي گولِي

شِيهي جي ديوارِ تي ٻيهو
نعري مولا جي ۾ گولي

سُهڻين سوچن جا شهزادا
تُنهنجي سوچَ بہ نَئين نَويلِي!

ٿَر تي رات بَرساتون وَٺيون
جُهمريون پائي پُسايو چولي

سات سنياليو گڏجي هِڪ ٿِيو
ڪري نہ سگهندو ڪوبہ مخولي

سِنڌڙي شاد آباد رهي شل!
"سرورَ" صُوفين رنگ رتولي

❀

سرور نواز ٻگهيو
01-04-2006

”ٻارن لئہ گيت“

ماءُ ڇيجل جي آ، ڄيڻن لولي مِٺي
ڏِٺيِن اسان کي سِنڌي پنهنجي ٻولي مِٺي

پينگهي عيوضِ سُتاسِين جي ڏوليءَ آسين
سا ئي ڪَٿَ ۾ ٻَدّل، اڄ بہ ڏولِي مِٺي

مُنهنجي جهوليءَ جي پارت هُجئي بابلا!
ماءُ تُنهنجو قَسمُ تُنهنجي جهولي مِٺي

قَرضُ تُنهنجو لَهي، ماءُ، ڌرتِي بَچي
ڪولي عيوضُ مِلي، پوءِ بہ ڪولي مِٺي

مُون کي ٻَنڌڻن ۾ پارايئي جيڪا امان
تُنهنجي هَٿڙن سِبيلَ سا، آ چولي مِٺي

گيتُ ”سرورَ“ لکيو تُنهنجو ڌرتي امان
تُنهنجي سِنڌوءَ جي اڄ ٻيي آ چولي مِٺي

سرور نواز ٻگهيو
1986

"غزل"

مُون کي دَرد ڏِين ٿِيون يادُون، پُنهنجي يادُن کي سَمجهاءِ
سارون وَڻ ويڙهي ٿي ڇنبڙيون، پنهنجي سارُن کي سَمجهاءِ

راتِ تہ ٿِيندي نِنڊ لئہ آهي، پر کي تُنهنجو پيارِيُون ڳالهيُون
مُنهنجي نِنڊ ڦِٽائن ٿِيون پِيون، پنهنجي ڳالهين کي سمجهاءِ

ڪالهہ تہ توسان گڏ هُئس جاني، رات پِئي آ هِڪڙي وِچ ۾
تُنهنجو سوچون سُمهڻ نہ ٿِيون ڏِين، پنهنجي سُوچن کي سَمجهاءِ

مُنهنجي دِلڙي دَردن ماري، تُنهنجا پنهنجا درد هزار
پوءِ بہ دِل ٿي ايڏيون ڪاهُون، پنهنجي ڪاهُن کي سمجهاءِ

ٽَڙپر ٽَڙپي، ڦَٿڪي ڦَٿڪي، جڏهين ٿو وَٽ اِيندو آهيان
توسان ماٺهو مِلڻ نہ ٿا ڏِين، پنهنجي ماٺهن کي سمجهاءِ

تُنهنجي سِرَ جو سُنهن "سرورَ" کي تُنهنجون اکڙيون ڏاڍيون سِياڻيُون
ڏاڍا ڏُکيا سوال پُڇن ٿيون، پنهنجي اکين کي سَمجهاءِ

(نوٽ: ٽن ڏينهن جي لاڳيتي لُڇ پڇ، پيڙا ۽ ولوڙ کان
پوءِ لکيل غزل)

سرور نواز ٻگهيو
22-03-2016

"ڇيڇ"

لِکَيمُ ٽُنهنجو نانءُ، دِل جي ڦَرحيءُ جي مٿان
مُنهنجو سارو پورهيو سُپرين، تنهن تي ٽُون ئي ڇانءَ
تو ئي بخشيو گِيت لکڻ جو، مُون کي سُهڻو ڏانءُ
ٽُنهنجا ٽورا لاهي نہ سَگهيُس، ڳائي سگهان شل آءُ
پيارَ جو پورهيو پنهنجو "سرورَ" ڇڻ ڪو ٽڏڙو ٽانءَ

سرور نواز ٻگهيو
01-01-2019

جديد غزل (ماءُ)

هڪ ماءُ اُها جَنهن جَنميو آ، ٻيو ڌرتيءَ کي ٿا ماءُ چَئون
پنهنجي هَر هِڪ شيءِ ۾ ساهُ اٿئون، پڻ ٻوليءَ کي ٿا ماءُ چَئون

صَديُن کان اسان جي ثقافت ۽ ٿهذيب و ٿمندن ساڳي آ
اسين پنهنجي مِٽيءَ کي چُمندا هُون، بخت واري مِٽيءَ کي ٿا ماءُ چَئون

تواريخ اسان جي مُحبت سان، ڪنهن ڪونہ لِکي ٻا ڪنهن کي چئون!
تواريخ اسان جي سوني آ، تنهن سونيءَ کي ٿا ماءُ چئون

ڳئي ڪوٽ قلعا ۽ ڊورا ڍَنڍون، سي عَظمت جا اُهڃاڻ لَڳن
اسين اڄ ٻي پنهنجي عَظمت جي، ڪنهن ڳلنگيءَ کي ٿا ماءُ چئون

تو جهيڙيو آهي ڌَرتيءَ جي ڪن ڏڱ دِليرَ اِنسانن سان
اسين پنهنجي هِڪ هِڪ سُورميءَ کي ۽ مارئيءَ کي ٿا ماءُ چئون

ٿون جُهد اسان جو ڄاڻڻ چاهين ٿو تہ ڪوهيارَن کان پُڇجان
۽ اِهڙي طريقي سان سَيئي، اسين سَسُئيءَ کي ٿا ماءُ چئون

مايا تي وِڪامندا ناهيون اسين، جو وِڪامي وڃي سو اسان مان نہ آ
اسين پنهنجيءَ ريت سان هَلندا هُون، ٿا رِيت اُصوليءَ کي ماءُ چئون

اِن ڳالهہ تي "سرورَ" حيرت آ، هُو اسان کي سُڃاڻي ڪونہ سگهيا
اسين مرندي مرندي بَچندا هُون، سو حياتيءَ کي ٿا ماءُ چئون

سرور نواز پگهيو
17-03-2016

هڪ نئون "غزل"

سِنڌڙيءَ جا سينگارَ بہ پنهنجا
دلبرَ ۽ دِلدارَ بہ پنهنجا

هوشو هيمون، دودا، سوڍا
جوڌا ۽ جُونجهار بہ پنهنجا

سِنڌڙي چِنڊڙي ساهہَ سَڳو آ
جنهن جا نيڻهن نِڪارَ بہ پنهنجا

مَلملَ ڏيساور تي وِيئي
وَانگيُن جا واپارَ بہ پنهنجا

هاري ڪيڙن، پوکن، ڳاهِن
گُٽکن جا انبارَ بہ پنهنجا

سانوڻ جا وسڪارا ٿَرَ تي
مارُن مينگهہَ مَلهارَ بہ پنهنجا

وَسڪارا ۽ گوڙون، ڪِنوٽيون
گگرن ڪارونڀارَ بہ پنهنجا

پنهنجا نادَ، نفيلون، بِينون
جهانجهرَ ۽ جهنڪارَ بہ پنهنجا

سُر ۽ تار جا ڄاڻو "سرورَ"!
سُهڻا موسيقارَ بہ پنهنجا

سرور نواز ٻگهيو
25-11-2017

غزل (جديد)

سِنڌُ تُنهنجي سُونهن کي سؤ سؤ سلام
تُون اسان لئه رب سائينءَ جو انعام

تُنهنجي کيتن مان اچي خُوشبوءِ ٿي
فَصلَ تُنهنجا سَل رَهن دائِمُ مُدام

سياري آرهَڙ ٿا ڏِنڊين منظرَ وَڻن
ٻهَه مچي ۽ پَٻڻ تِين ٿا عامُ جام

موسِمِ بهار تي کي ڏِڪ ڏِئي
بِهشت مان آيا هُجن ڄڻ کي پيغام

ڄامشوري جُون ٻه شامون ڇا چوان!
ڄڻ وِڏا محبوبُ ماڻهن کيئي دام

رات آڌيءَ جو ٻُڌي پُرجهي ته ڏِسُ!
پٽ تي سُهڻي ڀِٽائيءَ جو ڪلام

دادو ۾ مچندو ٻُخاريءَ جو عُرس
ميتا ماڻيندو اُستاد وارو ڪلام

سنڌ جي آوِير جيان اولهه وَسي
هيج مان خوش تي کِلي سارو عوامُ

رَحمتون ئي رَحمتون رَب جون وَسن
سِنڌُ جي ڌرتي وَسين سَلَ تُون مُدام

تُنهنجو "سرورُ" تُنهنجي سَارهَ کِيئن ڪري!
ڪائناتي حُسن ۾ تُنهنجو آ نامُ

سرور نواز پکھيو
2015

"دُعا"

اِلاهيءَ شُڪيو رک ٿُون سنسارَ کي
۽ مزدور، هاريءَ، سَندي ٻارَ کي

غريبن جو ٿُون ئي نِگهبانُ آهين
ڍَڪجُ پاند سان تن جي وَستارَ کي

اِهي ڪارڙا ڪوجهِڙا ٽُنهنجا آهن
ڏِيان ٿَن جي ٻارتَ تو ڏاتارَ کي

نِماڻا سِماڻا ٻہ تو وٽ اَچن ٿا
ڪجان معافُ پنهنجي گُنهگارُ کي

آسين ٻانهِڙا تون آن سَرڪارِ موليٰ
ڪا وُسعت ڏي "سرورَ" جي وِيچارَ کي

سرور نواز پگهيو
21-05-2016

"نوجوانن کي پيغام"

نوجوانن جو رهيو هر دور ۾ ڪردارُ آ
هِي طبقُ جي باشعوُر، ڇَڻ سِندُ جو سينگارُ آ

رَونقون ئي رَونقون هِن، هي جي آهن جُهدَ ۾
هَر زماني کي رَهيو مثبت قدمَ درڪار آ

"ٽين ايجز" جو اِهو نازڪُ چَون ٿا دؤر آ
ٿِي سنڀالي ڪٺني پَئي، هر وِڪ جي لاچارُ آ

نَوجوانن کي ڏِسي، مايوسي وِيندي آ ڀڄي
ڇو جو پيدا تن منجهان ئي ٿِيندو ڪو جُهونجهارُ آ

هِي ڏِسو ميلا مچايون ويٺا هِن اڄ نوجوان
سوچجي اڄ پِي اُنهن مان، ڪو نہ ڪو وِينجهارُ آ

ٿو ٿِئي مثبت عمل سان، نوجوان هر دلعزيز
هِن جي مثبت عمل سان، "سرورَ" ٿِيو ٻيڙو پار آ

❀

سرور نواز ٻگهيو
25-09-2016

"گيت"

مُنهنجي خُوابَن جي پُونءِ، ۽ تعبيرن جي پُونءِ
توتان قُربان هان، توتان قُربان هان

ڪوسٽل ڪان وٺي، وارياسي پٽن تاءِ
۽ تصوّف ڪان وٺي ڪائنات جي، رمزن تاءِ
سِنڌُ جَنتَ جو ڏيکُ، اِهڙي ماڳنَ جي پُونءِ
توتان قُربان هان، توتان قُربان هان

کيرٿر نيشنل پارڪُ، سو ڀي تو ۾ ئي آ
۽ قِلعو هُو رَني ڪوٽ، تو ۾ ئي آ
سَمنڊ عربيءَ ڪِناري ۽ موجن جي پونءِ
توتان قُربان هان، توتان قُربان هان

جَبلَ گورکَ قَطارُن ڀي تو ۾ ئي هِن
رينج ٿرپارڪر واريُون ڀي تو ۾ ئي هِن
مورَ جَنتَ پکيُن جي آڏامنُ جي پُونءِ
توتان قُربان هان، توتان قُربان هان

تو ۾ موهن دڙي جا تهذيبي آثارَ
تو ۾ مڪليءَ وِرثي جا عالمي آثارا
تو ۾ ڪِينجهرَ آ، ٿون ڪنول گُلڙن جي پُونءِ
توتان قُربان هان، توتان قُربان هان

ٿون سَياحت جي مَنزل ۽ چاهَت بڻيئن
ٻن دِلين پيارَ ۰ وارين لئہ راحت بڻئين
تون اسان جي تہ آمڙين، اولاڻن جي پُونءِ
توتان قُربان هان، توتان قُربان هان

گِيتَ "سرورُ" لِکي پيو قبوليت جي لاءِ
ٿُنهنجي جهوليءَ ۾ گُلڙن جِيان آئت جي لاءِ
دل جي آسُن، اُميدن، آرمانن جي پُونءِ
توتان قُربان هان، توتان قُربان هان

سرور نواز پگهيو
20-03-2017

"گوتا"

نِندا چام آهن، دريا خان آهن
نوان ديس پَنثي هِي اِنسان آهن

جي نُوريون نوازِن، نوازش ملاحن
اڄان ڪِي سَما چام سُلطان آهن

رَهيل هِن گهٽي وقت کان جيڪي سِنڌُ ۾
شرمسار تن مان ڪي مهمانُ آهن

لڏيو ٿا وڃن ديس پنهنجي مان سِنڌي
ڀَريا سنڌ واسيُن جو تاوان آهن

قَلندر ڀِٽائيءَ جي صَدقي اي سنڌڙي!
اَڄان ٿُنهنجا آباد دالان آهن

جوانو! اوهين آهيو سِنڌ جو شعورُ
اوهان جي هَٿن ۾ شمعدانُ آهن

اسان جي ٿمندن ۾ ڪِيڙَڙ به آهي
اسان وٽ ئي سِياسي قلمدان آهن

اسين پنهنجي نَسلُن لئه سوچيندا آهيون
اسان کي مَليلَ ربّ کان دانَ آهن

هِمٿ توڙي مِحنت ۾ اسرارَ "سرورَ"
اِرادا اَٽلَ ۽ عاليشانَ آهن

سرور نواز پگهيو
22-05-2017

”غزل“

ڄامشوري جُون سُهڻيون هَوائون تہ ڏِسُ!
هَر پٿر جُون صُبح سان، ادائون تہ ڏِسُ!

پَدمِڙا پيرَ ڏِس! ٽَن تي ميندي‌ءَ وَليون
عِشق پنهنجي سان ترِن جو وَفائون تہ ڏِسُ!

هِيءَ ڪِتان تي اَچي، هيڏي خُوشبوءِ هِتي!
پنهنجي تخليق تي، هِي عطائون تہ ڏِسُ!

ڪنهن جي سارهَہ ڳيان! عِشق ڪنهن جا چِٽيان!
مُنهنجي سامهون حُسن جون نِگاهون تہ ڏِسُ!

ڳنهن جي چُنري تي وِچڙي چَئي هيڏي ڏِسُ!
۽ سندم دل ۾ ٽَرسيل صَدائون تہ ڏِسُ!

سُونهن سامهون هُئي، پِنڊُ پاهڻُ ٿِيسُ!
سُونهن خُود تي چَيو هُو گهٽائون تہ ڏِسُ!

چو هِين خاموش ”سرورَ“! ٻُڏاءِ پِي ڪٿي!
مُون چيو دِل مٿان، وَارتائون تہ ڏِس!

سرور نواز ٻگهيو
25-05-2017

غزل (جديد)

آسان لئہ ڄامشورو باڪَ مِثال آهي
وَرسٽيون، سِنڌ الاجي، ساڪَ مِثال آهي

مِٺا ماٺهو مِٺيون ڳالهيُون، مَهميرن جُون
اُنهن جي شربتي اک، ڊاڪَ مِثال آهي

ثَقافت جَنم وَٺندي آ، ڀهراٽيُن مان
اُنهن جي لَڄَ لوئِي، لاڪَ مِثال آهي

سَڄي سِنڌُ مرڪزي گهر آ ثَقافت جو
ثَقافت ۾ بہ ڪوٽڙي جَاڳَ مِثال آهي

اسين سُرمو بہ پايُون ڇو نہ اَکڙيُن ۾
ٻِڏن جا ٻانهُن ۾ شيءِ، راڪَ مِثال آهي

هَوائون ڄامشوري جُون لڳن جَنَّت،
رَهڻ "سرورَ" اُنهن ۾ ڀاڳَ مِثال آهي

سرور نواز ٻگهيو
17-11-2018

"گيت"

سِنڌُ رَهي آباد مولي!
سنڌ رهي آباد!

هاري ناريءَ جي هِيءَ ڌَرتي
ڳُڙمي ڳاريءَ جِي هِيءَ ڌرتي
پورهيتُ زِنده باد مولي!
سِنڌُ رهي آباد!

پِير فَقيرن جي هِيءَ ڌرتي
عِشق اميرن جي هِيءَ ڌرتي
شالَ رَهي هِيءَ شاد مولي!
سِنڌُ رهي آباد!

ٿر جي مورن جي هِيءَ ڌرتي
معصوم ٻارن جِي هِيءَ ڌرتي!
ڪير ڳري هِت دادُ مولي!
سِنڌُ رهي آباد!

سُورهيہ سَرويچن جي ڌرتي
سِنڌڙي آ سخيُن جي ڌرتي
جاتي ڪُفر نہ ڪِي اِلحادُ مولي!
سِنڌُ رهي آبادَ

ڌَرطِ ڌَنارن جِي هِيءَ ڌرتي
باغيءَ پارن جِي هِيءَ ڌرتي
سُهڻِي حَيدرآباد مولي!
سِنڌُ رهي آباد!

هِتڙي لات لَطيف جي گُونجي
ئِل پئي ڏَات "ڪريمؔ" جي گُونجي
پيارُ اَمُن سوغات مولي!
سِنڌُ رهي آباد!

"سرورَ" سِنڌُ جو آهي ثَناگر
جِيئي مُرشد لعلُ قلندر
وَڃن نَفيلون نادَ مولي!
سِنڌُ رهي آباد!

سرور نواز ٻگهيو

21-11-2018 (ٽريبيوٽ)

”سنڌي ثقافت جو ڏهاڙو“

ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي
۽ مُوهن دڙو آ، نزاڪت اسان جي

ڪراچي اسان لاءِ شهہ-رڳ آهي
اُتر، لاڙ، ڪاڇي تي پڻ پڳ آهي
الله هُو جي وائي آ طاقت اسان جي
ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

جَڏهن کان آ ڌرتي، تڏهن کان اَسين هُون
پُراڻن پِڙن جا اسين هم نَشين هُون
گِرهُہ گهٽ ڪائڻُ نفاست اسان جي
ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

اَسان جي طَبيعت ۾ صُوفِي اِزمَ آ
دُنيا ساڻ گڏ هُون تہ ”هِيومن اِزمَ“ آ
خدا جي خَلق سان آ چَاهت اسان جي
ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

اَسين اَيڪتا ۾ بہ ويسهُہ رکون ٿا
خُدا جي خُدائيءَ کي دِل سان مَڃون ٿا
ڌٽيءَ جي آ خِلقت سان رَغبت اسان جي
ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

سِنڌي ٽوپي، اَجرڪ ۽ بوسڪيءَ جو پٽڪو
ڪٽا، ڪيس، لُونگيون ۽ سُوسيءَ جو وَڳڙو
ڇتو هِرڪُ، ڪاٺ آ دولت اسان جي
ڀٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

ٽنبوري تي ڇيڙيون ٽا، وَحدت جُون وايُون
سَڄي رات ويٺا ڀٽائيءَ کي ڳايُون
ڀٽائيءَ کي ڳائڻ آ رِياضتَ اسان جي
ڀٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

اسين پيارُ مُحبت ڪرڻ وارا ماڻهو
۽ مظلومي پاسو ڪڻ وارا ماڻهو
آئي کي ڪارائڻ، سَخاوت اسان جي
ڀٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

ملاکڙن ۽ ميلن جا شوقينَ آهيون
وَليئن جا ٽا عُرس دِل سان ملهايون
اَمُن سان رَهڻ آ لطافت اسان جي
ڀٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

هِيءَ ڌرتي آ سُورمن ۽ سُورمين جي ساري
اسان جي ڳيل هُوندي هر وقت آ تِياري
ظُلم سان لڙي پوڻ بغاوت اسان جي
ڀٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

رَلي ڪوٽ، ڪِينجهر ۽ مڪلي اسان وٽ
قلندر ڀٽائي ۽ سامي اسان وٽ

آ تاريخي وِرثو ڏَراوت اسان جي
ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

آسين عِلمَ توڙي اَدبَ ۾ آڳاهان
صَحافت، سِياست، سَنگتَ ۾ آڳاهان
ڏِيلَ آ وَلئين ڪي پارتَ اسان جي
ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

ڪريم رَب اسان کي آ سُهڻو بڻايو
ڪيون شُڪرانا، مَن مِٺو بڻايو
وَضوءَ ۾ رَهڻ آهي عادتَ اسان جي
ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

ڀِٽائيءَ تي ساري اَچي سِنڌُ لَهي تي
عُرس جا ڏِهاڙا سي ڀِٽ تي رهي تي
سڄي رات درگاهُ عِبادت اسان جي
ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

قُرآن ۽ سُنت جو سِڌو رستو "سرورَ"
۽ اَهلبيت اَطهار سان راضي آ پَرورَ
ڪُفر ۽ شِرڪَ سان عَداوت اسان جي
ڀِٽائيءَ جو روضو ثقافت اسان جي

سرور نواز ٻگهيو
19-11-2017 (ٽربيوٽ)

"ثقافتي ڏهاڙو"

پنهنجي سِرَ تي، سِنڌي ٽوپي جي تو رَکين!
تُنهنجي عَظمت جو سُنهن، ڏاڍو ٿُون تو ٿَهين!

نيريون ڦُلڙيون ٽِپون آجرڪ تي سُهڻيون لڳن!
جي تو پهرين تہ تو خُوب سُهڻو لڳين!

تُنهنجي لِڱڙن تي ڳاٽَن وَڳا تا ٿَهن
اي سَراپا حُسن! اي حُسن دِلنشين!

بُوٽَ ڪاري ۾ ڪيڏي چَمڪَ آ رڪيلَ!
ءِ تو سوني مُندي ٻاچَ ۾ جي پائين!

"هو جمالي" ۾ تُنهنجا ڪو جَذبا ڏِسي!
نِرت دوَران جَڏهن ٿُون تو هَٿڙا ڪٽين!

پِٽَ ساري وَسي، صِحرا، ٿَر، بَر وَسن
سُهڻي تَخليق "سرورَ" تو دُعائيہ لڪين!

سرور نواز ٻگھيو
23-11-2017

(ٽربيوٽ)

"ثقافت جو ڏينهن"

ٿار سِنڌو وَهي، ٿِيڪا مچيون ڏِين، پنهنجي سِنڌوءَ جا منظر سي وِسرن نہ ٿا
رات چانڊوڪي ۾ سَير دَرياءَ ڪجن، کُوبرو کُوبرو ٽڙ سي وِسرن نہ ٿا!

عُرس شهنشاهَہ قلندرَ يا ڀِٽ شاهَہ جو ميلو اياز جو يا ڪو صُوفي هُجي
شاهَہ ڪريم ۽ عِنايت ۽ مخدوم بِلاولؒ جي دَرگاهہ جا دَر سي وِسرن نٿا

ڪارُونجھر تي ٿهوڪا هُو مورن سندا ناچ ڍيلن جي گڏ گڏ ٿِي سُهڻا ڪيا
رُوح پنهنجي جي راحت جا سامان هِي، مور ڍيلن جا پَرَ، پر سي وِسرن نٿا

ڪارُونجھَر کي ڏِسون يان تہ ڪِينجھَر هَلون جاڪپاري ۽ وَئجي ۽ منڇر گھُمون
سنڌ جا کهڙا منظر چِٽي مان چِٽيان! سِنڌُ جا بحر ۽ بَر سي وِسرن نٿا!

پنهنجي ٻچڙن کي مائَن جي لوليون ڏِنيون فِڪر پنهنجي اُتان ڪيئي جهوليُون ڀَريون
ٻوليون ٻچڙن سنديون لوليُون امڙيُن سنديون، نقش دِل تي ٿيون اٿر وِسرن نٿا

پَنهنجو مخدوم بلاول، شاهہ عِنايت شهيد، هوشو هيمون، نذيرُ ۽ بَختاور امان
ٿَن جا هم خيال اُستاد، آٿم ۽ مُحسن تن جا سُهڻا سُٺا شعر سي وِسرن نٿا!

سِنڌي ٽوپي سان گڏ، سنڌي اَجرڪ وَٽيو ڪپڙو ڪاريگرن گَج سُوسيءَ اُٽيو
پنهنجي سِنڌُ جي ثقافت، هِيئين لاتي سين، لُونگيون، شالون ڪٿا، ٿر جا وِسَرن نٿا

ايڪتا ۽ ثقافت ٽا گڏ گڏ ڏسون، سِنڌ جي ٻن اڳواڻن ڪي جَسُ ٽا ڏِيون
ايڪتا ۽ ثقافت جو هِڪُ ڏِينهنُ آ، ٽِين ڊسمبر ٿُنهنجا سَحرَ وِسرن نٽا

سِنڌ جو نوجوان ڪيڏو سُهڻو لڳوا وَڳڙو پنهنجي ثقافت جو هِن اوڍيو
صَدري، اَجرڪ، سندي وڳڙي، ڪاڻن مٿان توٽي چُنريءَ ڪلر سي بہ وِسرن نٽا

ڳيچ، ڇَلڙا، پَروليون توٽي ڏور بيت، پنهنجا سارا هَمرچا، جَمالا پِرين
سِنڌ جُهومي اُٿي آ هو جُهومڻ تہ ڏِسُ، پَهر ٿُنهنجا ڊِسمبَر سي وِسرن نٽا

دِل گُهري ٿي تہ ڪو ميلو هِن قسم جو رُت بَسنتيءَ جي وِچ ڏاري لڳي!
مُند وٽندڙ اها، رُوح دل ڪي سدا، اُن جا سارا پَهرَ سي بہ وِسرن نٽا!

مولا منهنجي مِٽي، ٻولي ڌرتيءَ جي، توڪي پارت هُجي ڪائِناتُن جا رب!
هِي جي "سرورَ" جا ٿَهذيب، ٿمندن، ثقافت، لئہ لِڪيُل شعرَ، سي بہ وِسرن نٽا!

سرور نواز پگهيو
05_12_2016

”دُعا/ مُناجات“

خُدايا! تُون ٿَرتيءَ کي خُوشحالُ رَکجان
پِري هِن کان هَر قِسمَ جو ڪالُ رَکجان

مُنهنجا سانگي هاڻي سُکن ۾ گُذارن
گهڙي جا ٻه گُذري، نہ ڏُکَ ۾ گُذارن
سَدا سائو ٿَر ٻَر کي، هَر سال رَکجان

جي هِنَ ڀُونءِ جو ڪوبہ ماٺهو مَدو ٿِئي
تہ اَنجامُ اُن بيوفا جو گندو ٿئي
ڌڻي! اُن کي هر وقت پائِمال رَکجان

هِي پٽ جي ڌڻيءَ جي آ ٿرتي پيِاري
حَق ۽ سچ جي حَامي آ ”سرورَ“ سُونهاري
سندس شان اعليٰ بهرحالُ رکجان

سرور نواز ٻگهيو
04-12-2016
(ٽربيوٽ)

”سنڌ سهڻي لڳي“

ايڪتا پئي ڏِنم، سِنڌُ سُهڻي لڳي
هَر ڏِسا پئي ڏِنم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

ٽوپيون، اَجرڪ هُيا، رَنگ نِڪري پيا
لُونگيون، پَٽڪا وَڌيا، جَهنگ سَنوري پيا
ڇا نه ڇا پِئي ڏِنم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

ٽي ڪچهريون ڪيئون، مَچ ٻاري وڏا
چَنگ، بوڙينڊا، بِينون، شهنائِن صدا
نَئين ڳتا پِئي ٻُڌم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

هَر طرف ڪان خوشيون، شادمانا هُئا
ناچ، نِرتون، ڌمالون هنبو شيُون ٻه واهُ!
جُوان جَذبا ڏِٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

ڪيڪُ ڪاٽيو وَيو ”بزم رُوح رِهاڻ“ ۾
خوب ڳالهايو ويو ”بزم رُوح رِهاڻ“ ۾
ڇا ته ڇهرا ڏِٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

ڏَاند ڳاڏين تي رِلهيون وڇايَل هُيون
۽ اَجرڪن سان ڪارون سَجايل هُيون
ٻارڙا پيي ڏِٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

سِنڌُ ميوزم ۾ اِسٽيج جَالاري هُئي
آءُ پهتس ته ”ضامن“ جي واري هُئي
جابجا پئي ڏِٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

رَنگ ئي رنگ هُئي، پيٽ ڏٺي ٿنهنجي سِنڌُ!
سُر ڪو سارنگ هُئي، پِيٽ ڏٺي ٿنهنجي سِنڌُ!
هَر آدا پئي ڏِٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

ايڪتا ۾ سمايل، ثقافت بہ هُئي
گِيت جَنگي ڌُنن واري طاقت بہ هُئي
ساهتا پئي ڏِٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

سانگي گڏجن تہ ڌرتي تي مهڪي پئي
مارو ملهن تي ٻولي تي ٻهڪي پئي
سارا منظر ڏِٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

سِنڌُ جي لئہ جِيئڻ جا جَتن پئي ڪيئون
نينهُن نيبهہ ٿِئي، سي وَچن پئي ڪيئون
ڪئي جتا پِئي ڏِٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

سنڌي ادبي سنگت ساٿ گَڏ گَڏ هُئي
ٻارڙا، سنڌي عورت بہ گڏ گڏ هُئي
سِرَ رِدا پئي ڏٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

هو اتون پيرو جو سِنڌُ گَڏ تي هُئي
قومي ميڙو هُيو سِنڌُ گَڏ تِي هُئي
حوصلا پئي ڏِٺمَ سِنڌُ سُهڻي لڳي

ڏينهن سارو گڏجاڻين ۽ ريلين ۾ هُئس
جاتي جاتي ضروري هو پُهچي پِئي ويئي
ياترا پئي ڪيم، سِنڌُ سُهڻي لڳي

چا تہ "سرورَ" پِرين ٿنهنجي اکڙين ڏِٺو!
سارو ماحول هو اڄ تہ ڪيڏو مِٺو
ٿَر خداء پِئي ڏِٺم، سِنڌُ سُهڻي لڳي!

سرور نواز ٻگهيو
10-11-2007

"ٻارن لئہ گيت"

اسين سِنڌُ جي عَظمتن جا هُون شاهِدُ
اسين ديسَ جي حُرمتن جا هُون شاهِدُ

اسين ٻارڙا هُون مگر پيارڙا هُون
اسين ڀاڳَ ۽ قِسمتُن جا هُون شاهِدُ

رَکيو قدم اِنسان آ چنڊ تي جي
اَسين اُن جي عظمُ هِمتُن جا هُون شاهِدُ

اسان جي دِلين ۾ مُحبت وَسي ٿي
اسين چاهَ ۽ چاهتُن جا هُون شاهِدُ

عِلمَ ۽ عَمل سان اسان جي آ مُحبت
اسين ٻڌجي وِيا مُحبتن جا هُون شاهِدُ

اسان کان سِکي ڪو وَفا جا آکَر ڀل
اسان ڪيچَ جي پيچَرن جا هُون شاهِدُ

اسان جو ڀٽائيءَ ۾ ايمانُ آهي
اسان شاهہ جي ڇٽيهہ-سُرن جا هُون شاهِدُ

لُطف ٿُنهنجي گيتن مان "سرورَ" اچي ٿو
اسان گِيتَ جي راحتُن جا هُون شاهِدُ

١ سرور نواز ٻگهيو
15-06-2001

”غزل“ (جديد)

جيئن سِنڌڙي ٿُنهنجا، ڳيرو شالَ جِيئن!
جُڳ جُڳ دودا جِيئن، شال، حَياتيُون ماڻِن!

ساهُہ تريءَ تي جن جو هَٿن ۾ ڳاڙها جَهنڊا
مُرسن مرسن، غير ڪُون پَرَ سِنڌُ نہ ڏيسن

طوقَ غلاميءَ جا هُو لاهڻ لَئہ هِن آتا
ڀَل پيا جِيئي چَون ۽ شوق جا نعرا هڻن

پٽَ جي ڌرتي جِيئي، ساڃهہ سَرتِي جِيئي
جِيئن لالَ ليارَ ۽ پيرونَ پَٽن ئي مَهڪن

شيخ ايازَ اُستاد بُخاريءَ سِنڌڙي جِيئي
پيري پيري جِندڙي، پاڻ مَلهايو سِنڌين

پِير فقيرن هَوت هميرن جي پڻ ٿون آن
دودن جوڌن جو آ، اصلئُون توسان وَچُنَ

ساهُہ سُڌير، عقل اسير، ٻيئي جِيئن
جِيئي سِنڌُ جو عوام جِيئي، جُهومي نارين پون

”سروَرَ“ شاهَہ لطيفُ ۽ لعلُ قلندر جِيئي
پنهنجو ساهُہ ويساهُہ اُنهن ۾ سياڻا سَجهن

سرور نواز ٻگھيو
15-12-2013

”ٻارن لئہ گيت“

پَٽي ٻي نہ ڪا مُون کي پَڙهاءِ، جِيجَل مُنهنجي سِندُّ آ
جيجل مُنهنجي سِندُّ آ، آيل مُنهنجي سِندُّ آ، اَمڙ مُنهنجي سِندُّ آ

جَنهن سان مُنهنجي رُوحَ جا رِشتا، جنهن سان مُنهنجي رَت جا رِشتا
ڳالهيون ڳُوڙهيون ڳَسيون نہ ٻُڌاءِ، جِيجَل مُنهنجي سِندُّ آ

سِندُّ سان مُحبت ٿُون چا چاٽين، جِندُ سان مُحبت ٿُون چا چاٽين!
ويهي وَقت نہ مُنهنجو وِڃاءِ، جِيجَل مُنهنجي سِندُّ آ

مارو ماٺهو سُونهن وَطن جي، جَهانگي، سانگِي وِرونهن وطن جي
ديسُ ڪوئي تہ اِهڙو ٻُڌاءِ، جِيجَل مُنهنجي سِندُّ آ

سِندُّ جون ڳَڏ درگاهُون ڏِٺيون ٿَئي، مُون کي مُحبت ڪان بہ مِٺيون ٿئي
وَڄُ ڀِهريان اُتي، پوءِ ڳالهاءِ، جِيجَل مُنهنجي سِندُّ آ

مُون کي وٺُن ٿا پنهنجا اباٺا، ڪاڏي کيان ٿُنهنجا ٿاڪَ ۽ ٿاٺا!
ڏِڄَ پَنهنجا ٿُون پاڻ مَلهاءِ، جِيجَل مُنهنجي سِندُّ آ

سِندُّ سُڪڻ تي، ٿُون ڇو خوش آن؟ مُون کي لڳي ٿو هُش ۾ خُوش آن
وَڃي ڀِهريان ٿُون سِندُّو موٽاءِ، جِيجَل مُنهنجِي سِندُّ آ

سِنڌڙي اَنبن جو ذائقو تہ ڏِس ٿون، سُگداسي چانورن جي خُوشبو تہ ڏِس ٿون
پَلي جو آهي پَنهنجو مُڳاءُ، جِيجلَ مُنهنجي سِنڌُ آ

مور پکين جي سُهڻي سَرتي، سُونهن وَندن جي سُهڻي ڌَرتي
سُونهن، سَچ سارُ ڳُجهہ تہ نِياءُ، جِيجل مُنهنجي سِنڌُ آ

اَمَنُ و مُحبتَ خُوشيون جِيئن، پنهنجون اَمڙيون، اَدڙيون جيئن
ڏوهَہ پنهنجا وَجي بخشاءِ، جِيجل مُنهنجي سِنڌُ آ

چانڊوڪينَ ۾ چِيٽَ ٽا سُونهن، ڪاهوڙي ۾ ڪيٽَ ٽا سُونهن
سُونهن پنهنجي اندر جي وڏاءِ، جِيجل مُنهنجي سِنڌُ آ

سِنڌُ سَلامت، عَشقَ سلامت، پُونءِ اَمبَرُ ۾ مَشڪُ سلامت
گيت "سرورَ" جا ڳاءِ نہ ڳاءِ، جِيجل مُنهنجي سِنڌُ آ

سرور نواز پڳهيو
24-01-2010

(نظم)

”سِنڌو درياھَ“

مُنهنجي نَسلَن جا لَڄپالَ، سِنڌو درياھَ!
ٻيلا ٻَنيُن جا رَکوال، سِنڌو درياھَ

تُنهنجا هي حالَ، آخر تہ ڪنهن هِن ڪيا؟
اَوج تُنهنجا اڳيان، نِيٺ ڪاڏي وَيا!
شالَ ڀَرجين ڀِيو هر سال، سِنڌو درياھَ

تو لئہ پيئنا گُلن جي ڪَٽي آيا هُون
سِنڌي ماڻهو ڪِروڙين هَلي آيا هُون
سِنڌ مِنڙي ٿِئي خُوشحالُ، سِنڌو درياھَ

تولئہ دُعائون ڪروڙين ڀِيا سِنڌي گُهرن
تُنهنجون ٻيئي ڪنڌيون شالَ آباد ٿِين
توسان گڏ آهيُون، هر حال، سِنڌو درياھَ

نظمَ ۽ گيت ”سروَر“ ڀِيا شاعر لِکَن
ٻارَ ٻُڍڙا ڀِيا سِنڌوءَ کي پيئنا ڏِين
آلَ جالَ وَهين، شالَ، سِنڌو درياھَ

سرور نواز ڀگهيو
29-04-2015
(ٽربيوٽ)

"پهرين مئي - پورهيتن جو عالمي ڏينهن"

اسان جي دَم سان، وَطن جي عظمت، آسين وَطن جو وقارُ آهيون
سِري کان ڪاڇي، اُتر کان عَربي سَمنڊَ جو پِي سينگارُ آهيون

اسين اَسُر ڏَئي زَمينون کيڙيون، ٻَنيءَ ويندي لُنڊيون لَتاڙيون
سَردي ۽ گرميءَ ۾ رَتُ وِلوڙيون، ايندڙ نَسلَ لئہ شُعارُ آهيون

آسان جا اوزارَ هٿوڙا پانا، مُترڪا، ڇيڻيون ۽ ڏؤنٽيون جانان
اسان جي هٿ ۾ ڪوڏر ڪهاڙيون، اسين ڌرتيءَ لئہ سُڪارُ آهيون

اسان جي چاهيون وطن سَنواريون، وطن جي مَعيشيت ڪُنن مان تاريون
مِحنت و مُشقت کان مُنهن نہ موڙيون، اسان دِلينَ جا دَوارَ آهيون

شِڪاگو وارا اسان جا ساٿي، هُنن جو نعرو، اسان جو نعرو
اسان جو پورهيو پگهرَ جو پورهيو، پُڄاڻان سِياري بَهارَ آهيون

اُٿو وطن جا مزدور هاري، پنهنجن حقن لئہ آواز هِڪ ٿيو
صَنعت هُجي يا ٻَني ٻَٽاري، ڪٽي ڪٽي مان خرارَ آهيون

رِزق ڏَيڻ آ رَزاق هٿ ۾، اسان جي هٿ ۾ واهولو، هَرُ آ
صُبوح سانجهيءَ ڏٽيءَ کي سارِيُون، مُحبتن جا مِينار آهيون

اسان جي ترقي آوهان هَٿن ۾، وطن جي ترقي اسان هَٿن ۾
ڏُکن سُکن ۾ وَطن سان ڏوريون، وطن جو "سرورَ" مَعيارُ آهيون

سرور نواز ٻگهيو
11_08_2000

”غزل“ (جديد)

سَدا سَفر ۾ اَسين رَهياسين، وَطن جي ڌَرتي گواهُ رَهجان!
ڏُکن سُکن ۾ پَٺي پَلياسين، وَطن جي ڌَرتي گواهُ رَهجان!

اَسين اَزل کان نِجات واري تنوارَ سان ئي سُجاپجُون ٿا
قَدم قَدم تي اڳيان هُياسين، وطن جي ڌَرتي گواهُ رهجان!

جِدوجهَد جي گهڙيُن ۾ گڏجي، اسين سدائين ڄَمي وِڙهياسين
نہ ڪِي ڊِناسين نہ نہ ڪِي هَٽياسين، وَطن جي ڌَرتي گواهُ رَهجان

ڏُکيو هو رَستو سَفرَ ڪٺن هو ضميرَ سانَ پر ڪيلَ وَچن هو
وِڙهي وڌياسين، جَشن ڪياسين، وَطن جي ڌرتي گواهُ رَهجان

جڏهن ڪو ”سرورَ“ ڏُکيو ڏِهاڙو وَطن تي آيو ڇَڏي نِندَن ڪي
رِٿابنديءَ سان اُٿي پِياسين، وطن جي ڌَرتي گواهُ رَهجان!

سرور نواز ٻگھيو
10-11-2007

(ٽربيوٽ)

”ايوريسٽ لا ڪاليج“

ايوريسٽ لا ڪاليج کُليو آ
قاسم آباد جو شانُ وَڏيو آ

نَئين بِلڊنگ آ نَئون فَرنيچر
پارڪُ اڪيُن سان وَڃي ڏِٺو آ

لئبرريءَ گڏ، ڪمپيوٽر ليب آ
ڪينٽين ۽ ٽَڪ شاپُ نَئون آ

پِرنسپل خُود اياز لطيفُ آ
نانءُ اِسٽاف جو پِڙُ وڏو آ

شاگردَ ميرٽ هولڊر آهن
هر شاگرد پڙ ٻئي کان ڀلو آ

داخلا لئہ ٻار اچان اچن پيا
چڱو ٻارن ۾ چَهچٽو آ

ٻار بَئريسٽر جَجَ بہ ٿِيندا
وَڪيل ٿِيڻ جو موقعو وَڏو آ

هر هڪ پيرءَ ڦُل هلي ٿو
عِلمُ ٽنين کي گنجُ مِليو آ

ميٺ مُحبت ساڻ هَلن ٿا
ٿورو ڪنهن بہ نہ ڪنهن جو ڪنيو آ

جِهڙو نالو تِهڙو ڪاليجُ
پڙهائيءَ جو معيارُ وڏو آ

وَڪالت واري شعبي سندو
اِسڪوپ ڏِينهن و ڏينهن وَڌيو آ

هَر دَور ۾ هر ڪنهن جاءِ تي
اِنصاف هر هڪ ساٿهو گهُريو آ

پروفيسرَ ۽ وائيس پِرنسپل
وارو مُون کي عُهدو مِليو آ

طاقت وارو شعبو "سروَر"
جنهن کي هر ڪنهِين پَرکيو آ

سرور نواز ٻگهيو
30-10-2015

(ٽربيوٽ)

"پبلڪ اسڪول حيدرآباد"

مَيڻ گُهرجي هِتان مُنهنجو جَڏهن گُذرڻ ٿيو آهي
تَڏهن مُون کي سَچو مَنظر جَنت جِهڙو لڳو آهي

هِي هريالي، هِي وَڻ ٽِڻ ۽ صفايون، روشنيون ڏِسندي
کِلي دل جي ٺِري پيئي، سچو ماحول وَڻيو آهي

اَسان جي آستانن تي رُڳي رڪ، ڏاڳ تي ٻوڙي
اَوهان وٽ خوشبوءِ ۽ گُلڙا، سَمو مُعطر ٻڻيو آهي

نَصيبن جي ڪا بازي آ، عِنايت رَب جي هُوندي
ڏِسو ٿهيلُ نُڪيل ماحولُ، اوهان کي جو مِليو آهي

اِنهيءَ ماحول مُعطر ۾ ڪمايون جَن ڪيون آهن
ٻُڌا ٻيٺا اُنهن جا هِن، اَوهان جو ٿِيو ڀَلو آهي

اَوهين اُستاد آهيو سَڀ، اوهان جو عِلمُ اَرزان آ
اَوهان جي مِحنتن سان قومَ جو ٽَرهو ٽَريو آهي

ٻُڌڻ ۾ پِيو اچي اُجرت، مِلڻ ۾ دير ٿِيندي آ
اِهو انصاف ناهي دِل، وڏي واڪي چَيو آهي

اَوهان وٽ آڳي جا اِحسان، ٿِين پيا ٿِيندا ئي رهندا
اَوهان کي هِهڙو جو پِرنسپَل عِلم وارو مِليو آهي

SOORIH SINDHI ADAB

آوهان جو سارو ئي عَملو مَعياري عِلمُ وِرڇي ٿو
ٻچن جي آ بڻي قسمت، ٻچن جو ڏگ ٿهيو آهي

هِتي، جي ايم، اصغر آ، هِتي ئي سيالُ صاحبُ آ
اوهان وٽ ”شگفته شاهه“ آرٽسٽ، رهيو جن جو چَرچو آهي

قِرئَت سِيالُ صاحب جي، مِليل هِن کي ڪو تُحفو آ
هُو سائنسي شعر ٻڪندو آ، ٻنهي تي ڪيس مَلڪو آهي

اوهان مان هر ڪنهين وٽ ٽِيون، پَنهنجون پَنهنجون خُوبيون آهن
تڏهن تعليمَ مَعياري آ، اِداري نانءُ ڪڍيو آهي

تنهين سِيڪشنس ۾ پڙهندڙ هِن گُلن موتين جهڙا ٻَچڙا
آوهين اُن باغ جا مالهِي، سندوَ رُتبو وَڏو آهي

اِداري جون هَمر نصابي هِي، جي سَرگرميون ٻُڌائن ٿيون
اوهان عِلمر و اَدب سان پِي، شگفُ سُهڻو رکيو آهي

لِکَڻ ۾ جي وَئي رَهجي، اَجان پِي ڪا ڪَمي سَمجهو
اُنهيءَ لئه مُعذرت خواهه هان، هِي منهنجو پيارَ پورهيو آهي

خُدايا! هِن اِداري جي مان هان، هَر فَرد لَئه دُعاگو
بَحقِ سُهڻي ”سروَر“ جي، دُعا لئه هَٿَ کنيو آهي

سرور نواز ٻگهيو
07-09-2016

(ٽربيوٽ)

”سِنڌي آدبي سَنگت سِنڌُ“

ڌرتيءَ جو پئي قرضُ چُڪائي، سِنڌي آدبي سَنگت سِنڌُ
ٻوليءَ سان پئي نينهُن نڀائي، سِنڌي آدبي سَنگت سِنڌُ

تخليقاري، سَرجڻهاريءَ جو پئي شان وڌائي جڳ ۾
جِئرن سان ٿي پَلَ مَلهائي، سِنڌي آدبي سَنگت سِنڌُ

ڏوُر آ ڊاڪٽر مُشتاق ڦُل جو اُن جي اڳواڻيءَ ۾ اَڄ
سَنگت جو پئي مان وڌائي، سِنڌي آدبي سَنگت سِنڌُ

سنڌ جي تواريخ، تهذيب، تمدُن، توڙي ثقافت کان آ واقفُ
پاسيرن کي پئي پَرچائي، سِنڌي ادبي سنگت سِنڌُ

سِنڌُ سموري تَحَرُڪ ۾ آ، سالانيون پيون چُونڊون ٿين
ڏِيرج سان پئي ڪَمُ هَلائي، سِنڌي آدبي سَنگت سِنڌُ

سِنڌي ٻولي قومي ٻولي، سنگت جو آ نَعرو هِيءُ
پيار مُحبت پئي ڦهلائي، سِنڌي آدبي سَنگت سِنڌُ

شاخُون ساريون درسُ شعوري وِرڇن پيون اڄ هيڄ مَنجهان
سِنڌُ جي تواريخ پئي دُهرائي، سِنڌي آدبي سَنگت سِنڌُ

ٿُون بہ تہ ”سرور“ جِيون پنهنجو ڪائي خِدمت ڪندي گُذار
توڪان ڏِس پئي ڪِيئن سوچائي، سِنڌي آدبي سَنگت سِنڌُ

سرور نواز ٻگهيو

25-12-2018 (ٽربيوٽ)

”خانہ بَدوش رائيٽرس ڪيفي“

هِي خانہ بَدوش آ
هِتي سِنڌُ لَهي ٿي
۽ ميڙا ڳري ٿي
اَدبَ ۽ ثقافتَ ٿي
روشنِي وِجهي ٿي

هِي خانہ بَدوش آ
هِتي شيخ اياز ڪاڻِ
ميلا مَچن ٿا
سچِي سِنڌُ مان ڏاها
عالِمَ اَچن ٿا
جي تقريرون ڪن ٿا
۽ پيپر پڙهن ٿا

هِي خانہ بَدوش آ
هِي رائيٽرس جو ڪيفي
سِنڌُ مِيوزم جي ڀرسان
هِتي شام جو اَدبي
ڪچهريون ٿِين ٿِيون

نيون ڪي پُراڻيون
يادون تازيُون ٿين ٿيون

هي خانہ بدوش آ
اَمر سِنڌو سانِئڻ
۽ ڊاڪٽر عِرفانہ
حَسين مُسرت شاهہ
توڙي ميڊم جلباڻي
ڪٺي سات پنهنجي ڪي
گڏ گڏ هَلن ٿيون
۽ اِنساني مَسئلن تي
گڏجاڻيون ڪن ٿيون

هي خانہ بَدوش آ
هِتي عِلمَ عِرفانَ
جون ويهَڪون ٿِين ٿيون
اِستيجون سَجن ٿِيون
جِتي وقت جا ڏاها
ڏاهيُون اچن ٿِيون
سُٺيون سُهڻيون ساجهہ
جُون ڳالهيون ٿِين ٿِيون
لڳي ٿو تہ خانہ بدوش
يي تہ ڪائي

عوامي اُمنگن جي
چِٽ يونيورسٽي آ
شعورُ جا ڏِئي ٿي
۽ ساڃهَه وِرڇي ٿي

هِي خانہ بَدوش آ
هِتي آگَهي جا بہ
ميلا مَچن ٿا
جِتان ڪيئي طالبَ
نَيون ڪي صَلاحون
کڻي گڏ وڃن ٿا

هِي خانہ بَدوش آ
هِتي عِلمَ جا پياسا
اڪثر اَچن ٿا
مُطالعو بہ ڪن ٿا
۽ رايا بہ ڏِين ٿا
کڻي ڳالهيون سُهڻيون
هُو واپس وَڃن ٿا

هِي خانہ بَدوش آ
هِتي يارَ "سرورَ"
ادب ۽ ثقافتَ جو

چَئجي ته جڻ ڪو
ٻيو ترقي پسنديءَ
ٻيو روشن خياليءَ
جو ڏِيئو ٻري ٿو
ٻيو ٻرندو رهي ٿو
سَڄي مُلڪ مان ڏاها
ماڻهو اَچن ٿا
اَچي پنهنجي خيالن جو
اِظهارُ ڪن ٿا
ٻيو ڏاهپ وَنڊن ٿا
خوشي ٿِي مِلي
اِهڙيون ڳالهيون ٻُڌڻ سان

هِي خانه بَدوش آ
هِي خانه بَدوش آ

سرور نواز ٻگهيو
20-01-2019

(ٽربيوٽ)

”مخدوم محمد زمان طالبُ المولیٰ سائين“

مالڪُ پُر بهار شخصيت جو اسان جو طالبُ المولیٰ
ڏٺي عِزت ۽ عَظمت جو اسان جو طالبُ المولیٰ

عُمر ساري وِيو اَرپي، جو عِلم ادب جي خِدمت کي
شاعِرُ اَمن ۽ مُحبت جو اسان جو طالبُ المولیٰ

اِداره هالا ۽ دادوءَ ۾ قائِم ڪِيائين ساڃَهَ جا
وڏو خير خواهہ ماڻهن جو اسان جو طالبُ المولیٰ

گهڻي جو ڪيس وَٽ آيو لکين عِزتون اُنهيءَ ماڻيون
هو صاحب فيضَ دَرجت جو اسان جو طالبُ المولیٰ

نَو لکي گودڙيءَ جو پيرُ، مخدوم محمد زمان سائين
نہ جنهن کي اونو دولت جو اسان جو طالبُ المولیٰ

اناس وارو سڄو بنگلو عوامي هو بڻيل مرڪز
مخدومي شانَ شوڪت جو اسان جو طالبُ المولیٰ

آدبي بورڊ جي خِدمتَ ھُئي سندس ڀاڱي ۾ پڻ آئي
ڪوئي گهوارو خِدمتَ جو اسان جو طالبُ المولىٰ

وڏو شاعِرُ، وڏو ليکَڪُ، نظم توڙي نَثُر جو ھو
حوالو ادبي خِدمتَ جو اسان جو طالبُ المولىٰ

وَڏي اخلاق وارو ھو ۽ ڀاجھارو ھُيو اِنسانُ
سَدا سُھڻو ھو صُورت جو اسان جو طالبُ المولىٰ

ڪئي تَشبيھون سامھون ھِن، مگر دل ھِينئَن ٿِي ٻولي
دُنيا ۾ ماڻھو جَنت جو اسان جو طالبُ المولىٰ

خُدا پنھنجي مُھابي مُحب، "سرورَ" جي گَندو سؤليون
سَخي دِليُن جِي راحتَ ھو اسان جو طالبُ المولىٰ

❁

سرور نواز ٻگهيو
09-10-2018

(ٽِريبوٽ)

"اُستادُ بُخاري"

سَچي جنهن سِنڌُ کي ڳايو اُهو اُستادُ بُخاري آ
ماءُ جو ڪِيرَ ملهايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

لِکڻَ جي جنهن ڪئي شُروعات، تہ گهر کان هُئي
اوڙو پاڙو بہ سَرچايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

بُخارا کان وڏڪ سَمجهي ٿو دادوءَ کي
سچي آ سِنڌُ جو رايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

ڇَوي ٿو هانءُ دادوءَ کي ءِ سِنڌ کي ساهُ
دُنيا کي ديد ڇورايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

وَاهڻ وَستين کي ڳاتائين، پَکي پُکڻ کي ڳاتائين
گهڻو زندگيءَ کي سَاراهيو اُهو اُستادُ بُخاري آ

غريبن جو هو هڏڏوکي، پَکي ياراڻي پورهيت سان
سنڌي ماڻهن مٺان سَايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

ڪچي، ڪاڇي کي ڳاتائين، وِچولي لاڙ اُتر تائين
اکين تي جنهن حُسن ڇَايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

جِدوجهد جي عَلامت هو مِسڪين ماڻهن جي طاقت هو
ٽَٽيءَ ٽوٽي ٽڏيءَ ڪاهيو اُهو اُستادُ بُخاري آ

صِنف ٻوليءَ تي لِکيائين، نظم ٻوليءَ تي سِرجيائين
آديبَن سانُ ڳالهايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

بُخاري قومَ جو رَهبرُ، سَچي عوامَ جو شاعرُ
جِيئڻ جي ڏَڳِ هو جنهن لايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

رَسم ۽ رِيت جو شاعِرُ، بخاري پِريت جو شاعر
سَچڻ، سَاٿيهہ، سَرمايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

گُلن ۾ چَڻ گُلابي گُل، لُٽي وِيندو هو هَر مَحفل
جَنهن شعر جو مانُ وڌايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

سَندس لَهجو مِٺو لَهجو فِڪرَ ۾ پڻ هو برجُستو
نہ ڪاٽي ڪَنڌُ جُهڪايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

نَئين هو گِيتُ جو ڄاڻو وَڏڪ سَنگيت جو ڄاڻو
نَظم ترنم سان تي آيو اُهو اُستادُ بُخاري آ

سچي تاريخ جوڙي وِيو اِهڙو ئي عَلم کوڙي ويو
جَهنڊو جُرئت جو ڦڙڪايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

پِٽائيءَ جو تَسلسُل آ، جي عالِمُ آ، بَا عَمَل آ
ڳائي جَنهن راڳُ جُهومايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

سِنڌي ٻولي جِيسين رَهندي، سندس آفڪارَ پِڻ رهندا
جنهن لئہ "سروَر" سَٺو رايو اُهو اُستادُ بُخاري آ

سرور نواز ٻگهيو
07-10-2018

(ٽربيوٽ)

"اُستاد بُخاري"

بُخاري روشني آهي
سُجاڳي، شاعِري آهي

گُلن تي شبنمي قَطره
گُلن جي تازگِي آهي

بُخاري دَرد ۽ پِيڙا
بُخاري هر خُوشي آهي

بُخاري فِڪرَ جو بَحر آ
حُسن جي گا ندي آهي

سندس ٻولي آ ٻاپاٽي
وَڏي مَنظرڪشي آهي

بُخاري ڀُونءِ جو شاعرُ
ڀُونءِ سندس ڀَرجهلي آهي

اُستادُ اُميدَ جو شاعِرُ
توڙي جو ڏَرتَتي آهي

زمين- آسمان، ڪائنات ۾
سندس فِڪري پَتِي آهي

بُخاري پيو نہ ٽِيندو ڪو
ڳالھ هِيءَ بَرجُستي آهي

قَرضُ پنهنجو چُڪائي وِيو
شاهِدُ واھڻ وَستِي آهي

غَزلَ ڪو گِيتُ يا ڪافي
سموري موسِيقي آهي

لَٽي تَخليق سان گڏ ڏُن
بُخاريءَ شاعِري آهي

موسيقيءَ جو بہ ماهِرُ آ
سندس دَر جي گولي آهي

بُخاري لوڪَ لئہ ڳاتو
مَعيشت تي ڳَٽي آهي

بُخاري مُنفرد اِنسانُ
حَقَ، سچَ ساهِمِي آهي

سِنڌي ۽ سِنڌُ جِيسين آ
سندس پڻ شاعِري آهي

اُستادَ جي شاعري "سروَر"
جادو آ ساحِري آهي

سرور نواز ٻگهيو
10-08-2018

(ٽربيوٽ)

”اُستاد ٻُخاري“

ڳري ويو سِنڌُ جُون ڳالهيُون، اُنهيءَ جو نانءُ ٻُخاري آ
ماٺهو شاهد نِمون ٽالهيُون، اُنهيءَ جو نانءُ ٻُخاري آ

ٻُخاري رِيت ڳائي وِيو حُسن پِريت ڳائي وِيو
وَهائي پيارَ جون ناليُون، اُنهيءَ جو نانءُ ٻُخاري آ

ٻُخاري سَر بَسر دادو، ٻُخاري سِنڌُ جو جادو
جَنهين وَٽ دَرد جُون ٽالهيون، اُنهيءَ جو نانءُ ٻُخاري آ

ٻُخاري پيارَ جو شاعرُ، سڄي سنسارَ جو شاعِرُ
سُرت، ساڃاهَہ جُون پياليُون، اُنهيءَ جو نانءُ ٻُخاري آ

غُلامي ڳارِ سَمجهي ٿو اِهڙا ڳئي شعرَ سِرجي ٿو
قَبر مان ڪوٺ جُون لوليُون، اُنهيءَ جو نانءُ ٻُخاري آ

ڳوٺاڻي ٻولي ڳائي وِيو سَبقَ قومِي پَڙهائي وِيو
اسين هِن ڃيئڻ شَلَ جاليون! اُنهيءَ جو نانءُ ٻُخاري آ

ڳائي وِيو ديسَ ڌرتيءَ کي، مُحبت کي ۽ سَرتيءَ کي
سندس ڦنَ جون ڳئي چالُون، اُنهيءَ جو نانءُ ٻُخاري آ

مِلو ماڪيءَ جهڙو هو عَظمُ آوشاڪي جِهڙو هو
فِڪرَ جُون جنهن نديون پاليُون، اُنهيءَ جو نانءُ بُخاري آ

عَوامي شاعِرُ تو سَڏجي، ٻوليءَ ماهِرُ ٻہ تو سَڏجي
ڪري وِيو قومي رَڪواليون، اُنهيءَ جو نانءُ بُخاري آ

بُخاري سَڀ کي پيارو هو اکيُن جو چَنڊ ڪو تارو هو
ڳيُون ماٿهن وِيهي ڳالهيُون، اُنهيءَ جو نانءُ بُخاري آ

رَڳنُ ۾ ساهہ تِي ڊوڙيو وڏو ويساهہ تِي ڊوڙيو
چاهي "سروَر" جو خوشحاليُون، اُنهيءَ جو نانءُ بُخاري آ

سرور نواز پکهيو
09-10-2018

(ٽربيوٽ)

"اُستاد بُخاري"

بُخاري سِنڌ ڳائي وِيو
پنهنجو وارو وَڄائي وِيو
بُخاري حُسن ڳائي وِيو
ڳائي وِيو ڇا وَڄائي وِيو!
بُخاري جُهدُ ڳائي وِيو
اسان کي پِي سَمجهائي وِيو
بُخاري پورهيو ڳائي وِيو
سندس اَهميت ٻُڌائي وِيو
بُخاري قوم ڳائي وِيو
سِڌي رستي لڳائي وِيو
بُخاري سِڪَ ڳائي وِيو
ٿَڌا سَاهڙا پرائي وِيو
بُخاري بَختَ ڳائي وِيو
ائين پِي پاڻُ مَڃائي وِيو
سنگيتَ و گيتَ ڳائي وِيو
رُتَلَ ڪيئي پَرچائي وِيو
بُخاري حَقُ ڳائي وِيو
وَڏي وَاڪي ٻُڌائي وِيو
بُخاري بَحرُ ڳائي وِيو
سَوين نالا سُٽائي وِيو
بُخاري رَوش ڳائي وِيو
اڃا ڪارا ٻُڌائي وِيو

ٻُخاري ڀُونءِ ڳائي وِيو
سَڄڻ ساٿيهُ مِلائي وِيو

ٻُخاري ظَرفُ ڳائي وِيو
سَيئي سِيني لڳائي وِيو

ٻُخاريءَ روشني ڳاتي
دُنيا کي روشنائي وِيو

ٻُخاريءَ ٻولي کي ڳاتو
اُنهيءَ کي ويسَ پائي وِيو

ٻُخاريءَ رُوحَ کي ڳاتو
ڳائي ڳوٺون سُلجهائي وِيو

ٻُخاري پيارَ کي ڳاتو
پنهنجو پاسو ٻُڌائي وِيو

ٻُخاريءَ سُونهن کي ڳاتو
سندس عَظمت مَڃائي وِيو

ٻُخاري بَحرُ ٻَرُ ڳاتو
نہ نُڪتو ڪو لِڪائي وِيو

سِرائڪيءَ رمز کي ڳاتو
اکيون اَوجر ڪرائي وِيو

ٻُخاريءَ هارپو ڳاتو
هَرُ ۽ پاڃَر سَجائي وِيو

ٻُخاريءَ عِلمَ کي ڳاتو
پَڪا پوڙها پَڙهائي وِيو

ٻُخاريءَ شعرَ کي ڳاتو
نَديون نَهرون وَهائي وِيو

اسان جهڙن اَياڻن کي

نئين دڳ ساڻ لائي ويو

ٻُخاري بَرجُستو شاعِرُ
ڪئي ڪيپُون ڳِٽائي ويو

ٻُخاري ديسَ جو شاعِرُ
مِٽي کي سون بڻائي ويو

ٻُخاري پِرجهلو شاعرُ
هَرَّئي هِمٿون ٻڌائي ويو

ٻُخاري ڳِنڍڻ جو شاعِرَ
مُعرڪا ڪئي مَلهائي ويو

ٻُخاري مُحبتي شاعِرُ
خياتيءَ کي وَڌائي ويو

ٻُخاري زندگيءَ شاعرُ
اَهميت اُن جي وَڌائي ويو

اُتم اِنسانَ جو شاعرُ
اَمن اُنسيت ساراهي ويو

سيئي عُنوان ڳائي ويو
نہ پُنتي ڪُجھ رهائي ويو

سِنڌ الاجي، اَدبي بورڊ
تنهن سان ناتو نِڀائي ويو

ڪندو ويو پارتون جَڳَ کي
پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائي ويو

تَسلسُل جي تِيون "سروَر"
تہ رستو صاف ٻُڌائي ويو

سرور نواز ٻگهيو
07-10-2012

(ٽربيوٽ)

”اُستاد بخاري“

قَلَمَ جو ڪِيمياگر، بَرابر بُخاري
۽ سِنڌُ جو ثناگر، بَرابر بُخاري

وِساريو نہ جنهن سُونهن کي گَنهن قَدم تي
اُهو سُونهن سَاگرُ، بَرابر بُخاري

ڳچي، ڳاڇي، جَنهن لاڙ اُتر کي بہ ڳايو
عقل جو اڪابر، بَرابر بُخاري

بُخاري ثَقافت ۽ ساڃَهہ بہ ڳاتي
دِليُن جو دلاور، بَرابر بُخاري

مٿي تي سِنڌي ٽوپي، اجرڪ ڳُلهن تي
ثقافت سَراسر، بَرابر بُخاري

فِڪر ۾ پِتائيءَ، پيلاري تسلسلُ
۽ اِنسانَ آدَرَ بَرابر بُخاري

ڪريمي، رَحيمي، حَليمي بہ هُو ۽
سِنڌين جو سُخنُور، بَرابر بُخاري

سندس شعر ”دانش“ جا مَحور ٻڌيل هئا
هو ڏاهپ ۾ اَجگرُ، بَرابر بُخاري

سندس شعر راڳين خُوشيءَ سان ٿي ڳاتا
موسيقيءَ جو ماهِرُ، بَرابر بُخاري

بُخاريءَ جو حَلقو جُڙيو ويو وڏو هو
لڳو پوءِ بہ مُسافر، بَرابر بُخاري

سچيءَ سِنڌُ ۾ ڳائِجي تو بُخاري
فِڪرَ ۾ ٿونگرُ، بَرابر بُخاري

مڃيو جنهن هو مُرشد ۽ رَهُبر لطيفُ
سَندو سِڱَ ساگرُ، بَرابر بُخاري

ڳري ڳالهہ وِيندو هو سُهڻيءَ طَرح سان
هزارن ۾ ظاهِرُ، بَرابر بخاري

وِيو ڳائي وَڃائي، سدا قومَ ٻولي
اِنسانيتَ جو شاعِرُ بَرابر بُخاري

صدين تائين "سرورَ" سندس نانءُ رهندو
هو حِڪمت شَناورُ برابر بُخاري

{۵}

سرور نواز ٻگهيو
25-04-2015

(ٽربيوٽ)

"اُستاد بخاري"

وَڏن شاعرن ۾ بُخاريءَ کي ڳڻجي
اَدبُ پارکُن ۾ بُخاريءَ کي ڳڻجي

هُجي ذِڪرُ، نغمن، قَطعن، ڏوهيڙن جو
وڏن ليڪڪن ۾ بُخاريءَ کي ڳڻجي

نہ ڳايو وَيو آ، اِئين جِيئن بُخاري
سُريلن وڏن ۾ بُخاريءَ کي ڳڻجي

سڄيءَ سِنڌُ کي وِيو آ ڳائي وَڃائي
وَڏن مُفڪرن ۾ بُخاريءَ کي ڳڻجي

نَئين ڏُن ڏِيڻ ۾ هُو ماهر وڏو هو
موسيقيءَ جي فن ۾ بُخاريءَ کي ڳڻجي

"حُميرا"، "ثمينہ"، "امبر" ڪيس ڳائي
سَرجڻهارَ سَچن ۾ بُخاريءَ کي ڳڻجي

ڪِٿي آ "بُخاريءَ نمبر"، ادبي بورڊ؟
قومي شاعرن ۾ بُخاريءَ کي ڳڻجي

ڪِٿي ڪونہ چيئر، اَجان ٿي آ قائم!
سُهڻن تخليقڪارن ۾ بُخاريءَ کي ڳڻجي

سِرائڪي سَندس شاعري ۾ غَضَبُ آ!
غضبُ ڏانشورن ۾ بُخاريءَ ڪي ڳڻجي

نِياياڻين ڏُکيا وَزن شاعِريءَ ۾!
جديد شعر- سُخن ۾ بُخاريءَ ڪي ڳڻجي

نِصابي ڪِتابن ۾ ڪونهي سبق ڇو؟
اَهم شخصيتن ۾ بُخاريءَ ڪي ڳڻجي

اَڄي يار "سروَر" آ سِنڌڙيءَ جو رايو
سَڀاجهَن اِنسانن ۾ بُخاريءَ ڪي ڳڻجي

❀

1. امبر: امبر مهڪ
2. حُميرا: حميرا چنا
3. ثمينہ: ثمينہ ڪنول

سرور نواز ٻگهيو

27-04-2013 (ٽربيوٽ)

"سائين مُحسن ڪڪڙائي"

ڳيتن جي سُرهاڻ هِين سائين!
موج ڀريو مِهراڻ هِين سائين

تُنهنجي رِيت دُنيا کان نياري
گُلڙن جي لالاڻ هِين سائين

ڀِٽائي جي ڳُر سدائين آئين
حقَ ۽ سچ، واڪاڻ هِين سائين

تُنهنجا تورا ڳائن ماڻهو
ڌرتيءَ، ساوڪ، ساڻُ هِين سائين

غزل لکڻ جو ڏانءُ ڏِنو تو
ڏاتِ ۽ ڏانءُ جو ماڻُ هِين سائين

ڏاتِ سان جيڪي جَڳُ اُجارن
اِهڙو مُحسن پاڻ هِين سائين

بُرقعو مَٿو هر ڪنهن کي آ
پوءِ ٻہ لڳين تو ساڻ هِين سائين

"سروَرَ" سِٽَ لکڻ جي چاهي
سَچ، سُرتِ جي کاڻ هين سائين

سرور نواز ٻگهيو
27-04-2018
(ٽربيوٽ)

”سائين مُحسن ڪڪڙائِي“

رُبائي سَندو بادشاھُہ آهي مُحسن
سِنڌي غزل جو شهنشاھُہ آهي مُحسن

ڏِجي ڪِهڙي تشبيهہ، سُهڻي ڳويءَ کي
جو سِنڌي شعرَ جو تخت گاھُہ آهي مُحسن

هُو. درجو رکي ٿو سَنَدَ جو شعرَ ۾
ادب جي ڪا سمجهو پَناهہ گاھُہ آهي مُحسن

ٽڪي، توري، چُونڊي ڪٽي ٿو هُو الفاظ
شعر جي دُنيا جو آماجگاھُہ آهي مُحسن

سندس شعرُ ڀرپُور آ خُوبين سين سان
ٿِيل هر خُوبيءَ کان آگاھُہ آهي مُحسن

سندس گِيتُ ”ڳرڙا آهن ڪيچ ڪٽڻ مان“
ٿِيو مشهور مُلڪين، وَهواھَہ آهي مُحسن

آ چوڏهن ٻولين ۾ ٿِيو ترجمو سندس شعرُ
اِنڊيا ڳ ٰ ـ ان جو ڳواھُہ آهي مُحسنُ!

سِڪڻ جو بہ چاهي، سِکي تو سگهي سو
اَدب ۾ شعرَ جو دَرسگاهہ آهي مُحسن

موسيقار پڻ آ ۽ تخليقڪار پڻ آ
پنهي فَن جي شاخُن جو شاهہ آهي مُحسن

رکڻ ڪنهن جو تورو نہ ڄاڻي تو سَيّدُ،
لاهڻ ۾ ڳائڻ ۾ جُنگاهہ آهي مُحسن

رڳو شعرَ ۾ چو اِنسانيت ۾ مِلندو
دانائيءَ ۾ "سرورَ" عاليجاهہ آهي مُحسن

سرور نواز پکهيو
27-04-2018

(ٽربيوٽ)

”سائين مُحسن ڪَڪڙائِي“

وفا ڪان بہ اڳتي وفا آهي مُحسن!
پِرهہ ويل جي ڪا دُعا آهي محسن

حُسن، عَشق، ٻوليءَ تان سِر هُو فِدا آ
صدين تائين، سِنڌ جي صدا آهي مُحسن

عقل، عِلم، عِرفان ڪان جي هَتي ڪو
اِهڙي بي وَرَڙي لئہ جَزا اهي مُحسن

رهيون هِن جون سوچون هميشہ ئي مثبت
مِسڪينن لئہ مَرهم، دوا آهي مُحسن

حُسن ۾ حُسناڪيون، ڪِهڙي روپ ۾ پيي
مدح خوانَ تن جو سدا آهي مُحسن

لڪيل داٽي داٽي تي جيئن رِزقُ گنهن جو
اِئين هر ڏُکئي لئہ شفا آهي مُحسن

اِيڪيهين صَديءَ ۾ اُصولن جي ماڻهوءَ
جو قد ڪاٺ، بُت ۾ بها آهي مُحسن

ضَميرَ جي حُڪم تي، جو پُورو سراسر
اُها رَسم، رِيت ۾ ”ادا“ آهي مُحسن

لِکڻ شعرُ اَڄڪلهه تي سؤلو پيو آ
مگر شعر جي "سُونهن"، غِذا آهي مُحسن

گُذاري وِيو جِيون، ڪري لوڪَ خِدمتَ
اَندرَ اُجرو ۽ دِل صَفا آهي مُحسن

هَلِي هُن جي مَرقد تي قُلَ چَار پڙهجن
اُنهيءَ ۾ ئي رب جي رضا آهي مُحسنُ!

هَلي اڳتي ميلا مَچن هِن ڳوٺ تي
في الحالُ تہ سَجدو قَضا آهي مُحسنَ

دُعائن ۾ لُڙڪن سان راهي ٿِيو "سرورَ"!
تا مِسڪين چَون، ناخدا آهي مُحسن!

سرور نواز ڀگھيو

04-02-2019 (ٽربيوٽ)

”نازُ لطيفي سائين“

نازُ سائين، جِيئو سدائين
وِرثو لطيف جو پِيئو سدائين

ادبي ميلا وَهوا وهَوا!
قِيامت تائين رنگ رَچائين

ڪيڏيُون سُهڻيون ”طرح مصرائون“!
جِن تي ويٺو ميڙا مچائين

سنڌ جي ڪِريم ڀِٽ شاھ اچي تي
سيني سان تو ٻالَ ٻَلائين

ڀِٽ شاھَ واري شامَ بہ سُهڻي
راڳُ بہ سُهڻو فجرَ تائين

اِمداد، هَاتفَ جهڙا شاعرَ
سُهڻن شاعرن کي تو گُهرائين

تُنهنجو پنهنجو شعرُ بہ وَهوا!
سُر ۾ لئہ ۾ تو ٻُڌرائين

توتي چانوَ ٻٽائيءَ جي آ
جنهن جي آسڻ سَان تو نڀائين

”سرورُ“ توٽي ٻيا سَڀُ شاعرُ
تن کي داد سَان تو هِمٿائين

زنده باد لطيفي وارِثَا!
قَائمُ دائمُ قيامتَ تائين

سرور نواز پکهيو
04-02-2019

(ٽريبيوٽ)

”سائين اِمدادُ حُسيني“

سُهڻو شاعِرُ ٻوليءَ جو اِمدادُ حُسيني
ٻليل مِٺڙي لوليءَ جو اِمدادُ حُسيني

ٽِڪڙُ سارو شهر آ سُهڻن، شاعرن جو
مرڪز ٽولي ٽولِيءَ جو اِمداد حُسيني

ساري عُمر گُذاري جنهن آ ميڙن ۾
ڏاهو ڏور ٻِروليءَ جو اِمداد حُسيني

ڦَادرُ الڪلامُ شاعِرُ آهي، وقت پنهنجي جو
واقفُ راهَ گهڙوليءَ جو اِمداد حُسيني

تحريرن ۾ تخليقن جو ڏات ڏٺي هِيءَ
شاهِدُ سِنڌوءَ ڇولِيءَ جو اِمداد حُسيني

صابرُ، شاڪرُ ۾ دِل گُرڏي وارو ماڻهو
رڪندو مانُ آ جهولِيءَ جو اِمدادُ حُسيني

سُتيءَ ۾ جنهن پيتي اُصولُ پَرستي آ
ناقِدُ ڦيري مَخوليءَ جو اِمدادُ حُسيني

”سرورَ“ سِنڌُ جو سُهڻو ماڻهو سِياڻو شاعرُ
لِکندڙ سِٽُ نَويليءَ جو اِمدادُ حُسيني

سرور نواز ٻگھيو

05-02-2019 (ٽربيوٽ)

"سائين شبير هاتف"

پڪو پُختو شاعِرُ، سُهڻو شبيرُ هاتِفُ
شعر و ادب لئہ جِيئن ڪو ڳھڻو شبيرُ هاتِفُ

ڪئي مُشاعِرا ماري وَيو هُو مَردُ مَتيرُ!
ميڻ جو ناهي، رُڪ جو چَڻو شبيرُ هاتِفُ

طَالبُ المُوليٰ سائينءَ جي محفل جو ماڻهو
ڏيھ پرڏيھ ۾ هاڪ ۾ ٻُجھڻو شبيرُ هاتِفُ

اعليٰ ظرفُ، اعليٰ انسانُ ۽ اعليٰ سوچ
ماڻهو آ يَر ڪوئي مَڪڻو شبيرُ هاتِفُ

هُونئن تہ اَميري رَمز جو ماڻهو آهي هاتِفُ
قُرب ۾ يارَ پر آ ڪُسڻو شبيرُ هاتِفُ

جنھن وٽ شعر جا ماڻ ۽ ماپا هَرَئي "سرورَ"!
شعر و سُخن لئہ رَلڻو مِلڻو شبيرُ هاتف

سرور نواز پڳهيو
21-05-2018

(ٽربيوٽ)

”سائين آثم ناٿن شاهي“

شعرَ ۾ سَنَدَ جهڙو شاعِرُ، آثمُ ناٿن شاهي هو
سِنڌي فارسِي ٻوليءَ ماهِرُ، آثمُ ناٿن شاهي هو

فراخ دِل نہ ڳهڙو پيو ڪو، چاڻان مان هِن ڏيهہ ۾
سارِي سِنڌُ ۾ اَديبُ ظاهِرُ، آثمُ ناٿن شاهي هو

مُحسن سائينءَ سان بہ نِڀاهي، واهَہ جو آثمُ وِيو!
ٿڏڙو مِٺڙو چَڱ ڪو ساحِرُ، آثمُ ناٿن شاهي هو

ناٿن شاهين ۾ وفا بہ هِن کان اِصلاح وٺندو هو
هر ايندڙ لئہ ٻٽيو واهرَ، آثمُ ناٿن شاهي هو

آدبي جهيڙن کان رهندو هو ڏُور هِيءَ تخليقڪار سچو
”سرورَ“ وڏن وڏن کان صابِرُ، آثمُ ناٿن شاهي هو

سرور نواز پکهيو
23-12-2018

ٽربيوٽ
(ڪافيءَ جي صُورت ۾)

"تاجل بيوس"

ڏٺيءَ پُونءِ هِن ۾ مٽيا ڪا رَڪي آ
صَديُون گُذر ٿِيون پر اجان پِي سَخي آ

پِتائي ڏِسو يا ڏِسو سچلُ سامي
آيازُ تاجل بيوس ڏِسو يا بُخاري
سين پنهنجي ڌرتيءَ جي خِدمت ڪئي آ

آڄوڪي ڏِهاڙي ڳيون ياد تاجلُ
ڳشالا ڪيي جو پِڳو پنهنجي مَنزل
مِٽيءَ ساڻ مُحبت سندس رهبري آ

ڀِهراڙين جي ٻولين ڪي تاجل وِيو ڳائي
رَڪي رَمزون ڪِيئي شعرُ وِيو ٻڌائي
پئي جنهن ڪي ٻَنڌڻن ۾ سِنڌُ جي سُتي آ

مُلازمت جي هُوندي وِيو سِنڌُ سان نِڀائي
ويجهي ٿَر ۾ اهڙو سُهڻو شاعِرُ ناهي
سَرجڻهاري ۾ جنهن عِبادت رِتي آ

”اُتو سِنڌ جا وارِثَ، سِنڌوءَ کي بَچايو
پريل پُور ٻيڙيءَ جو ٻئي پارَ لڳايو“
ڪئي ڪيڏي سُهڻي! تاجلَ شاعِري آ

ڪئي شعرَ جوڙي ڇَپي وِيو ڪِتابَ آ
گهڻين ڪيفيتُن جو اُنهن مَنجهه بابُ آ
جي دل سان پڙهون ڄَڻ ڪا ماکِي مِٺي آ

اَيازُ پاڻ ڪان پوءِ تاجلُ ڇَڏي وِيو
وَڏي شاعِرَ جا ڪيس اَلقاب ڏَئي وِيو
اِهڙي لِکت ڳولهيو ڪِتابن ۾ پَئي آ

سَچڻ ۽ ساٿيهه سان جو شاعِرُ سَچو آ
ائين سمجهو ”سرورَ“ حِلالي ٻَچو آ
اِهڙي ساکَ تاجل دُنيا کي ڏِني آ

❀

سرور نواز ٻگهيو
06-01-2019

(ٽِربيوٽ)

”نِيازُ هُمايوني“

وڏو عَالِمُ، وڏو مُحققُ وَطن هو نِيازُ هُمايوني
صُبح جي مَهڪ جِهڙو مالهي، چَمن هو نِيازُ هُمايوني

خُداوندا، وَٺئي جنهن کي، پرين تنهن کي، آمانت سان
مَعارف ۾ مُعالج پُوڻ، زمن هو نِيازُ هُمايون

مُطالعي سان وڏي ٿو ذِهنُ ۾ اِخلاق ماٺهوءَ جو
مالِڪُ اِهڙين سُٺين سُهٽين وَصفن هو نِيازُ هُمايوني

ڳايو جنهن وَقتَ حالتُن کي، هو رَمزُن ۾ ڪِنايِن ۾
سوچيندڙ پُوڻ ساريءَ لئہ، گگنُ هو نِيازُ هُمايوني

ڄاڻُو هو فارسِي، عَربي، پَنهنجي مادر زُبانُ سان گڏ
ادب ۾ عِلمَ جو ڪوئي صحن هو نِيازُ هُمايوني

آنڌاري جيل جو مِهمانُ، رهيو پڻ ڪُجه وقت جي لاءِ
اِئين چَئجي تہ نظرياتي سُخن هو نِيازُ هُمايوني

ڪري وِيو سِنڌُ جي خِدمت، آهي ڳائي وَڄائي هُو
پنهنجي ضميرَ سان ڪوئي، وَچن هو نِيازُ هُمايوني

ٿَنگي آ وقت جي ”سرورَ“ ڪري ڇَڏ نَظُمَ کي مُختصر
پِٺائيءَ پُوڻ جو اعليٰ، ذِهن هو نِيازُ هُمايوني

سرور نواز ٻگهيو
31-08-2018
(ٽِربيوٽ)

"شمشيرُ الحَيدري"

شاعِرَ سُهڻي ڏرتيءَ جا، شمشيرَ جِئين!
ماهرَ ڀِھڪِڻي ٻوليءَ جا، شمشيرَ جِئين!

ڳالھ هَلي پئي جِيون ۾ خُوددار رَهئين
پارکَ مَٽيا موتيءَ جا، شمشيرَ جِئين

سُونهن سان تُنهنجي عِشقَ جو ڪوئي مِثالُ نہ آ
سُورهيہ سُونهن خُدائيءَ جا، شمشيرَ جِئين

عِشقَ سان گهرا ناتا توڪان ڪوئي سِکي!
دِلبر ڌرتي، سرتيءَ جا، شمشيرَ جِئين

جيئڻ جي آنمول اُصولن وارا شاعِرَ يار
شَاعِرَ ساري سِنڌڙيءَ جا، شمشيرَ جِئين

راتيون ڏينهن گُذاريا تو تَخليق ڪندي
وَارث آرٽ تخليقيءَ جا، شمشيرَ جِيئن

دِل گُهري ٿي تُنهنجي خوبين تي پيو لِکان
ڏاها خامِي خُوبيءَ جا، شمشيرَ جِيئن

"سرورَ"، تُنهنجي هَر پهلوءَ تي سوچيو آ
راکي پَردي چُنريءَ جا، شمشير جِئين

سرور نواز ڀگهيو
20.1-12-2015

ٽربيوٽ
(گيت جي صُورت ۾)

"شيخ اياز"

سِنڌُ جا سُهڻا ڳوڀ، تُنهنجي اَڄُ ڀِي شاعِري
حُورون ڳائِن ٽِيون ڀِيون
حُورون ڳائِن ٽِيون ڀِيون

تو سَموهِي سِنڌُ جي تَواريخَ پنهنجي شعر ۾
تَنهن ۾ ڀِي جا نغمگي
حُوورن ڳائِن ٽِيون ڀِيون

ٻولي کي ٿُون گُلَ ڏَئي وِئين سُونهن جا سُرهاڻ جا
۽ جا تَن ۾ تازگي
حُورون ڳائِن ٽِيون ڀِيون

تو نِپايو گيتَ ۽ سنگيتَ سان ساري ڇمارَ
۽ جا تَن ۾ آ گهِي
حُورون ڳائِن ٽِيون ڀِيون

قومي جَاڳرتا سان تُنهنجا نظمَ جي تِمتار هِن
۽ جا تَن ۾ رَهبري
حُورون ڳائِن ٽِيون ڀِيون

ٿنهنجي عَظمت، ٿنهنجي جُرئت آ مِثالي ڪَنڌَ ۾
ءِ جا ٿنهنجي ساحِري
حُوورن ڳائِن ٿِيون پِيون

هِي جي ميلا وِيا مچي، تنهن ڪي زَمانا ڳائيندا
نن ۾ "سرورَ" جا خُوشي
حُوورن ڳائِن ٿِيون پِيون

سرور نواز ٻگھيو
28-12-2003

(ٽربيوٽ)

"شيخ اياز"

سِنڌُ ۾ هِڪڙو هُيو اياز اِيندو ڪو نہ ٻيو
جهڙو هِي شَعر و اَدبَ ۾ ٿَهڙو ٿِيندو ڪونہ ٻيو

سِنڌ جي شَعر و اَدب کي چِينَ جي ڍِيوار ڏَئي
جيئن وِيو آياز آهي، اِيئن ڏِيندو ڪونہ ٻيو

عِلمَ توڙي شاعِريءَ ۾ مَٽُ هِن جو ڪونہ هو
ديو قامت هو سِنڌيءَ ۾ اِيئن لِکندو ڪونہ ٻيو

سِنڌُ جي ڌَرتي سَياڻي ۽ صَدوري يارَ آ
ڇا تہ هِيرا لَعل ٿي جَنمي، ڄَڻيندو ڪونہ ٻيو

پيارُ مُحبت ۽ عِبادت هُئي سندس خميرَ ۾
جيئن وِيو ڳائي وَڄائي، ايئن وِيندو ڪونہ ٻيو

ساڱُ "سرورَ" تو وڃي، ساجُهرَ لڏيندو لوڪَ مان
سِنڌ جَي هِن هيري موتيءَ، جِيئن لڏيندو ڪونہ ٻيو

سرور نواز ٻگهيو
09-12-2018

ٽربيوٽ
(ڪافيءَ جي صُورت ۾)

"شيخ اياز"

اسين ميلا مچايون ويٺا هُون
شيخ اياز ٺُنهنجي سِنڌڙي جِيئي!
اسين نِينهُن نِڀايُون ويٺا هُون

نَظَمَ بہ ٺُنهنجا، گِيتَ بہ ٺُنهنجا، پيارَ مُحبت پِريت بہ ٺُنهنجا
آسين هِيئين هَنڊايُون ويٺا هُون، اسين ميلا مچايون ويٺا هُون

ٺُنهنجِي وطن سان مُحبت جِيئي، جِيونُ جُهد ۽ هِمت جِيئي
ساري جڳ کي ٻُڌايو ويٺا هُون، اسين ميلا مچايو ويٺا هُون

ٺُنهنجي ٻولي لولي جِيئي، سارا خوابَ ٻَرولي جِيئي
ٺُنهنجا نغمہ ڳايون ويٺا هُون، اسين ميلا مچايو ويٺا هُون

"سرورَ" حَق جي قِيادتَ جِيئي، سُهڻو عِشقُ عِبادتَ جِيئي
ڪيئي رنگ رَچايون ويٺا هُون، اسين ميلا مچايون ويٺا هُون

سرور نواز پکڙهيو
09-02-2013

(ٽربيوٽ)

”پروفيسر ڊاڪٽر اينميري شِمل“

هُو جَرمن جي ڄائي ۽ جَرمن نِپائي
مگر ٽَرمپ وانگيان هُئي سِنڌ ۾ به آئي

هُو حلاجَ، شيلي ۽ سُورلي ڪان واقف
هُو ٻُڌمت، مذاهب ۽ جيٽلي ڪان واقف

ڀٽائي ۽ اِقبالُ، سچلُ، پڙهيو هُن
لغاري خليفو ۽ حملَ پڙهيو هُن

گهڻا صُوفي شاعرَ ۽ بيدلُ پڙهيو هُن
۽ اِنجيل، قُرآن، بائيبلُ پڙهيو هُن

اَحاديثِ نَبوي به پڙهندي رَهي هُئي
۽ تَفسيرُ تاويل لِکندي رَهي هُئي

ڪئي شعر، مضمون، پيپر، پڙهيائين
غَزل ۽ رُباعيون به اڪثر لِکيائين

هُو شاعره، اديبه ۽ مُصنف رهي هُئي
هُو عالِمُ، اڪابرُ ۽ مُنصفُ رهي هُئي

وڏيءَ چاڻ واري هُئي هِيءَ ليڊي
۽ اِنسانيتَ سان سَچي هِيءَ ڪيڏي!

آندر ۾ ڪنيو عِشقُ آڙاهُہ هُن هو
ڪيو عِشقُ اڪرن سان والله هِن هو

سندس رُوح تڙپيو تي حَق سَچ لِکڻ لئہ
ڇيو جو نہ ڪنهن هو اُهو ئي چَوڻ لئہ

هُئِي مَشرق ۽ مَغرب جي پَرچارَ هِن وٽ
هُيون سُهٽيون سوچون اَڪيچار هِن وٽ

سانِئڻ ايلسا، وَانگ رهڻ هِنَ گُهريو تي
۽ سِنڌ ڪي وَطن پيو ڪرڻ هِن گُهريو تي

تڏهين هِن مَڪليءَ ڪي واڪاٽيو تِي
ٿِيڻ اُتڙي مَدفن لئہ ٿَنَ تاٽيو تي

اِها ڳالهہ "سرورَ" تہ جَرمن بہ اُن سان
ڪئي ايڏي مُحبت، جيڏي سِنڌ هِن سان

هِي انسانيتَ جا پَرستارَ ماٺهو
هِي عِلمُ و اَدب جا ڪي شَهڪارَ ماٺهو

جِتي جاءِ ڌرتيءَ ڏِني اُت رَهي پِيا
۽ عَظمت جا نِيشانَ ٻَنتي ڇڏي وِيا

سرور نواز پکهيو
07-02-2013

(ٽِربيوٽ)

”علامہ غلام مُصطفيٰ قاسمي“

هُو تقريرَ، تحريرَ جو آهي صاحبُ
هُو تشريحَ، تفسيرَ جو آهي صاحبُ

هُو هِن ڪَنڌَ جو آ اَڪيلو ئِي عالمُ
اڪيلو ئي عالِمُ ۽ فاضلُ مُعلَمُ

سوين ڊاڪٽريءَ جون بہ سَنَدون ڏِنائين
اِئين ڪيئي پوئلڳ بہ پيدا ڪيائين

هُو تحريڪَ تنظيمَ ۽ خُود هو اِداره
جي هِن جا ٿِيا طالبَ اُهي پڻ سگهارا

هُو اِسلامُ جي ڪائي يُونيورسِٽي بہ آهي
هُو عالمُ اُڪابرَ مُفڪر بہ آهي

هُو سوچي تہ سِرجن ٿا ڪِيئي مَقالا
هُو مُرڪي تہ مُشڪن تان ڪيئي ڪشالا

اَڪيچارَ مَداحَ جي ڏِيهہ ۾ ٿَس
تہ ڪيئي پَرستارَ پَرڏيهہ ۾ ٿَس

ڏيڻ ڪيس ميتا لئه اَڄُ گڏُ ٿياهون
ڪيئي شعرَ مضمون پيپرَ لِکياٽئون

صَدارت بہ عالِمُ وڏو ڪو ڪري پيو
موڏانهن خوش ٿِي عُثمان منگي ڏِسي پيو

هِي "تنظيم ماٽڪَ ۽ موتين" جي آهي
جَا عرصي کان پَئي ٿي رِهاڻيون رَچائي

خدا اِن کي طاقت ۽ دولتَ وڏي ڏِئي
جَوان جوش جَذبو ۽ هِمتَ وڏي ڏِئي

ڳري جِيئن سَگهي سَين مُوتين جي خِدمت
جو خِدمت ۾ "سرورَ" لِکلَ آ عِبادت

سرور نواز ٻگھيو
17-02-2013 (ٽربيوٽ)

”علامہ غلام مُصطفيٰ قاسمي“

سِنڌُ جو هِيرو هُيو هِڪڙو علامہ قاسمي
سِنڌُ جهڙو ئي هُيو سُهڻو علامہ قاسمي

ڪاٽي آ مُنهنجي قَلم ۾ سَگهہ اِهڙي صاحبو!
جو چِٽي نقشو سَگهان، جِهڙو علامہ قاسمي

مُون کي آ اِعزازُ مِليو شعرَ جو ڇَپجي وَيو
”عالِمنَ جو آفتابُ“، هُو علامہ قاسمي

ساري دُنيا ۾ سندس، طَالب رهي پِيا دَرس ڏين
دِيني خدمت جو ڏِيو شُعلو علامہ قاسمي

ڇا تہ هُن جو پيارُ هو اُستاد پنهنجي سان سچو!
پيارَ جو پيڪرُ هُيو سمجهو علامہ قاسمي

ڻون بہ ”سرورَ“ اِهڙي ڪا خِدمت ڪري وَڃُ ديس جي
جِهڙو خِدمت ۾ هُيو اَڳرو علامہ قاسمي

سرور نواز پکهيو

04-10-2001 (ٽربيوٽ)

"شَمسُ العُلمَاءِ مِرزا قليچ بيگ"

عِلمَ و ادب جو فِدائي آهي
مِرزا قليچ بيگ روشنائي آهي

سَوين ڪِتابَ لِکي هِن ڏاهي
اَدبي جوتِ جَلائي آهي

سِنڌي صَرف ۽ نَحوَ لِکيائين
ٻولين جو شِيدائي آهي

پِٽ ڌَنيءَ جا بيت سَهيڙِ
قوم سڄيءَ سان ڀَلائي آهي

هِن جي ڪِتابن مان پڙ چڱي
مِلندي رهي رَهنمائي آهي

پار قُليلي ۾ هِن جا اِدارا
جن ۾ خُوب پَڙهائي آهي

سِنڌ جي خدمت جو ٻه گري تو
"سرورُ" اُن جو مداحي آهي

سرور نواز ٻگهيو
08-06-2003

(ٽربيوٽ)

”شيخ عبدالمجيد سنڌي“

عِجبُ هِيءَ اِنسانُ سِنڌڙيءَ جو ڄائو!
نہ مايا نہ مِلڪيت مگر پوءِ بہ ڏائو

اَميريءَ غريبيءَ کي گڏ تي هَلايئين
مُسلسل جِدوجهد سان گورو ڀڄائين

هُو آزادي جي ڄڻ علامت بڻيل هو
هُو اَمن ۽ اخوت جي دولت بڻيل هو

نَنڍي کنڊ جي آزادي لئہ ڪم ڪيائين
۽ انگريز کان پاڪ آستانُ وَتائين

۽ سِنڌُ جي ڀلائي لئہ پاڻُ اَرپيائين
بمبئي کان اُنهي کي بہ آزاد ڪِيائين

اڪيلو نہ هو پر وَڏي ساٿَ سان هو
وڏي ساٿَ ۾ بي هُو قدَ ڪاٿَ سان هو

ڇَون ٿا تہ تقريرَ جو بادشاهُہ هو
۽ تحريرَ جو پڻ شهنشاهُہ هو

هُو ويهين صديءَ جي ڪا تحريڪ هو
۽ سِياسي فِڪر جي ڪا تخليق هو

ٻڌو ٿئون ته چوٽيءَ جي سياست ۾ هو
۽ سياست ۾ هِن هو هميشه ڪَٽيو

اَدب ۾ به هِن جو هو ڏاڪو ڄميلُ
سياست، اَدب جي ڪُٽي هو پِيل

ڇَون ٿا نندي ڪنڌ ۾ سياستَ وڏي ڪِيئين
۽ سياست ۾ "سرورَ" به مِحنت وڏي ڪِيئين

هِي جُهد مُسلسل ۾ ڪامِلُ ٿِيو
۽ سِنڌُ جي سَپوتن ۾ شامِلُ ٿِيو

خُدايا! اسان کي به سِنڌي ڳجاڻ
۽ سِنڌُ جي سَپوتن ۾ شامل ڳجاڻ

سرور نواز پگهيو
12-09-2004
(ٽريبيوٽ)

”غُلام مُحمد گِرامي“

اَدب جو اَبو ۽ ادب جو نقيبُ، علامہ گِرامي علامہ گِرامي
جِدت جو اَجهو ۽ جِهل جو رقيبُ، علامہ گِرامي علامہ گِرامي

عَجبُ سِندُ جيجل جڻيا پُٽ! جِن آ، گيو نانءُ اوچو سدائين اَمرُ جو
تخيُلَ ۾ اعليٰ فِڪرَ جو خطيبُ، عَلامہ گِرامي، عَلامہ گِرامي

نہ هُن کي وَڏائي نہ ڪوئي تڪَبُر، هَميشہ هُو سادو ڏِسڻ ۾ هو ايندو
مَگر عَزمَ اعليٰ گهڻن لئہ عَجيبُ، عَلامہ گِرامي، عَلامہ گِرامي

هُو مَشرقَ ۽ مَغربَ جي شعرن ڪان واقفُ، ادبَ ڪان بہ واقف عِلم ڪان بہ واقف
مِٺو مائي جِهڙو ڏِسڻ جو غريبُ، عَلامہ گِرامي، عَلامہ گِرامي

وَڏي ڳالهہ ”سرورَ“، پنجن شعرڙن ۾ ڪرڻ ايڏي سولي بہ ناهي جي سَمجهين!
هُو سِندُ جو فخرُ، سُهڻو سِندُ جو نَصيبُ، عَلامہ گِرامي، عَلامہ گِرامي

سرور نواز ڀڳهيو
23-09-2018
(ٽِربيوٽ)

"غُلام مُحمد گِرامي"

اَدبَ جِي راهَہ جو رَهبرُ، غُلام مُحمد گِرامي هو
وڏو عالِمُ، پڪو شاعِرُ، غُلام مُحمد گِرامي هو

گَئي پاسا سندس شخصيت جا آهن بَرملا جَڳ ۾
مُحقق چَئوس يا مُدبِر، غُلام مُحمد گِرامي هو

ويهارو سال ڪان وڌ ڪئي تہ-ماهي مهراڻ جي خِدمت
ايڊيٽر، برجُستو ماهِرُ، غُلام مُحمد گِرامي هو

اُردو عربي توڙي فَارسي اَدب تي پهچ هئي هِن جي
بَظاهِرُ شخصُ ڪو قلندرُ غُلام مُحمد گِرامي هو

صَحافت ۾ ثَقافت ۾ ۽ دَانش ۾ هو آڳاهون
هُيو ڪو ٻيو هِتي ساحِرُ، غُلام مُحمد گِرامي هو

"مقالو" "مَشرقي شاعريءَ جا فني قدرَ رُجحاجات"
لکيا ٽي سئو صفحا، اَجگرُ غُلام مُحمد گِرامي هو

گِرامي نمبر پِي نِڪتو سندس تحريرون پِي ڇَپيون
جنهن جي خوشبوءِ شهرَ شهرَ، غُلام مُحمد گِرامي هو

"عمارت بورڊ جي ڪائي، گِرامي جي ڪجي نالي
مِلي جَنهن کي جَتوئيءَ پر، غُلام مُحمد گِرامي هو

جنهن سان نَسلن اسان جن جي، رَهندي اُنسيتَ توڙي اُلفتَ
وَفا جو هُوبهو پيڪرُ، غُلام مُحمد گِرامي هو

سَباجهو سُلڇڻو عالمُ هُئو حَقَ سَچَ تي قائِمُ
رَکيو جنهن مُرڪَ کي دائِمُ، غُلام مُحمد گِرامي هو

سَبق سارا پڙهائي وِيو سَچا موتي وِرهائي وِيو
اَدب ۾ سَنَدَ جو "سرورَ"، غُلام مُحمد گِرامي هو

سرور نواز ٻگهيو
15-01-2019

(ٽربيوٽ)

"علامہ آءِ-آءِ- قاضي"

سِنڌڙيءَ جو هو خِدمتگارُ علامہ آءِ-آءِ-قاضي
جنهن کي ڏِين سان سَچو پيارُ علامہ آءِ-آءِ-قاضي

اِيندو وِيندو رَهندو هو مَغربي مُلڪن ڏي بہ گهڻو
ميڊم اَيلسا جنهن جو خُمارُ علامہ آءِ-آءِ-قاضي

ماٺهو اُصول پَرست هو اِن ۾ ڪوئي شَڪُ نہ آ
مِٺي جنهن جي مَٺيادارُ عَلامہ آءِ-آءِ-قاضي

جَمع جي ڏِينهن مَسجد ۾ ديني خُطبا ڏِيندو هو
ڪندو رهيو مَذهبي پرچارَ علامہ آءِ-آءِ-قاضي

"ڊاڪٽر بَلوچ ٻاهر نہ وَڃ"، ديس واسين جي خِدمت ڳر
اِهڙو جنهن ڪيو اِظهارُ علامہ آءِ-آءِ-قاضي

اُوٽنيهہ سُر ترتيب ڏِيئي، وِيو ڪيڏارو ڏُور رَکي
اِهڙو رسالو ڪيو جنهن تِيارُ علامہ آءِ-آءِ-قاضي

سندس ليڪچر توٽي ڳالهيون، ماٺهن کي هِن ياد اَچان
دِل ۾ ڳالهيون اڪيچارَ علامہ آءِ-آءِ-قاضي

سندس ٽُربتَ، مارئي هَاسٽل، سامهون سِنڌ يونيورسٽيءَ ۾
جنهن جو سنڌ يونيورسٽيءَ سان پيارُ، علامہ آءِ-آءِ-قاضي

ڊاڪٽر بَلوچ ۽ جويو صاحب، پر سندس ۾ آرامي
سِنڌُ جو "سرورَ" ٻي سينگارُ علامہ آءِ-آءِ-قاضي

سرور نواز ٻگھيو
15-01-2019

(ٽريبيوٽ)

"ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ"

آدب جي خدمتَ وَڏي ڪري وِيو ڊاڪٽر نبي بخش بَلوچُ
لوڪ ادبَ ۾ ساھہ وِجھي وِيو ڊاڪٽر نبي بخش بَلوچُ

شاھہ سائينءَ تي ڪمُ ڪيائين، ٻين آديبن کان بہ وَڌيڪ
شاھہ سائينءَ جي لُغت لِکي وِيو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچُ

سِنڌي ٻوليءَ تي پڻ چڱو خاصو ڪمُ ڪري وِيو آ
جَامعُ لُغت لِکي ڏئي وِيو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچُ

موسيقيءَ تي پڻ ڪِتابُ، ضخيم لِکي ڏئي وَيو آ
موسيقيءَ جي سُونهن سَلي وين ڊاڪٽر نبي بخش بلوچُ

سُگھڙن ساڻ بہ ڪچهريون سنڌس جامَ رهيون
سُگھڙائپ ۾ رَنگ ڀَري ويو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچُ

سنڌ سڄيءَ کي روشناس ڪرائي وِيو ڏِيھہ پَرڏيھہ ۾
اِن طرح جو بُنياد وِجھي ويو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچُ

جِيسين ڌرتي آهي تيسين ڊاڪٽر مرڻو ناهي مُورُ
جِيون ۾ ڪِئي ڪِتابَ لکي وِيو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچُ

"سرورَ" سائين، ڊاڪٽر بلوچُ، واھہ جو جِيونُ گھاري وِيو
ساري سِنڌُ جِياري وِيو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچُ

SOORH SINDHI ADAB

سرور نواز ٻگهيو

(ٽِريبيوٽ)

15-01-2019

"ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو"

وڏي ساڃاهہ وارو آ
۽ عالِمُ پڻ نيارو آ

سنڌس ترجيحَ ميرٽ آ
۽ خِدمت جو سِتارو آ

سنڌس تحقيقَ جا معيارَ
اُتمُ اعليٰ اِشارو آ

ٻولي جي پارکُن جي لئہ
وِهائو جَڳُ کو تارو آ

سنڌس تصنيفون سڀُ سُهڻيون
سي ٻوليءَ ۾ واڌارو آ

وڏا فَنڪشنَ ڪرايائين
اديبن جو سَهارو آ

نَئون ڪُجهہ تو ڏِيڻ چاهي
تَخيلَ ۾ سَگهارو آ

سَجڻُ بهارَ رُت آهي
نہ آرهڙ آ نہ سِيارو آ

مُسلسل جُهد ۾ آهي
طبيعتَ ۾ پِيارو آ

سنڌس اِخلاص پڻ "سرورَ"
سِنڌوءَ جو هر ڪُنارو آ

SOORIH SINDHI ADAB

سرور نواز ٻگھيو

15-01-2019 (ٽِريبيوٽ)

”ڊاڪٽر غُلام علي الانا“

هِيءَ خِدمت جي جَذبي سان سَرشارُ ماڻھو
ٻ ٻوليءَ جو پڙهُ آ ڪو سِينگارُ ماڻھو

عِلمُ دوستُ، اَدبَ دوست، ساڃاهَ جو پُتلو
الانا آ خُوبين سان ڀِرپُورُ ماڻھو

جيئڻ لاءِ شِيڊيول ضَروري تو پاڻي
عِلم جي پِياس سان هِي تار تارَ ماڻھو

گِرامر تي پڙهڻ ڪم سٺو ئي ڪيو تس
آ خِدمت ڪرڻ ۾ وَضعدار ماڻھو

ٻوليءَ کي ها، تشريحي گِرامر ڏِنائين
گِرامر ۽ ٻوليءَ سان پيڪارُ ماڻھو

”اَدبي، ثَقافتي هُوءَ تواريخ لاڙ جي“
لِکي سِنڌُ کي ڏِيندڙ سَرجڻھارُ ماڻھو

مِٽي سِنڌُ جي اِهڙي رَب آهي خَلقي
جو مِحنت ڪري سو خُوشبوءِ دارُ ماڻھو

جي عالمَ ۽ ڏاها وَيا رَهجي ”سرورَ“
اُنهن ۾ ٻه هر هِڪُ آ مهندارُ ماڻھو

سرور نواز پگهيو
24-01-2019
(ٽربيوٽ)

"محمد عُثمان ڏيپلائي"

ادبي دُنيا جو شهزور هو محمد عُثمان ڏيپلائي
ماڻهن ۾ ماڻهو مور هو محمد عُثمان ڏيپلائي

"سانگهڙ" ناول لِکي جا وَيو! چڙهي وِيو ڇاپ ناول تي
غريبن تان وِيندو گهورَ هو محمد عُثمان ڏيپلائي

صَحافت جي دُنيا جو پڙ، وڏو نالو هو جي ڏِسجي!
صَحافت ۾ هُو زور هو محمد عُثمان ڏيپلائي

پڙهائي وِيو پنهنجي ٻچڙن کي مانجهي هِيءُ مٺيادار
اَدب ۾ جنهن جو ڪو دؤر هو محمد عُثمان ڏيپلائي

مُهاڏو جنهن ٻه اَتڪايس، ڇَٽا رُڪَ جا هُٺا ڇَپيا تنهن
مِسڪينن آڏو ڪافورُ هو محمد عُثمان ڏيپلائي

آهي اولاد جي سُڌريل، ڳري تو نانءُ وڏن روشن
"سرورَ" سو ئي زوران زور هو محمد عُثمان ڏيپلائي

سرور نواز ٻگهيو

19-01-2019 (ٽربيوٽ)

"سَيدُ رسول بخش شاهہ"

اِسڪولن ۾ آ رائجُ، لَطيف شناسائي
ڪئي جنهن، سَيد رسول بخش شاهہ ڦڪائي

پنهنجي وَقت جو هِيءُ وڏو ڪم ڳيائين
ڳندو هُونئن بہ رَهندو آ خِدمت، ڀلائي

ڀِهراڙين ڏِنا هِن وڏا نانءُ هميشہ
ڦَڪن جي ڀهراڙيءَ ۾ هيءَ شخصيت ڄائي

ماڻهن کي سُڃاڻڻ ڏُکيو ڪمَ تہ آهي
مگر اُن ڪم تاءِ بہ سندس آ رَسائي

چڱو هِيءُ ڪمُ سندس ڀاڱي هو آچِٽو
بَجيٽ ورنہ تعليم، ٿي اربن ۾ آئي

اِسڪولن ۾ آجرڪَ جو اِستعمالُ پڻ
وڏي ڳالهہ آ پَر جي سَمجهي ڪو ڀائِي!

خُدا توکي سائين، وڏا ڀاڳا ڏِئي شل!
اَدب ۽ ثقافت جي تو عِزت وڌائي

آ ٻي ساري تعليمَ هِڪڙي ئي پاسي
جي ڏِسجي تہ تو وٽ مُحبت نِمائي

خُدا تُنهنجا ٻچڙا رکي شادُ آبادُ
دُعا دِل "سرورَ" مان، صُبح ساڻ آئي

سرور نواز پگهيو
10-03-2018 (ٽربيوٽ)

"ڪامريڊ تاج محمد ابڙو"

سِيمابي طَبيعَت جو مالڪُ هو آبڙو
حَياتيءَ ۾ جڻُ ڪوئي سالِڪُ هو آبڙو

ڪامريڊ تاج مُحمد، سَندي نانءُ سان هو
ڪاپي ڏُر جي تنظيم جو خالِقُ هو ابڙو

ها پڙهجي، پرائجي عِلم کي وَڏائجي
عِلمَ کي وِرهائڻ جو مالِڪُ هو ابڙ

سَچو ڏِينهن اُن خيالَ ۾ ئي هو رَهندو
ڪجي ڪائي خِدمت، جو شائِقُ هو ابڙو

نَنڍي ڪان وِڇوڙو وَالدَ جو ڏِٺائين
وَيو پاڻُ سنڀالي، ڪو لائقُ هو ابڙو

ٻچا ٻار عِلمَ ۾ لڳائي ڇڏيائين
۽ مددون ڪيائين جڏ ٻالڪُ هو ابڙو

شَعور ۽ فِڪرَ کي ڪري وَيٺو پنهنجو
چَڱن جي صُحبت جو سَياوِيڪ هو ابڙو

صَحافي، سِياستدانُ، اَدبَ دوست ۽ جَج
سَماجي ڪمن ۾ به فائِقُ هو ابڙو

ڪيئين ديسَ ۽ ديسَ وارن جي خِدمت
جي ڏِسجي ته مطلوبُ ۽ طالبُ هو ابڙو

سڄو گهرَ، سندس واٽ تي ئِي هَلي ٿو
سُٺي تربيت جو هو هيراڪُ ابڙو

”ابڙو وَڏو، وڙو“ واري درجي تي پهتو
طَبيعت ۾ ڏاڍو مُشفق هو ابڙو

پري تائين پَهتو سندس نانءُ ”سرورَ“
صحيح فيصلن جو ئي لِيکڪُ هو ابڙو

سنگت مان ئي ”سرورَ“ تو ماٺهو سُڃاپي
وڏين هَستين ۾ بہ لائِقُ هو ابڙو

سرور نواز ٻگهيو

12-10-2001 (ٽِربيوٽ)

”حميد سنڌي“

جو گوهر منجھ گُفتارُ بہ آ
جو سَاهتَ جو سِينگارُ بہ آ
جو سِنڌُ جو خِدمت گارُ بہ آ
۽ ماٺهو مٺيادارُ بہ آ
ناهي چِيني ۽ نہ هِندي
حَميد سِنڌي، حَميد سِنڌي

ٿو سچو ڌرتيءَ ساڻُ رهي
۽ پنهنجي پيارَن ساڻُ ٿهي
پيو خدمت ڪارڻِ سُور سَهي
هَا اِهڙو ماٺهو لَکَ لهي
نہ بَلخ، بُخارا، سمر قَندي
حَميد سِنڌي، حَميد سِنڌي

جو عُمريُون ڏُکَ ۾ گهاري ٿو
پَر مقصدُ ڪِين وِساري ٿو
جو سنگت ساٿُ بہ ساري ٿو
جو قولَ پنهنجا پيو پاري ٿو
۽ دِل بہ رکي ٿو درد مندي
سو حَميد سِنڌي، حَميد سِنڌي

اَڄَ ڪيرُ ڳري ٿو خَرڃَ گهران!
۽ ڪير ڏئي ٿو هَڙان وَڙان!
نہ ٿو اِهڙو ماٺهو آءٌ سَنبران
پر ”سرورَ“ ها، ٿو هِڪُ سَنبران
آ رهندو سِنڌوءَ ڪاهي ڳنڍي
سو حَميد سِنڌي، حَميد سِنڌي

سرور نواز ٻگهيو
05-05-2003

(ٽِربيوٽ)

”حميد سِنڌي“

پنهنجي ڳالهه تي پُورو آهي
تِر جيترو بہ لِچڪيو ناهي

ڳالهه بہ سِنڌي اَج بہ سِنڌي
سُياڻ بہ سِنڌي رَهڻو آهي

پُٽتي پيرُ نہ هَٽندو هِن جو
سِندُّ ماءُ جو ڄِڻيو آهي

ڀَھرئين سُتي پِئيندي ٽِپي وِيو
شاهَہ لطيفَ جو پارکو آهي

عَشقَ، اَدبُ ۽ عِلمُ آ هِن وٽ
ليکڪُ وڏو ڀَھڳُٽو آهي

ڳڏهن لڳندو آ ماڪِيءَ لارون
ڪڏهين رُڪَ جو ڇَٽو آهي

هَٿ ۾ مَشعل، سوچ ۾ شمعُون
پَروانو ٽي پَچندو آهي

مِسڪينن تي ٻاجهہ جو هَٿُ آ
روپو سونو سِڪو آهي

عَملَ جي ميدان، ۾ اَڄُ پڻ
سُورهيہ وَانگيان ٻيلو آهي

رُوحَ رِهاڻَ ڪان بَزمن تائين
نيرون ڪوٽ جو قلعو آهي

ڪِيئي ڪتابَ ڇاپي ڇَڏيئين
ڪمپيوٽر ۽ حوصلو آهي

جَيوَنَ جو اُهڃاڻَ لڳي ٿو
ماٺهو هُونئن بہ مِٺڙو آهي

ساري سِنڌڙي ڄاڻي هِن ڪي
ڳوٺُ سَندسَ نوشهرو آهي

"حَميدُ سِنڌي" پيار مان اَڄڪلهہ
"پيارا حميد" سڏبو آهي

خِدمت گُذار جُڳن ڪان "سرورَ"
ماڻهو مُورئون مِٺڙو آهي

سرور نواز ٻگھيو
2001

ٽربيوٽ
(وائيءَ جي صُورت ۾)

”محمد ابراهيم جويو“

هُو سادڙو ماڻھو آ ۽ سياڄھڙو ماڻھو آ
اَربيلڙو ماڻھو آ

تحرير ڪي ڄاڻي تو تقريرَ ڪي ڄاڻي تو
ٻَن ڄَڻ جي موسمَ ۾ بِي گُلابڙو ماڻھو آ
اَربيلڙو ماڻھو آ

تاريخَ لِکي ڄاڻي تنقيدَ بہ ڪري ڄاڻي
هُو وقت جو ڏاهو آ ۽ پيادڙو ماڻھو آ
اَربيلڙو ماڻھو آ

ساڃاهَہ رکي تو سِياسِي ۽ پورهيو ڪري تو آدبي
چوراسي عُمر هُوندي، ڄَڻ جوانڙو ماڻھو آ
اَربيلڙو ماڻھو آ

صَديُن ڪان پوءِ اِيندا هِن، راڻا، روز نہ ڄَمندا هِن
صَديُن تي نظرَ هِن جي، ڪو دُشالڙو ماڻھو آ
اَربيلڙو ماڻھو آ

”سرورَ“ جي صَدا رَهندي، سچ ڳالھہ تہ ٻَئي هَلندي
شلَ عُمريُون وڏيون ماڻي، ها پيارڙو ماڻھو آ
اَربيلڙو ماڻھو آ

سرور نواز ڀگهيو

12-11-2017 (ٽربيوٽ)

”محمد ابراهيم جويو“

ڌرتيءَ جو دِلبندُ هُيو جڻ، محمد اِبراهيم جويو صاحبُ
جِسمَ ۽ رُوحَ ۾ سِنڌُ هُيو جڻ، محمد اِبراهيم جويو صاحبُ

سارو جِيون آرپي وِيو عِلمَ، اَدبَ ۽ ٻوليءَ کي
سِنڌڙيءَ لئه کو سُگنڌ هُيو جڻ، محمد ابراهيم جويو صاحبُ

ڌَرتي اُن جي سَرتي، اُن جا ماٺو موتين داڻا
ماٺو کو اَڙينگ هُيو جڻ، محمد ابراهيم جويو صاحبُ

هِڪڙو چَنڊُ مَٿي آڪاش ۾، تارن ساڻ ڪڙي بيٺل
ڌرتيءَ تي ٻيو چَنڊُ هُيو جڻ، محمد ابراهيم جويو صاحبُ

هر ڪو ڏاهو پنهنجي پتيءَ جو ڳمُ ڪندو آ، هِيءَ ٻه ڏِسو!
ڪوئي سُجاڳيءَ گِهنڊُ هُيو جڻ، محمد ابراهيم جويو صاحبُ

مالِڪَ طرفان، هِن ۾ اِهڙي، مٽيا ڳائي رکي وَئي هُئي
موهَ سندو ڪو مَنڊَ هُيو جڻ، محمد ابراهيم جويو صاحبُ

”سرورَ“ سُرت ۽ ساڃَهه وَند هو ديس پنهنجي جو دودو هِيءَ
جوڌو ڪيرُ ۽ ڪَنڊُ هُيو جڻ، محمد ابراهيم جويو صاحبُ

سرور نواز ٻگهيو
13-01-2007

(ٽرِبيوٽ)

”سائين جي۔ايم سيد“

سِنڌ جو وَارِثُ چَوان مان
يا سُڄاڻپ سِنڌُ جي
سِنڌ جو هِيرو چَوان هُن کي
يا گوهرُ ۽ لعلُ کو
يا ڀِتائيءَ جو چَوان کيس پارکو!
پارکوءَ کان وَڌ چَوان شارحُ۔ لطيف
سِنڌُ صَديُن ۾ آ هِڪُ ئي پيدا ڪيو
جنهن کي ڏاهو بااُصول رَهبرُ چَئون
سِنڌ جَنميو هِڪ صديءَ ۾ هِي سَپوتُ
سِنڌ جي خدمت سان جنهن جا لِڳ ڀِيُوتُ

ڪِيڏو سِياڻو ڪِيڏو سَچو!
پر سُخنور هو وڏو
ڪِردارَ ۾ گُفتارَ ۾ سَنسارَ ۾
هِن جِيهو ٽيندو نہ ٻيو کو پارکو!

مائرون اهڙن ٻچن کي ڀَل ڏِين لوليون مِٺيون
جن جي ٻارن جُون هُجن ٻوليون مِٺيون

سِنڌُ جي اِتهاسَ ۾ اِهڙا ٻچا جُگ جُگ جِيئَن
جِن جي جَنمڻ تي مَلائڪ خوش ٿِين
جَن جي لاڏاڻي، پَرندا پِڻ روئَن!

قومون رکنديون ياد آهن
پنهنجي هِيرن کي سدا
جن جي نالن جي پُٺيان
يادگارَ ٿِيندا هِن اُيا

سِندٓ ۾ پي آهي قائم
بَاضميرُ هِڪ قومَ صَديُن کان
جنهن کي پنهنجي آهي هر شيءِ
اَزل کان ۽ اَبد کان
مِليلَ خُدا جي طَرف کان

سِندُ وَاسيو سِندُ جي پَارت اَتوَ
۽ بَچائي رَکجو هِن
نعمت خُداونديءَ کي پُوري ڏِيان سان
سِندُ وَاسيو سِندُ جي پارت اَتوا!

سرور نواز ٻگهيو

08-12-2003 (ٽربيوٽ)

”سائين جي۔ايم سيد“

گندي ياد توکي صديُن تائين سِنڌڙي!
سَباجها او سائين! جُڳن تائين سِنڌڙي!

جي۔ايم سيد، سِنڌ ۾ هو هِڪڙو ئي ڄائو
ڪندي ياد جنهن کي گگن تائين سِنڌڙي!

تُنهنجو عِشُق سِنڌُ سان، سَچو روشني جِيان
تُنهنجي قرضي رهندي، وچن تائين سِنڌڙي!

اُهو ڏِينهن هاڻي پَري ناهي سائين!
”جِيئي سِنڌُ“ چَوندي، ٻچن تائين سِنڌڙي!

توکي مَڃندي رَهبرُ، توکي چَوندي ”سرورُ“!
خفا ڪِين ٿِيندي، ڪفن تائين سِنڌڙي!

سرور نواز ٻگهيو
08-12-2003

(ترِبيوٽ)

"سائين جي-ايم سيد"

سِنڌُ ڪي صَديُن تائين، تُون ياد رَهندين
سَنَ جا او سائِين! تُون آبادُ رَهندين

تُنهنجو عِشقُ اِلهامي، سِنڌُ جي مِٽيءَ سان
مِٽي پڻ تِي ٻولي، شَلَ شادُ رَهندين

پِٽائيءَ جي شَعرن جا شارِحَ او سائين!
پِٽائيءَ جي پُونءِ تي تُون آزادُ رهندين

پَنجَن ٻارهَن جِي توتي چانَو سائين!
سِنڌُ جو تِي هر جاءِ فريادُ رهندين!

اي "سرورَ" جي دُعائن جا حَقدارَ سائين!
خُدا جي خُدائيءَ ۾ تِي دادُ رهندين!

(بيت)

ڪي ڪي ماٺهو موتيا، ۽ ڪي هِيرن ڪاڻِ
صَديُن جي سُرهاڻِ، ڳن جو واسُ وَجود آ

سرور نواز ٻگهيو
13-04-2003

(ٽربيوٽ)

"سُورهيه بادشاهه"

پنهنجي ڌرتيءَ تان هَٽايئين، دُشمنن جي فوجَ کي
سِرُ ڏِئي موڪو ڀڳايئين، رَهزنن جي فوج کي

سِنڌُ جي تواريخ، جنهن جا گِيتَ اَڄ ڀِي ڳائي پئي
کَنڌَ جي تواريخ جنهن کي اَڄ تائين، ساراهي پئي

سِنڌُ جي ٻچي ٻچي جي واتَ ۾ آ "بادشاهه"
ڪاري پاڳيءَ مان گُهمي، سِرُ ڏئي بڻيو هو شهنشاهُه

سِنڌُ جي تواريخ دان هُن کي وِساري سَگهندو ڪِيئن!
ياد هُن جي پنهنجي دل مان ڪو وِساري سَگهندو ڪِيئن!

هُو جو سُورهيُه سِنڌُ جو سَچارُ ۽ اَڻ موٽُ هوا!
ٻَي ڏِپو ٻي باڪُ هو مَنجهه دُشمنن ڦڙ قوتِ هو

سِرُ ڏَئي سَوين سَموريون ماٽي هِن وَرتيون هُيون
سِنڌُ وارن جي دِلين ۾ جايُون هُن جوڙيون هُيون

يا خُدا! اِهڙا اَمرَ ڪِردار سِنڌڙيءَ کي ڏِجاٰن
پنهنجي "سرورَ" جي مُحابي، راضِي سِنڌڙيءَ تي ٿِجان

سرور نواز ٻگهيو
26-03-2007 (ٽربيوٽ)

”شهيد ذُوالفقار علي ڀُٽو“

اُهو جنهن جُون، ڀُونءِ توڙي اُڀَ تي اُڏارون
اُهو جنهن جُون هر دل ۾ اڄ ٻي پچارون
اُهو جنهن لئہ ڌرتيءَ کي اڄ ڀِي سَنيارون
اُهو جنهن کي ڳولِن ڀِيون اَڄُ ڀِي نِهارون

اُنهيءَ جي جدوجهد جا ڳئي پاسا آهن
ڪِروڙين سندس حُب جا پِياسا آهن

هُو ڏاهو بهادرُ هُو سچارُ ماڻهو
هُو مِسڪينَ، پورهيتَ سَندو يارُ ماڻهو

نَظر هُن جي ساري دُنيا جي مَتان هُئي
نَنڍي ڪان ئي هَر ڳنهن سان هُن ڳئي وَفا هُئي
مَگر هُن سان ڪوتاهہ نظر ڳئي جفا هُئي

هُو ايشيا سَچيءَ ۾ وفادارُ ماڻهو
سَچاين ۽ نِيڪيُن، پَرستارَ ماڻهو

خُدا هُن جي سوچن ۾ طاقتَ رَکي هُئي
۽ اِنسانيتَ لئہ مُحبتَ رَکي هُئي
سندسَ هر قدم ۾ عدالتَ رَکي هُئي
شُجاعتَ رکي هُئي، سَخاوتَ رَکي هُئي

هُو محبوبُ ماڻهو هو محجوبُ ماڻهو
هُو هر دل يقيناً هو مرغوبَ ماڻهو

دُنيا ۾ اَمُن جو هُو خواهانُ ماڻهو
خوشي ۽ خوشحاليءَ جو دَرمانُ ماڻهو

دُنيا ۾ اَمُن-آچپي جو ڳولهائو
دُنيا ۾ عَدلَ، آشتي جو ڳولهائو

سُٺي سَوچ سان هُو مالا مال يَڪسر
هو مَظلومَ مَحڪومَ قومن جو ئي رَهبرُ

سَچو اِنقلابي، غريبن جو لِيڊرُ
هُئي جاءِ جوڙي جنهن هَر دِل جي اندر

سندس نانءُ سان هِڪَ "اِزم" جاءِ ورتي
اِها هُن جي مَحِتا جي چِٽ هُئي ڪا شَڪتي

اُهي ماڻهو جيڪي عوامي هُجن ٿا
غريبن جي خوشحالي، لئه جي لڙن ٿا
سُٺيون سوچون ذِهنن ۾ پنهنجي رکن ٿا
حَياتي جِدوجهد ۾ گهاري ڇڏن ٿا
سُجاڳي غريبن کي ڏِيئي وَڃن ٿا
۽ وِيندي گهٽو ڪُجهه ڇَڏي هِت وڃن ٿا
اُهي ماڻهو ڪَڏهين ٻه مَرڻا نه آهن
سِي اِتهاسَ توڻي عَواسي دِليُن ۾
سدا جِيئڻا آهن، سدا جِيئڻا آهن

سرور نواز ٻگهيو
17-06-2007
(ٽربيوٽ)

"مُحترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي بُلند پروازي"

(مُحترمہ جي چوونجاهين سالگرهہ جي موقعي تي لکيل)

خُدايا عَجب تُنهنجي اِنسان جي سوچ آهي!
ڪِٿي ويٺو ڏاهي، ڪِٿي ويٺو ٺاهي!

سَچو دِينُ تُنهنجو سَچي ذَات تُنهنجي
مٿاهين، اُتم، اعليٰ، صِفاتَ تُنهنجي

تو پنهنجي ڪلامَ ۾ جو مَنشورَ ڏِنو آ
اُتان ئي اُهو عالمي ضميرَ ڪنيو آ

دُنيا جا مُدبر مُفڪرُ ٿا چَاهن
تہ اِنصافُ، مُحبت، اَمنُ پيارَ سان گڏ

مساوات، ڀائپي، خوشي ۽ خوشحالي سان
آسودگي پي، ڪا آزادگي پي

۽ جنت نِما هن ئي ڌرتيءَ جو نَقشو
۽ اِنسانيت جو هُجي بولُ بَالا

ڀٽو توڙي اُن جي هُوءَ لائق نِياڻي
اُنهن ئي اڪابرن، مُدبرن ۾ آهن

مگر تن جي رَاهُن ۾ ڪنڊا بہ آهن
مَدد تن جي فرماءِ، "خداءِ لم يزل!"
جِيئن اِنسانيت جي ڪري سگهن خِدمت
۽ خِدمت بہ "سرورَ" جا ڀاسي عِبادت
ها خِدمت بہ اِهڙي جا ڀاسي عِبادت

سرور نواز پکهيو

27-12-2018 (ٽريبيوٽ)

"بهادر سنڌ جي راڻي"

بهادرُ سِنڌ جي راڻي، بهادرُ شير مُحترما
جمهوريت لاءِ تو جهيڙيو اِنسانيت لاءِ تو جهيڙيو
عوام الناس لئہ ڪاهون، بهادر شير مُحترما

۽ مُلڪي مانُ وڌايئي، شهيدن شانُ وڌايئي
گيون ويون ٿنهنجو ساراهون، بهادرُ شير مُحترما

آزاديون تو ڏِنيون سڀ ڪي، ۽ واڌايون ڏِنئي جڳ ڪي
وِجهي خطرن ۾ تو شاهيون، بهادر شير مُحترما

سياست تو ڏي آندي وئي، ۽ خِدمت توڪان ورتي وئي
نواڻون تو ڳئي آنديُون، بهادر شير مُحترما

هزارين تو ڏِنا اسڪول، ڪيا ماڻهن سان پُورا قولَ
تو مان خوش مرد ۽ مايون، بهادر شير مُحترما

وطن ۽ قوم جي خاطر، ڇڏيا پنهنجا ٻچا ها تو
لنڊن ۾ پُٽ، دُبئي نياڻيون، بهادر شير مُحترما

وڏايو مُلڪ جي توقير ڪي تو ئي دُنيا آڏو
ها عظمتون پِيِ تو وڏايون، بهادر شير مُحترما!

آسين تُنهنجا اسان جي ٿُون، وَسين شل سِنڌ ڌرتيءَ
تي
ڏِنيون توکي سڀن دُعائون، بهادر شير مُحترما!

قدر تُنهنجو گيائون ڪونہ، مُڪائون مَرّهہ "نئين
ديري"
ٿُون جَنت ۾ ماڻين جايون، بهادر شير مُحترما!

سموري سِنڌ تولئہ هو، گيو ماتمُ سَجو هَفتو
اُتيون ٿي پوءِ پِيِ صَدائون، بهادر شير مُحترما!

چڏي هر ڪو وڃي تو نانءُ، پنهنجو تواريخ ۾ "سرورَ"
سالگرهہ وَرسيون ملهائبيون پِيون، بهادر شير مُحترما!

سرور نواز ٻگھيو
03-11-2018

(ٽربيوٽ)

"سنڌ جي شهيد راڻي"

ٽُنهنجون جيءَ اندر ۾ جايون هِن، او سنڌ وطن جي حُورَ پَرِي!
تولئہ گِيت ۽ وايُون ڳائُون هِن، او سِنڌ وطن جي حُور پَرِي!

ٽُنهنجون ڳالهيُون سَموريون ياد اچان، ٽُنهنجا بَحث مُباحثا، تقريرون
سي سَڀئي ساهَہ سَمايون هِن، او سنڌ وطن جي حُور پَري!

پنهنجي پيءُ جي واٽ تي هلڻ سان گڏ، سِرُ ساهہ عوام تان گھوري ڇڏڻ
اِهي ٽُنهنجي حِصي جون خُوبيون هِن، او سنڌ وطن جي حُور پَرِي!

ٽُنهنجو ياءُ ڪُٺو تو ظُلم سَٺو ۽ پيءُ کي دارِ تي چَڙهندي ڏٺو
ٻئي ياءُ لئہ زَهرَ جون لوليون هِن، او سِنڌ وطن جي حُور پَرِي!

تو عورت تي پي مردن وانگر، گَيئي مَحاذ مَلهايا هِن
ٽُنهنجي جِيون ۾ گَئي پَروليون هِن، او سنڌ وطن جي حُور پَرِي!

تو دُٻئي ڇڏي پنهنجي ماڻهن لئہ، ڇڏيو پنهنجي پيارن ٻچڙن کي
اِهي ڏيهَہ سَڄي ۾ ڳالهيون هِن، او سِنڌ وطن جي حُور پرِي!

رَبَ پاڪَ جي مُحبت، شَفقت ۾ جايون جنت ۾ ٿُون ماڻين شل!
"سرورَ" ۽ جَڳَ جون دُعائون هِن، او سِنڌ وطن جي حُور پَرِي!

سرور نواز ٻگهيو
07_01_2008
(ٽربيوٽ)

”لاڙڪاڻي جي مِٽي توکي سلام“

جَيسين چَنڊ سِتارا رهندا
مُحترم ٽُنهنجا نعرا رهندا

ٽُنهنجو نانءُ قَيامت تائين
ساٿُ سَلامت پيارا رهندا

يادُن جي اوهيري اڪثر
ڳوڙها خارا خارا رهندا

جَيسين ساهُ آ نَئين ديري جا
نظرن آڏو چارا رهندا

مُنهنجا گِيتَ عوامي آهن
مُحترم ٽِي اوسارا رهندا

ڪيئي شاعرَ لِکتون لکندا
ٽُنهنجا قرض اُڌارا رهندا

ڪوبہ اديب نہ ٿوڪان ڦِرندو
قائم سِنڌ سَهارا رهندا

ڪلهَہ ٿون گُونجيئن ايوانن ۾
ليڪچر ٽُنهنجا سارا رهندا

اَڄ تو جَلسن منجھہ ۾ جھيڙيو
ٺُنھنجا قولَ قرارا رھندا

ٺُون تہ جَنت ۾ داخل ٿي وَئين
ڪُوڙن مُنھن هَچارا رھندا

ڪيسين رھندي ڪُوڙ ڪُپتا
ڪيسين ڪُوڙ لامارا رھندا!

مُئي پَڇاڙان پِي ٺُون اُجري
گِيت تہ بي سھارا رھندا

جَنت ۾ شل جايون ماڻين!
تو وٽ نِينھن، نظارا رھندا

تنھنجو عوام پيو تو لئہ روئي
”سرورَ“ ڳوڙھن ڏارا رھندا

تنھنجي ”مِشن“ کي اڳتي نيندا
جِيئي ڀُٽو جا نعرا رھندا

جيسين چَنڊ سِتارا رھندا
مُحترم ٺُنھنجا نعرا رھندا

سرور نواز ٻگھيو
01_02_2008

(ٽربيوٽ)

"دُعائن جي پيٽا"

او سنڌ جي خُوشبو ۽ راڻي، سُک جنت ۾ ملندئي جايون
سڄو ڏيهه ٿو تولئه روئندو وتي، توکي ياد ٿيون ڳن سِنڌ جون ڄايون

جو جاتي آ، سو تاتي رُنو جيئن تُنهنجي شهادت جي ڳل پئي
هُئا ڪپڙا ٿنَ تي ڪارا ڍڪيل، هُيون ماتم ۾ تولئه مايون

وَيرانَ ٿيا ڳُل گهر تُنهنجا، وِيران ٿِيا ها ويڙها هَٽئي
هر گهر ۾ دُرود ۽ ختما هُئا، تو لاءِ هُيون گهر گهر دُعائون

هر "ماڻهو" چا، هر فَرد رُنو، تُنهنجا ٻار رُنا، آڙو پاڙو رُنو
توکي ياد ڪندي ۽ سارينديِ، هُيون غم ۾ ٻُڏل ڳُل شهنايون

چا سوچ ڏَئي وئي آهين ٿُون، چا جوشُ ڏئي وئي آهين تون!
۽ هوش ڏئي وئي آهين تون، ٿيون روئنديون وتني ڪي ياچايون

ڏُک چَئني صُوبن ۾ آهي، هر گامَ ڳليءَ ۾ ڏُکُ آهي
ٿِيون ورتل ڏُکَ ۾ پِيون پَسجن، اَڄ چارئي ڏسائون اُس ڇائون

رَبَ تُنهنجو حامي ۽ ناصِرُ، ربُ "سرورَ" حاضِرُ ۽ ناظرُ
هَر طرف ڪان تولئه اُيرن ٿِيون، او راڻي! سوڀ جون واڏايون

سرور نواز ٻگهيو
14-03-2008

(ٽربيوٽ)

"ڀَٽَ ڌڻيءَ جي انين سُورمي"
(سِنڌُ راڻي مُحترمہ بينظير ڀُٽو)

هِڪَ تَندُ هُئي جا ڙِسندي، تَنبورَ مان ڇڄي پئي
ڪا لاٽ هُئي جا ٻَرندي، ڪنهِن نُورَ مان ڇڄي پئي

ڪو خوابُ هو يا ڪائي، تَعبيرَ پَئي ڏِٺي سِين
سُهڻي جُڙي هُئي ڪا سِٽ، مذڪورُ مان ڇڄي پئي

هِڪ ڳالهہ هُئي جا تورڻ، گُهرجي ها سون ۾ پر
دستور جُڙندي جُڙندي، دستورَ مان ڇڄي پئي

هِڪڙي دُعا هُئي جنهن لئہ، هَٿڙا کَڄيا پئي ڪيئي
منظورُ ٿِيندي ٿيندي، منظورَ مان ڇڄي پئي

اِنسانَ جي شڪل ۾، هُئي ڪائي هُوءَ فِرشتو
پَهڻي هُئي طُور جبلَ جي، سا طُورَ مان ڇڄي پئي

اِنسانيت جي ليڊر، ڪنهن قوم جي هُئي رَهبر
ڊِسمبر 27 تي هُئي، ڪنهن سُور مان ڇڄي پئي

اِنصافُ ڪُون ڪندين اي، عالمُ سڄي جا سائين!
ڇَڻ ٻاڪ سوچَ "سرورَ"، شعور مان ڇڄي پئي

سرور نواز ٻگهيو
14.03.2008
(ٽربيوٽ)

"ڀُٽو ۽ مُحترم بينظير ڀُٽو"

مِٽي هِيءَ جوڏا، جٽيندي ئي رَهندي
زمين هِيءَ دودا، جٽيندي ئي رَهندي

ڳڙهيءَ جي مِٽيءَ مان، هو ذوالفقارُ جائو
عوامي حُڪومت جو حَقدارُ جائو
ڪو سُورهيُه، ڪو سَرويچُ، سالارُ جائو
غريبن جو دِلبرُ ۽ دِلدارُ جائو
ڇَيو جنهن سِرِي ظُلم آڏو نہ جُهڪندي
نہ جُهڪندي، نہ جُهڪندي، نہ جُهڪندي، نہ جُهڪندي

سَچائيءَ سان جنهن جو سُبندڙ ئي سُبندڙ هو
نہ ڳيڙرايو جنهن، ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان ڪَنڊ هو
جو مزدور هاريءَ جي پهرين پَسند هو
اُهو ئي غريبن جو سَڏبو دِلبندُ هو
ڇَپائين تہ مُون وٽ وڏي خَلقَ پُڄندي
۽ "نعرهءِ ڀُٽو" جي سدا گُونجَ رهندي

هِي چَئني صُوبن کان جو آيو عوامُ آ
جو آزاد آهي، نہ ڪنهن جو غُلامُ آ
سچيءَ دل سان هِڪڙو ئي تُنهنجو ڪلامُ آ
ڀُٽا سائين توکي اسان جو سلامُ آ

تنهنجي تارَ دل ۾ سدائين پَئي وَڄندي
هَلون لاڙڪاڻي پَئي روز ڇَوندي

غريبن کي توئي عَطا ڪيو شعورُ آ
اُنهن کي مِلي وِيو جي ڏِسجي تہ نُور آ
پُٽو ٿي ويو منجهہ دُنيا مشهورُ آ
نہ ٿُنهنجو جِيالو ڪو توکان ٿِيو ڏُور آ
مِلي رب جي رَحمت سَدا توتي وَسندي
شهيدن کي جَنت ۾ ٿي جاءِ مِلندي

اُهي جيڪي لِيڊرَ عوامي هُجن ٿا
اُهي موتَ ۾ کوڙ عِزت وٺن ٿا
سَندِي راهہ تي جَن جا پوئير هلن ٿا
اُهي بي تہ "امرت" جا پِيالا پِيِن ٿا
جڏهن شامُ لڙندي، جَڏهن جوت جَلندي
تڏهن رات پيغامَ سَندا پِرهَہ پڙهندي

سنڌ نياڻي عظمت ۾ مارئي مَلير آ
اوهان جنهن جو نالو رکيو بي نظير آ
ہہ هٿ ۾ ہہ پير، اوهان جي تصوير آ
شهادت وئي ماڻي، ڪيڏي باضمير آ
سا جَنت جي پِينگهن ۾ اِنشاءَ الله جُهلندي
وَٺي پيو جنم نيٺ "سرورَ" هُوءَ وَرندي

ڳڙهيءَ جي مِٽيءَ کي هَزارين سلامُ
سِنڌوءَ جي مِٽيءَ کي هَزارين سلامُ

سرور نواز ٻگھيو

21_06_2008 (ٽربيوٽ)

"شهيد راڻي"

ڏِيئا رَتَ جا ٻارڻ، وِجون پيا اسين
ائين ياد سِينگارڻ وَجون پيا اسين

جُون 21 تي تُنهنجو جنم ڏينهن آ
مُحترم ڏِس! ملهائڻ وَجون پيا اسين

تُنهنجي جُرئت، دِليريءَ کي سؤ سؤ سلامِ
گِيت شهداءُ جا ڳائڻ وَجون پيا اسين

سِندُ جي ڄائي، سِنڌڙي ڳرئي تي سلامُ
اکر سِڳَ جو اُچارڻ، وجو پيا اسين

پنهنجي قائد کي پيتا ڏَبي ڪِيئن آ!
جڳ سَڃي کي ٻُڌائڻ، وَجون پِيا اسين

تُنهنجو هِڪڙو ٻہ ٽورو نہ لاهي سگھون
اڄ اِهو ئي وِيچارڻ، وَجون پَيا اسين

ويڙها "سرورَ" پُٽن جا سدائين وَسن
ربَ جي در ٻاڏائڻ، وَجون پِيا اسين

سرور نواز ٻگهيو
07_06_2018

(ٽربيوٽ)

"سنڌُ جو بهادرُ پُٽ رسول بخش پليجو"

مُنگر خان جي ڳوٺ مان جيڪو نڪتو
سو جُنگشاهي جو پڙ هو سڏبو پليجو

اِسٽيشن جُنگشاهي جي پرسان هِي ڳوٺ آ
جو ٻُوٽن ٻُروٽن سان سارو ڀيوٽُ آ

ٺٽي ۽ ڪراچي ڪان ٿِيندو هِي ماٺهو
قاسم آباد، حيدرآباد پُڄي ٿو هِي ماٺهو
جِتي پنهنجو مرڪز اُٽي ٿو هِي ماٺهو

پَنجن مان پندرهن ۽ پَندرهن مان پَنجاسي
هزارن، لکن ڪان ٿِپن ٿا هِي سِياسي

اَئين ميلا مَچندا رهن ٿا عوامي
۽ ڪارڪن ٻه وَڌندا رهن ٿا مُدامي

مُطالعو پليجي جو وَڌندو رهي ٿو
جا وَنڊ وِرچ سڀ سارُ ڪندو رهي ٿو

هُو آنگريزي ٻولي ۽ قانون جو ماهرُ
۽ تقريرَ ۾ پڙ، اَئين جِيئڻ ڪو ساحِرُ

سِياست، ثقافت، اَدب، توڙي تاريخ
تي مَلڪو اِئين ٿس جِيئڻ ڪائي باکَ

دُنيا جي يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏِئي ٿو
۽ حقُ سچُ چاهي، سو کولي ڇوي ٿو

هِي عالمُ، آڪابرُ، هِي فيلسوفُ ماڻهو
ڪري ٿو حياتي وقفُ هِيءُ ماڻهو
وَطن لئہ، اَمن لئہ ۽ اِنسانيت لئہ

وطن جي خُوشي ۽ خُوشحاليءَ جي خاطر
ڪندو ٿو رهي هِيءَ جِدوجهد عُمر ڀَر

ڏرتيءَ، قوم جي هُو وَڪالت ڪري ٿو
جِدوجهد ۾ اعليٰ هو ايمانُ رکي ٿو

يارهَن سال، سِندُّ لئہ آيو جيلَ ڀوڳي
اِنقلابي جِدوجهدَ جو وِيو ٻجُ پوکي

سِنڌي شاگرد تحريڪ، ۽ سِنڌياڻي تحريڪ
سِنڌي ٻارڙا، هاري مزدور تحريڪ
هو سيني جو باني رسول بخش پليجو

پليجو هِڪ ئي هو ٻيو ڪونہ ٿِيندو
مَجان ٿو مگر هر ڪو هَٺ ڀير هٽندو

پليجو اِدارو ۽ تحريڪ هو جَڙ
صَديُن جي صَدا هو ۽ تارِيخَ هو جڙ

وِڏئين لانگ مارچ جو بُنياد سِنڌ ۾
هُيو سچ چَوڻ ۾ هو بيباڪُ سِنڌ ۾

ڏسيندو هو ڇا وقت ايندڙ ۾ ٿيندو!
۽ واقعي اِئين ئي هو مُستقبل ۾ ٿيندو!

عظيم ڏاهو سِنڌ ۾ ٿي اُڀريو پليجو!
۽ اِن ڳالهه جو دَم هو سيني ۾ ئي پريو

پراوا ۽ پنهنجا سندس ڳوٺ پهتا
گَئي چينل پَڌرا سندس ڳوٺ پهتا
سي هڪ پيرو نہ پر گئي پيرا پهتا

ڪِتابن لِکڻ لئہ آ عُنوانُ پليجو
اصلَ ۾ مُشفق آ، اِنسانُ پليجو

سندس ڳوٺ ۾ هاڻي ميلا پيا مچندا
سندس ڳوٺ جا ماڻهو ترقي بہ ڏِسندا

جَنازي نِمازَ ۾ پُڇي مُنهن ڏِنو تو
اِهو يار "سرورَ" چڱو ئي ڪيو تو

عَظيمُ اِهڙا ماڻهو ناهن روز ڄمندا
سي صديُن پُڄاڻان آهن پَيدا ٿِيندا

آ سِنڌُ جي مِٽيءَ کي پنهنجو سُرخ سلامُ
اَمر زندگيءَ کي پنهنجو سُرخ سلامُ

سرور نواز ڀِگھيو
21_06_2006

(ٽربيوٽ)

"محترم رسول بخش پليجو"

جو سِنڌ لئہ لڙي پيو جو سنڌ لئہ وِڙهي پيو
سِنڌي جوڌو شيرُ آ، ڀلا ڀُڌايو ڪير آ؟

جو اڌ صديءَ کان پيو وِڙهي، سِنڌي سماجَ لاءِ جنگ
جنهن کان ساڃي ڌر جو نظريو تِي ويو آ تائو تنگ
نہ جنهن ۾ هير ڦير آ، ڀلا ڀُڌايو ڪير آ؟

هُو سامراج جي اکين ۾ تي لڳو آ سيلهُ ڪو
ءِ سيڪو ڏِيندو شاهدي، هُو ماري ويو آ ميلُ ڪو
جنهن تڙي ڪڍيو انڌيرَ آ، ڀلا ڀُڌايو ڪيرُ آ؟

آ سياسي هُن جو نانءُ وڏو هُو ڏاهو آهي ڏيهہ ۾
هُو سِنڌُ جو آ هوچي مِن ءِ مائٽُ آهي ڏيهَہ ۾
هُو مڙس ڪو مٽيرُ آ، ڀلا ڀڌايو ڪير آ؟!

آ ذات جو پليجو ءِ جُنگشاهي آهي گهر سندس
ساري سِنڌ تي لڳي، ڇڄ تہ هاٺي تر سندس
هُو دودو آ دِليرُ آ، ڀلا ڀُڌايو ڪيرُ آ؟

ڇو تو ڏِين ڳُجهارتون، "سرورَ" ڪٺي ٿُون نانءُ وٺَ
"رسول بخش پليجو" چئي، مُقرري جو ڏانءُ وٺ
سو سِنڌ ڀُونءِ جو شيرُ آ، ها سنڌ ڀونءِ جو شير آ

سرور نواز ٻگهيو
15_07_2012

(ٽربيوٽ)

"اياز لطيف پليجو"

سڄي سِنڌُ تي آهي سو ڇانيلُ اَيازُ
22 مئي جو توڙي آ، گهايَلُ ايازُ

گوريلو ڇَوان يا ڇوان ڪيس تائِيگرُ
آ سِنڌ جي مُحبت ڏانهن مائلُ ايازُ

گِرفتاري وارنٽ، ڏِکن تي ڪنٽينر
گبول پارڪ ۾ پوءِ بہ پهتلَ ايازُ

سڄي سِنڌُ آهي سَراپا اِحتجاجُ
جو سَرڪار کي آهي گُهربَل ايازُ

ڪڏهن هُن سان ڳالهيون تہ صاحبَ وڏا ٿِيو!
ڪڏهن پوليس گهيري ۾ قاتلُ ايازُ

پِٺائي بہ هِن جو بُخاري بہ هِن جو
سَڄي قوم جو آ، آزمايلُ ايازُ

دُنيا جا وڏا شاعِر سرمايو هِن جو
مگر سِنڌُ ثقافت سان واڳيَلُ اياز

ڀليجي وڏي ٿِي، آ جِيجيءَ جو فرزندُ
آ تاريخ سِنڌُ سان سَلهاڙيَلُ اياز

ٻهادرُ سِنڌي آ، نہ سِنڌ کي ڇَڏي تو
نہ ڊوڙي لَنڊن ڏي، نہ قائلُ اياز

نہ اِنچ هِڪڙو سِنڌُ جو ٻہ، ڏِيندو ڪنهين کي
پَڪو آ زِبان جو مُدّلِلُ اياز

الله سائين! هر سِنڌي کي اِهڙو ٻڻاءِ
ٻڻايو ٿئي جهڙو هُو سُلجهيل اياز

هِي ڏرتي سِنڌين جي آ جِيجل اَي "سرورَ"
آ اڳواڻُ جنهن جو هُو قابلُ اياز

سرور نواز ٻگهيو
07_01_2013

(ٽربيوٽ)

”محترم اياز لطيف پليجو“

سنڌُ ساري سُجاڳ تو ڪئي آ
اياز لطيف پليجا!
جاتي ڪاتي تي وَهوا وَئي آ
اياز لطيف پليجا!

جُھڏو ۽ قاسم آباد بہ تُنهنجا
ٺٽو ۽ حيدرآباد بہ تُنهنجا
جَهر جَهنگ ۾ هِي ڳالهہ هُلي آ
اياز لطيف پليجا!

سِنڌڙيءَ جو سَپوتُ بہ آهين
ياڳَنَ ۾ ڀيوت بہ آهين
ڇَئي جيڪا تو سائِي ڪئي آ
اياز لطيف پليجا

تو لاءِ ووٽ، لکين هزارين
ووٽ ۽ نوٽ، لکين هزارين
ڳالهہ ڪاميابي جي ”سرورَ“ هَلي آ
اياز لطيف پليجا!

سرور نواز ٻگهيو
17_12_2012

(ٽربيوٽ)

"گيتُ"

ڏسڻ ۾ سُهڻو عقل ۾ سُهڻو ماڻهو موتيءَ داڻو آ
جنهن جو موليٰ مان وڏايو آ، جنهن جو سائينءَ شانُ وڏايو آ
جيڪو ماڻهن ۾ مَکڻَ جو چاڻو آ

سانگيُن جي ساٿ سان ووٽ بہ ڪٽندو
اڄ پيءِ رُوحن راڻو آ
جيڪو ماڻهن ۾ مَکڻَ جو چاڻو آ

هِن پيري قِيادت، آَچڻي نئين آ
اِهو عوامَ جو ماڻو آ
جيڪو ماڻهن ۾ مکڻ جو چاڻو آ

عِلمَ ۾ توريو ڏاهپَ ۾ "سرورَ"
ڏرتيءَ ڏِگُ ڏِگاڻو آ
جيڪو ماڻهن ۾ مکڻ جو چاڻو آ

سرور نواز ٻگهيو

25-10-2011 (ٽريبيوٽ)

"ڄيجي زرينا بلوچ"

آلهداد چنڊ ڳوٺ جي هيءَ ڄائي
ننڍي کان ئي اسڪول ۾ پڙهڻ دوران
اسيمبلي ۾ گيت/دُعائون پڙهي ٿي
جتي دادي ليلان جي نظرن ڪي هُن جي
پڙهائي وٺي ٿي، تڏهن ڪيس چئي ٿي
سدوريا ٽُون ريڊيو تي ڳائي سگهين ٿي
۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ اِئين ئي ٿئي ٿو
اتي ڪيس سنڌي ڪو ڏاهو ملي ٿو
ڪرڻ سنڌ جي خدمت لئه هُن کي چوي ٿي
اُنهيءَ ساڻ خدمت جي حامي ڀري ٿي
۽ ان سان ئي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي وڃي ٿي
اُهو سنڌ جو ڏاهو ٻه آهي پليجو
جو هر وِڪ تي هُن جي رهنمائي ڪري ٿو
۽ ٻيو آهي اُستاد محمد جُمن سريلو
جنهن کان هوءَ سنگيت جي سکيا وٺي ٿي
اِئين هُوءَ وڌي ٿي ۽ وڌندي رهي ٿي
سندس شخصيت جا ڪئي پاسا آهن
هڪ طرف اُستاد ته ٻئي طرف گائڪ
ٿئين پاسي فنڪار ۽ قومي ڪلاڪار
سنڌي قوم لئه هُوءَ مري ۽ جيئي ٿي
ڀٽائيءَ جي ڌرتيءَ جي خُوشبو ڪٿي ٿي
ڪڏهن هُن ڀٽائيءَ کي هُو چُونڊ ڳاتو
ڪڏهن شيخ اياز اُستادُ ڳاتو

مجيدي(i)، جتوئي ۽ آڪاش ڳاتو
هُن ئي ڳاتو هردم سنڌ شاعريءَ کي
نِکورين ڏُنن تي غمي ۽ خوشيءَ کي

سَندس گِيتَ/ لاڏا ۽ قومي ڏُنون سَڀ
اسان جي دِليُن ۾ سي ٻُرندا ئي رهندا
اسان سِنڌ واسين کي اِيڪي ۽ اِتحاد
جا دَرس تن مان تہ مِلندا ئي رهندا

اُهي گِيتَ سارا اسان جي ثقافت
اُهي گِيتَ "سرورَ" اسان لئہ امانت
اُنهن کان عِلاوه جو جِيجيءَ ڏنو آ
اَختر آ، سَسئي آ، اسد ۽ اياز آ
اُنهيءَ کان عِلاوه سڄي سنڌ اِئين چڻ
هُجي هِن جو پاڇو
سندس کو نہ ڪاڇو ڪري سگھبو اکرين

اي جِيجي! سڄي سِنڌُ، توکي تي ساري
ٿُنهنجا ڳُڻ تي ڳائي، هَنجون پڻ تي هاري
اسان جي دِليُن ۾ تُون آباد رَهنديءَ
خُدا جي جَنت منجھ آزاد رهنديءَ
ڏکيءَ دَر اي سائِڻ! سدا شاد رهنديءَ

(i) مجيدي: محمد خان مجيديَ

سرور نواز ٻگهيو
29_10_2011

(ٽريبيوٽ)

”ڄيجيءَ جي نانءُ“

سِنڌُ جي هُئي سُورمي، ڄيجي وڏي
قُربتن ۾ نَو لکي ڄيجي وڏي

پيار مان هر ڪنهن تي ڪيس ڄيجي چيو
عَظمتن جي لاڏلي، ڄيجي وڏي

هُن پُچاڻا گِيتَ ڄڻ چورا چنا
قوم لئہ پارسَ هُئي، ڄيجي وڏي

سِنڌُ کي ڳائي وَئي، جاڳائي وئي
هِيرَ ڄڻ ڪائي ٽڏي، ڄيجي وڏي

ماٺهو اِهڙا وِسرندا ناهن ڪڏهن
مِينهَن جي ڦهرين ڪٽي، ڄيجي وڏي

هُئي عَلامت جُهد ۽ ويساهَ جي
مورچي ڦهرين وِڙهي، ڄيجي وڏي

واٽ جيڪا وئي ڇڏي، تَنهن تي هَلون
ٻاٽ ۾ ڄڻ رهبري، ڄيجي وڏي

سِنڌُ لئہ ڪر ٿون بہ ڪُجهہ ”سرورنواز“
وَئي ڇڏي ٽئي روشني، جيجي وڏي

سرور نواز ٻگھيو
02_02_2019 (ٽربيوٽ)

"سِنڌي سَروبچُ" (ڊاڪٽر قادر مگسي)

پيڙا ساڙي ٻَر ۾ لٽو آ
هوڏانهن ڪيڏو ڏِينهن ٽٽو آ

سِنڌڙيءَ جي جَرنيل سپاهيءَ
وقت اچڻ تي وَارَ ڪيو آ

ٻيا ٻي ڪِيئي سَبب هُوندا پر
فِطرت ڪيس مُتحرڪ رکيو آ

خَميرَ واري هِن مِٽيءَ جڻ
سُورهيهُ ۽ سَروبچُ جڻيو آ

تواريخ شاهِدُ وقت جي آهي
تولئه هر ٽُفَنگ وِڙهيو آ

ڪڏهين ڏِسجي سوچ ۾ هُوندو
پر جي اُٿيو شِينهنُ گجيو آ

"سرورَ"، "قادِر"(i) ڄهڙن ماڻهن
ڀُونءِ سڄيءَ جو ڀَرم رکيو آ

(i) قادر: ڊاڪٽر قادر مگسي

سرور نواز ٻگھيو
16_03_2018

(ٽربيوٽ)

”مارئيءَ جي مُلڪ جو ڄام ساقي“

ماڻهن سان جو پيارُ ڪري ٿو اُهوئي تہ ڄام ساقي هو
ماروُن ڪائِيندي مايوسُ نہ ٿِئي ٿو اُهوئي تہ ڄام ساقي هو

نظرياتي هِي ماڻهو آهہ، مُلڪان مُلڪ مشهورُ ٿِيو
آدرشي، سياست ڏي لڙي ٿو اُهوئي تہ ڄام ساقي هو

وقت جي آمر ساڻ مُهاڏو اَٽڪايو هِن سياستدان
نہ ڪي وِڪامي، نہ ڪي جُهڪي ٿو اُهوئي تہ ڄام ساقي هو

جنهن ڪي ڪو پَڇتاءُ نہ آهي، سياسي سفر ٿو سَجايو سمجهي
سِياست لئہ ٻيو جنم گهري ٿو اُهوئي تہ ڄام ساقي هو

گهڻو ڪري سگهجي ٿو سِندُ لئہ، سِياسي ڏارا مَنجهہ رهي
سَڪرات هُوندي حالُ وَندي ٿو اُهوئي تہ ڄام ساقي هو

ساري عُمر گُذاري ڇَڏيئين، ريليُن ۾ ۽ جيلن ۾
يادگيريُون سي اورڻ گُهري ٿو اُهوئي تہ ڄام ساقي هو

ڪروڙين ماڻهن جو هِي عاشِقُ، ماڻهو بہ هِن جا عاشق هِن
ڌرتي جَنت ڪرڻ گهري ٿو اُهوئي تہ ڄام ساقي هو

ٿارچر هِن ڪي ڪندي ٿا افسر، شرمُ محسوس ڪن پنهنجيءَ دل ۾
مددون جيڪو ٿُڏي ڇڏي ٿو اُهوئي تہ ڄام ساقي هو

”بهادر“، ”بريلينٽ“، ”ذهين“ ماڻهو اسيمبليءَ ۾ پُٽي سڏيو هئس
پُٽو بہ جنهن لئہ ڏڪارو ٽِئي ٿو اُهوئي تہ جام ساقي هو

پُٽو صاحب، جام ساقي کي دل سان، پائيندو هو جو آدرشي هو
پُٽو بہ جنهن کان اثر وٺي ٿو اُهوئي تہ جام ساقي هو

”شهيد راڻي“، دل سان عِزت، گَندي هُئي جام ساقيءَ جي
ڪيسَ ۾ شاهِدُ بينظير بڻجي ٿي، اُهوئي تہ جام ساقي هو

بَرابريءَ جي بُنياد تي جنهن سان، دِل لڳيون هُون سائينءَ جون
سائين(i) بہ جنهن کي سُٺو سمجهي ٿو اُهوئي تہ جام ساقي هو

جامُ صادقُ، جام ساقيءَ کي مِلندو پيرين پئي هو
ايڏو اِحترام جنهن جو ٿِئي ٿو اُهوئي تہ جام ساقي هو

ڀاڪرُ پائي چُمي گُلهي ٻَي، ڏِيڻ جو ڏانءُ جامَ ڏنو
نظريئي تي مَضبوط رهي ٿو اُهوئي تہ جام ساقي هو

سِنڌي ادب کي جاڙڻ خاطر، پنهنجا تجربا ٻُڌائڻ خاطر
”رُوحَ رِهاڻ“ ۾ اچي ويهي ٿو اُهوئي تہ جامُ ساقي هو

جام ساقيءَ جي رَستي کي، پَروڙي، پرکي، چيڪ ڪري
ڊاڪٽر بَختاور صحيح سمجي ٿي، اُهوئي تہ جامُ ساقي هو

”ڪميونزم“ کان پوءِ ”سرورَ“ڪهڙي پارٽي جُوائن ڪجي!
راءِ عوام کان هر ڪا وٺي ٿو اُهوئي تہ جام ساقي هو

(i) سائين جي-ايم سيد

سرور نواز ٻگهيو
15_12_2000

(ٽربيوٽ)

”ڪوهستاني ماڻهون“

ڏِل ۾ جايون جوڙيندا هِن، ڪوهستاني ماڻهون!
مِٺڙو مِٺڙو ٻولِيندا هِن، ڪوهستاني ماڻهون!

ڪوهستاني ڳچهريون پيي، مشهورُ ٿِيون هِن مُلڪن ۾
خاموشيءَ ڪي ٽوڙيندا هِن، ڪوهستاني ماڻهون!

سِياڻا وِياڻا ماڻهو آهن، ڏُوراهين هِن ٽَرَ سندا
ڳالهيون اندر جون کوليندا هِن، ڪوهستاني ماڻهون!

پيارَ مُحبت وارا ماڻهو، ٻاڙو ڪِين ڪي ٻولن
واقفن ڪي ڳوليندا هِن، ڪوهستاني ماڻهون!

اَمن پَسند، اِخلاق جا ڪوڏيا، سادا سَچڙا ماڻهو هِي
ساهُه سنگت تان گهوريندا هِن، ڪوهستاني ماڻهون

نياڻيءَ سياڻيءَ لاءِ دِليُن ۾ عِزت رکندا آهن
”سرورَ“ سُورهيه لڳندا آهن، ڪوهستاني ماڻهون

سرور نواز ٻگهيو
13_01_2019 (ٽربيوٽ)

”ملڪ صاحب جو بنگلو“

بنگلو وچ شهر ۾ آهي
ڪُليل هر پهر ۾ آهي

ڏاڍو سُهڻو خُوبصُورت آ
ٻڌل ڪَسُ گهٽر ۾ آهي

محل نِما ٻه ڏيک ڏِئي تو
حالانڪ هِڪ فلور ۾ آهي

باغ باغيچا اَندر جام
شام جي ويلا سحر ۾ آهي

ماڻهن جا هُجوم اَچن ٿا
بنگلو ڄڻ تہ سفر ۾ آهي

ڳالهہ ”بلاول ڀُٽو“ بہ آيو
هر وقت خُوب منظر ۾ آهي

ويهڻ سان ئي پاڻي مِلي ٿو
چانهه به ساڳئي چَڪر ۾ آهي

عيدن تي هِن ڪوڙ مِنايون
ماڻهو چڙ ته جِگرَ ۾ آهي

ٽاڻي احمد خان وچو جي
اَعليٰ طعامُ اَندر ۾ آهي

ملڪ اسد جو بنگلو آ هِيءُ
سُهڻو هر نظرَ ۾ آهي

ماڻهن مَسئلا حَلَ ٿِين ٿا
پهچڻ جي دير دَر ۾ آهي

شال! حَياتيون ماڻي سائين!
دُعا پنهنجي اَندر ۾ آهي

هِڪَ نَظم ۾ خُوبيون ڳائي
طاقت ڪاٿي "سرورَ" ۾ آهي!

سرور نواز پگهيو
09_09_2018 (ٽربيوٽ)

"اُستاد منظور علي خان"

راڳ جي سِنڌُ ۾ بهارَ اُستادُ منظور علي خان هو
ڳائڪِي جو سُر ۽ تارَ اُستادُ منظور علي خان هو

ٽنڊو آدم ٻڌجي ويو هِڪَ يونيورسٽي راڳ جي
پنهنجي ڏارئي جي سَنوارَ اُستاد منظور علي خان هو

سڀ سندس شاگرد سِکي راڳُ رَچي راسُ ٿيا
راڳ جي ٽَندُ ۽ ٽَنوارَ اُستاد منظور علي خان هو

قمر سُومرو، محمد يوسف، وَحيد علي خان ۽ ٻين لئہ
رُت بَسنت، پهرين ڦوهارَ اُستاد منظور علي خان هو

هو وزير علي خان ٻي چاڙهو موسيقيءَ جو مگر
راڳ ۾ ماڪيءَ جي لارَ اُستاد منظور علي خان هو

سِنڌُ جا سارا وڏا ماڻهو گهرائيندا هُئس
ٻُڌي صاحب جي ٻہ سارَ اُستاد منظور علي خان هو

هِن سان نبي بخش بلوچ جي هُئي لڳندي گهڻي
سِيني گوڏن کان جو ڏارَ اُستاد منظور علي خان هو

عِشق جي ڪا چِڻنگ هِنِ ڪي، جِيئَن جو ويئي لڳي
دَرد سان ٿي وِيو ٽِمٽارُ اُستاد مَنظور علي خان هو

وضع، قطع، راڳداري توڙي هر هڪ رَمز ۾
جنهن رکيو هِڪڙو معيارُ اُستاد منظور علي خان هو

سَچ اِهو آ راڳ سِنڌ ۾ هِن ڪان پوءِ دَنگ هو
مُحبتي ۽ مٺيادارُ اُستاد منظور علي خان هو

بڙي غلام علي ڪان ڪَٿيائين، راڳ ۾ پهريون اِنعامَ
لاهور دنگلَ جو مهندارُ اُستاد منظور علي خان هو

فرزند جمالي خان جو شاگرد بہ اُن جو ٿِي رَهيو
فردُ گهراڻي گواليارُ اُستاد منظور علي خان هو

اُستاد سِينڌي خان، بُندي خان ڪان سِکيا وٺي
ميدان مارڻ لاءِ تيارُ اُستاد منظور علي خان هو

شنشاهَ اِيرانَ جي آمد اِسلام آباد ۾
ڳايو جنهن هو، ڳلنگيدارُ اُستاد منظور علي خان هو

خيال، ٺُمري، دادرو، ٽَپو ۽ دَرپن ۾ ڪمالُ!
اُن سِوا ڪافي شناورُ اُستاد منظور علي خان هو

سِنڌُ مان اُستاد ڇا وِيو! راڳ ئي هَليو وَيو!
اُجڙيلَ اوطاقن سِينگارُ اُستاد منظور علي خان هو

رِيس "سرورَ" کهڙي ڪنهن جيَ ڀاڳ سان ۽ بَخت سان!
راڳَ جو سُهڻو سالارُ اُستاد منظور علي خان هو

سرور نواز ٻگهيو
26_11_2016
(ٽِربيوٽ)

”شهنائي نواز اُستاد عبدالله خان ۽ اُستاد بِسم الله خان“

سَرحدن جي پار آهي، بِسم الله خان
سِنڌُ ۾ اُن کي چَون ٿا، عبدالله خان

هُو بہ يَڪتا آهي پنهنجي فَن ۾
اِيڪتائي هِن وٽ پِي مَن ۾

هُو بَنارس ۾ رهي ٿو، گنگا ڀَر
هِن کي پِي آهي مِٺو پنهنجو شهر

بِسم الله خان، نانءُ ٻيو شهنائي جو
عبدالله خان نانءُ پڻ اِن وائي جو

هُو چَوي ٿو آ، بَنارسُ خُوب تَر
هِي مچي ٿو تاريخي ڪوٽڙي شهرُ

هاڻِ هُو دُعا جو ٿِيو آ طالبُو
هِن جي نَس نَس ۾ سِکڻ جي جُستجو

هُو بہ هاڻي دِلپذيري چاهي ٿو
هِي بہ فن جي ڪا اميري چاهي ٿو

هُن کي پِي پنهنجي فن سان عِشقُ آ
هيءُ پِي، سُر، تال، لئہ ۾ مَستَ آ

هِي ميجي ٿو شُڌَ سُر کي رُوح سان
۽ ڪڍهن سنگت ڪري ٿو خَرج سان

راڳُ هر ڪو آ مِلو پر وقت سانِ
سُر بہ پُختو آ سُٺو پر وقت سانَ

راڳُ توڙي راڳڻي واهَہ ٿي وَٽي!
سُهڻي جي، سُهنائي سان سنگت هُجي

گُن ڳلي ۽ ڀيرو مِٺڙا راڳ هِن
۽ صُبح جي وقت جا جڻ ڀاڳ هِن

هِندُ ۾ هِڪڙو ئي آهي بسم الله
سِندُ ۾ ٻيو هِڪڙو اُستادُ عَبدالله

جيترا آهن وڏا فنڪارَ ٻئي
اوترائي فنَ سان تِمثارُ ٻئي

پنهنجي فن سان جو بہ "سرورَ" آ سچو
ٿو رهي دِليَن مٿان، ٿنهن جو سِڪو

SOORIH SINDHI ADAB

سرور نواز پکهيو
01_05_2018
(ٽِربيوٽ)

"پروفيسر سيد قلندر شاھ لڪياري"

اُهو جنهن ۾ ڪائي وڏائي بہ ناهي
وي-آئي-پيز وَٽِ ڪا رَسائي بہ ناهي
آ، ماڻهو قلندرُ ڪِبريائي بہ ناهي
فقيري آ جنهن وٽ، تونگريائي بہ ناهي
اُهو ماڻهو آهي، ثَناءِ قَلندرَ
اُهو ئي تہ آهي وَفاءِ قَلندرَ

مگر اُن جي هُوندي هو ماڻهو عَجيبُ آ
غريبن سان گڏ آ تہ هُو ڄڻ غريبُ آ
ٿِيو سڀ جي دل جو هُو سمجهو قريبُ آ
سو ماڻهو سچو آ سچو جو نصيبُ آ
اُهو ماڻهو آهي ثَناءِ قَلندرَ
اُهو ئي تہ آهي وَفاءِ قَلندرَ

مُفڪر مُدبر، مُدلِل گَبيرُ آ
هُو عالمُ آ، باعَمل، باضَميرُ آ
مقالا ۽ مضمون، شعرَ ۾ اَميرُ آ
سَچائيءَ جي سمجهو هُو سُهڻي تصوير آ
اُهو ماڻهو آهي ثناءِ قَلندرَ
اُهو ئي تہ آهي وَفاءِ قَلندرَ

ڪَئي مالڪَ پيدا ڪري هِن ڇڏيا هِن
اِنساني دِلين منجھ ديرا ڪيا هِن

اُصولن جا ڪيئي نَصُلَ جنهن لُٽيا هِن
ڏٺلُ خوابَ هِن جا سي تعبيرَ ٻڌيا هِن
اُهو ماڻهو آهي ثناءِ قَلندرَ
اُهو ئي تہ آهي وَفاءِ قَلندرَ

قلندرُ آ اُستاد ٿُنهنجو بہ "سرورَ"
ڪئي پيدا ٻيا پِي ڪيا هِنَ سِڪندر
ڪئي شاگرد هِن جا ٿيا بهترين مُقرر
مَلهائن پيا تقريب گڏجي ڪئي شهر
اُهو ماڻهو آهي ثناءِ قَلندرَ
اُهو ئي تہ آهي وَفاءِ قَلندرَ

بظاهر تہ هِن جي گمائي بہ ناهي
مگر هِن ڪي "سرورَ" فنائي بہ ناهي
اُهو جنهن ڪي ڪائي وڏائي بہ ناهي
اُهو جنهن جي ايڏي رسائي بہ ناهي
اُهو ماڻهو آهي ثناءِ قَلندرَ
اُهو ئي تہ آهي وَفاءِ قَلندرَ

سرور نواز پڳهيو
15_16_2003 (ٽريبيوٽ)

”ڊاڪٽر حبيبُ الله صديقي“

ها، سچل، سامي، اياز ۽ شاهه جي ڌرتي
ها، بُخاري، شِيام، سِنڌ، دَرياهه جي ڌرتي

ڇا تہ ماٺهو تو ڏِنا اِسلامَ کي!!
جَن ڏِنو سارو جَنم پيغامُ کي

۽ ڳري ويا پنهنجو جيونُ سُرخرو
قولُ توڙِي فعلُ تنُ منُ سُرخرو

ڳنهن جا ڳنهن جا نانءُ مان ڪَٽندو رهان!!
دِل ڳهري تي سَيني تي لِکندو رهان

اُڄ اسان وٽ آ هَلي آيو حَبيبُ
جو اَصلَ ۾ رُوح جو آهي طَبيبُ

هِن رکيو آ نَبض انسانيءَ تي هَٿُ
هِن ڪئي اِنسان جي تواريخي ڳٽ

هي تہ ماٺهو موتي جا داڻا اٿئي!
ٿُنهنجي مُنهنجي ساهَہ سيباڻا اٿئي

هِي رڳو مُحقق ۽ مؤلف ڪِين ٿئي!
هِي رڳو شاعِرُ ۽ مُنصف ڪِين ٿئي!

هِي تہ ڏاها ٿئي سَڄي عالمَ سندا
تو سان گڏ ٿُنهنجي خُدا جا هي بندا

پورهيو تَن جو ٿُون بہ ڪر ازخَد قبولُ
پورهيو تن جو پاڻ کي ازخود قبولُ
پورهيو تن جو پاڻ کي ”سرورَ“ قبولُ

سرور نواز ٻگھيو
26_11_2016 (ٽربيوٽ)

”سائين مُنور علي مهيسر“

قلندرَ جو عاشِقُ، پِنائيءَ جو دِلبرُ
سو آ ڊپٽي ڪمشنر، مُنور علي مهيسرُ

وڏي سوچ ساجهَه، وڏي ڏِيانَ وارو
عِلمَ ۾ آڳاهون، عَقلُ ۾ اُڪابرُ

هُو تحريرَ ۾ نِتُ نَئين ڪان نئون آ
هُو تقرير ۾ پِي، آهي ڪوئي گوهرُ

اصل ڪان آهي وَڏ گهراڻي هِي ماڻهو
۽ اِخلاق پنهنجي ڪان آهي نِشامبرُ

رَحيمي، ڪريمي، طَبيعت سندس آ
تِي هرجاءِ وَڃي تو هُو هر وقت حاضرُ

آفيسر نه اِهڙو ٻيو ڪو ڏِٺو سُون
صِلو ڪِين ڪمَ جو گُهري، حَدَ صابِرُ

رکي چوڏهنَ جا حُڪمَ تو آڪِين تي
سندس دِل جي اندر آ حَيدر۔ قلندرُ

اِهڙا ماڻهو ”سرورَ“، پَري ڪان ئي پڌرا
جي ڪن زِندگيون وقفُ، خِدمت جي خاطر

آسان جون دُعائون، هميشه اُنهن لئه
وَڃن شالا تِياڳي، حياتيءَ جو اَجگرُ

سرور نواز ٻگهيو
17_04_2018

(ٽربيوٽ)

"ڊاڪٽر مُشتاق ڦُل"

سيڪريٽري جنرل رهيو آهي، سنڌي ادبي سنگت جو
اِئين لڳندو آهي ڄڻ هُو ٿهيلُ آهي مُحبت جو

نَرمُ طبيعتَ آهي هُن جي، ماڻهو موتيءَ داڻو آ
مِليلُ ڄَڻ ته ماڪيءَ ۾ هُو ڄڻ ڪو مکڻ چاڻو آ
سَبقُ پڙهيو هُن آهي ئي ڪونه، ڪُلفت جو يا نفرت جو

نعيم مَلڪ ۽ صائب ميمڻ جي، ڪوشش ساڻ رَنگ رتو آ
سِنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ سُهڻو ميلُ مَتو آ
سنڌي اديب ۽ شاعِرُ لڳندو آهي آسيرُ اُلفت جو

هِي جو هيڏو ميڙ ڏِسو ٿا! هر فرد شهزور لڳي ٿو
ڪارونجهر جي ڪور متي ڄَڻ، ماڻهو ماڻهو مور لڳي ٿو
سُهڻو ديس سڄو ئي پنهنجو هِمتَ جو ۽ حَشمت جو

مُشتاق ڦُل جي جدوجهد کي هِڪڙو نه پر سؤ سلامُ
هر هڪ سنگتي، ساٿيءَ سان هُو ڪندو آ "سرورَ" مِٺڙو ڪلامُ
ڊاڪٽر پي آ، آرٽسٽ پي آ، مُجسمو نِيازُ ۽ نِوڙت جو

سرور نواز ڀڳهيو
16_06_2014 (ٽربيوٽ)

"حَسن درس"

نِرالي ڏات جو شاعِرُ، حَسن دَرس هوتياڻي هو
مُحبّت ذات جو شاعِرُ، حَسن دَرس هوتياڻي هو

"مَشائخ" جي گهراڻي ۾ جنم هِن جيءَ جو ٿِيو هو
سُٺي سوغات جو شاعِرُ، حَسن دَرس هوتياڻي هو

عَجب انداز سان جِيون گُذر تي ٿِيو مَشائخ جو
پِرين پِرياتِ جو شاعِرُ، حَسن دَرس هوتياڻي هو

نِرالي سوچ، نئون اندازُ حَسن جو شاعِري ۾ هو
پاڻوهي تاتِ جو شاعِرُ، حَسن دَرس هوتياڻي هو

آ ساري سِنڌُ، پرينءَ پاڇو ڇيو سڀ ڪان اڳي هِن هو
ڪو ترڪيبات جو شاعِرُ، حَسن دَرس هوتياڻي هو

اُهي جي "لوڪَ ۾ لِڪا پُٽن ٿا"، حَسن تن مان هو
سُهائيءَ راتِ جو شاعِرُ، حَسن دَرس هوتياڻي هو

ڪئي ڏاتر آ مالا مالُ، سِنڌڙي ڏاتِ سان "سرورَ"
مگر "ڪِيا بات"! جو شاعِرُ، حَسن درس هوتياڻي هو

سرور نواز پکهيو
15_08_2016 (ٽريبيوٽ)

"علي بابا"

دَراوَڙُ هِي ماڻهو دراوڙَ مِٽيءَ جو
ڏِسڻ ۾ هُئو دادِلو سِنڌُ سچيءَ جو

گهاڻي ۽ ڊرامن ۽ ناول جو ماڻهو
هُئو ڏانءُ پڻ کيس، ڪرڻ شاعِريءَ جو

گهاڻيون ۽ ڊراما لِکيئن پئي، پڙهئين پئي
هُو لکڻين ۾ ماهِرُ هو مَنظر ڪشيءَ جو

سندس هٿ شمشير کي ڏِنو "ڪريم بَلوچ"
اُهو هٿ ثابت، ٿِيو هٿ خوشيءَ جو

نِرالو هو ليکڪُ، نِرالو هُو ماڻهو
پُڄائي وِيو آخر، سَفرُ زِندگيءَ جو

"موهن جو دڙو" چا لِکي وِيو آ ناول!
عَجَبَ ۾ آ نَقشو سَچي آرسيءَ جو

"دُنگي منجهه درياهُہ"، تہ هَلندي لِکيائين
سفر هو ڪراچيءَ جي ڪنهن بَس ٽِڪيءَ جو

پي-ٽي-وي جا ڊراما، کي سِيريل، کي سولو
سي سَوَ ڪان مٿي ها، گُذر آدميءَ جو

ڪي درجن گهاڻيون، نوان تن جا عُنوان
۽ هر هڪ ڪهاڻي، سبق آگهيءَ جو

هُو آزاد هو پنهنجي هر هڪ عَمل ۾
۽ عملي نمونو هو آزادگيءَ جو

هو "سِندُبادُ" سِندُ جو ۽ سِندُ جي سُڃاڻپ
عليءَ بابا ڪي اونو سِندُ جي مِٽيءَ جو

هُو ڌرتيءَ جي ماڻهن سان مُحبت ڪندو هو
۽ لڳندو هو سڀ ڪي ڄڻيو ماءُ سڳيءَ جو

هُو وَاهڻ ۽ وَستيُن ۽ وَسنديَن جو ليکڪُ
هو رکوالُ سِنڌڙيءَ جي ذَرِي ذَريءَ جو

مُطالعي وڏي وارو ماڻهو هو "جِينيس"
۽ لِکڻين ۾ هُوندو هو پنهنجي مَرضيءَ جو

گيون "ڪارنر"، "يادگار" هُن جا قائِمُ
جي ڪوئي اٿئون خِيالُ ليکڪُ عليءَ جو

رَهيلُ گم ٻ هِن جو تو ڇِپجڻ جُڳائي
ڪري وِيو آ قائِمُ مِثلُ سادگيءَ جو

وَڃڻ وقت ڏِيئي وَيو پنهنجو جوڙو
عَجَبُ فيصلو هو گيلُ هِن سخيءَ جو

هُو سنڌ لئه لِکي وِيو اسين هُن جا عاشِقَ
هِي اعلانِ حَقُ آ، سندس هر خوشيءَ جو

عليءَ جو نمبر جڏهين "مِهراڻُ" ڪيندو
پتو پوءِ پوندو سندس صاحبيءَ جو

سڄي سِندُ پيرين پيادي ويو تِياڳي
گجي ذِڪرُ ڪِهڙو عَجَبُ فَلسَفيءَ جو!

چُڪائي وِيو ڌرتيءَ جو آ قَرضُ "سرورَ"
هُو ليکڪ وڏو هو سِنڌيت، روشنيءَ جو

سرور نواز ٻگهيو
16_08_2016
(ٽربيوٽ)

"علي بابا"

دِلين ۾ ڪي يادُون سَجائي وَياسين
اسين پنهنجو وارو وَڄائي وَياسين

رَهياسين هميشہ پِٺي ماٺهن جي وِچمر
اُنهن سان بہ ناتو نِڀائي وَياسين

ڪئي سِين آدب توڙي ٻوليءَ جي خِدمت
ڏُکيو بابُ هو پر پُڄائي وياسين

ڪهاڻي هُئي محبوبا، ڊرامن سان گڏُ گڏُ
۽ ناولُ قَلمَ ڪان لِکائي وَياسين

مُحبت ۽ عِزت ڪرڻ پنهنجو شيوو
۽ سِنڌيت ۾ نالو لِکائي وَياسين

جُهڪياسين، رُڪياسين نہ ڪنهن جي بہ آڏو
وَڏي واڪ حَق سَچ ٻُڌائي وياسين

ڏِنو پيارُ سيني هو حد کان زِيادہ
اسان پِي سَنگت سان رَهائي وَياسين

هُو اِمدادُ، شوڪتُ توڙي مِيرُ ٽيڀو
نہ ڪُجھ پِي اُنهن کان لِڪائي وياسين

”ڪيفي جارج“ تي پڻ ڪچهريون ٽِيون ٽي
وڏا بَحث مُباحثا ڪرائي وَياسين

”موهن جي دڙي“ ڪانپوءِ ”سِنڌ يونيورسٽي“ منهنجي
هو ناول جو عُنوان، ڏَسائي وياسين

اسين سِنڌُ ٽُنهنجي مِٽيءَ جا هُون ماٺهو
قَبرَ تي بہ اَجرڪُ، رَڪائي وَياسين

پُڳا ڪفن ۽ دَفن ۾ ڪيئي سُورهيہَ
ڪي تعزيت تڏي تي گُهرائي وَياسين

ڳندو جَڳُ سَچو هو مُحبت جي مُون سان
اُنهن سان پِريت پڻ، نِڀائي وَياسين

اسان لئہ گَواهي ڏِيندو جَڳُ ”سرورَ“!
ڳُنڀوانن ۾ نالو ڳڻائي وَياسين

❀

سرور نواز ٻگهيو
19_08_2016 (ٽريبوٽ)

”علي بابا“

علي سِنڌُ جي رُوحِ جهڙو هو ليڪڪُ
علي مُجسمءِ سِنڌ هو يَر بِلاشڪُ

علي بابا سِنڌُ ۽ وطن جي سُجاڻپ
علي بابا سِنڌُ جي حُسن جي سُڃاڻپ

زنده دِل هي ليڪڪُ ڀِٽائيءَ جي پُونءِ جو
شهنشاهَه قلندرُ ڪربلائيءَ جي پُونءِ جو

عجب هِن جو جيوَن، عَجبُ هِن جَون سوچون
جِهادي، فولادي، غضبَ هِن جون لوچون

سَرجڻهار سُهڻو وِيو پَرلوڪ پَڌاري
”دُنگي منجه درياهُ“، وَيو خوب اُتاري

مَلاحن سان گڏجي تہ سمجهونس مُهاڻو
وِهارنس مٿن ڪان هُجي جِيئَن ڪو راڻو

جي تَر ۾ وِچي تہ بہ ڏينس لکَ عِزتون
جي بَر ۾ هجي تہ بہ مِلنس لکَ عِزتون

علي عام ماڻهن جو ليڪڪُ وڏو هو
۽ ڪينواس سندس سوچ جو پڻ وڏو هو

علي جيئن لِکٽي، لِکي ڪنهن نہ چاتي
سندس "فين" ماروا ڙي توٽي مِيرائي

هُو جنهن وٽ وَيو تنهن ڏِنس جيءَ ۾ جايون
ڳيون سائين جي-ايم سيّد بہ هِن جون پُڇائون

ڪهاڻين جا عُنوان سڀ هِن جا پنهنجا
ها مِسڪين اِنسان، سڀ هِن جا پنهنجا

هُو اسڪول ڪان توٽي هو جو پَري وِيو
مگر پوءِ بہ دانائِي حِڪمت پڙهي وِيو

ڊائلاگ ڪيس شئڪسپيئر جي ڊرامن جا ياد
۽ انگريزي ۾ شعرَ، شاعرن جا ياد

پڙهيو ساري دُنيا جو هِن هو آدَبُ
ڏنو ڪيس "شمشير" هو "بابا" لقبُ

ڪهاڻين جا عُنوان هِن ڇا ڪنيا!
عَجبَ مان گهڻا ڪيس ڏِسندا رهيا

هُو مظلومَ محڪومَ پورهيت جو ليڪڪُ
هُو ڌرتيءَ جي دَنگن ۽ سِنڌيت جو ليڪڪُ

علي پنهنجي لِکتُن ۾ هِڪڙو ئي نانءُ هو
عَمل توٽي سوچن ۾ هِڪڙو ئي ٿانءُ هو

"موهن جو دڙو" سنڌ جي تواريخ ڏَئي وِيو
"دُنگي منجهہ درياهہ"، ڪائي چيخ ڏَئي وِيو

هُو سِنڌُ جي مِسڪينن، مظلومن جو ليکڪُ
غريبن، يتيمن، فقيرن جو ليکڪُ

"سِنڌي ٻولي"، "سائين"، لطيفيءَ"، هو پنڌ تي
دراوڙ ڪيو ڪو نه سمجهوتو سِنڌ تي

مِليا ڪيس ڪِيئي ها ايوارڊ، تمغا
دُنيا جا، وطن جا، چَمن جا ڪي تُحفا

مِليا پيارَ عِزت جا هُئا ڪيس تُحفا
پلا جي مِلن ٻيا تہ ٻيا سي ڳَبا ڇا!

عوامي دِليُن ۾ وَيو جاءِ جوڙي
تہ ڳن جي اکين ۾ وِيو جاءِ جوڙي

"سائينءَ" توڙي هِن لئہ هو ساڳيو ترانو
ٻنهي جي قبر تي پڙهيو ويو ترانو

ثقافت جو ڪاتو ڇَپائيندو لِکٽيون
عليءَ جون جي رهجي وَيون هِن ڇَپجڻ ڪئون

سنڌي ٻولي بااِختيار اِدارو ڇپيندو
عليءَ جي استعمال ڪيل ٻوليءَ جو غُنچو

پي-ايچ-ڊي ۽ ايم-فل آ يونيورسٽيءَ حوالي
ڪلچرُ ڏِئي وظيفو ٻچا هن جا پالي

صَديُن ۾ ٿا پيدا ٿِين هِهڙا ليکڪ
سچي ڳالهہ "سرورَ"، ڪري ويو ڪو بيشڪُ

سرور نواز ٻگهيو
24_08_2008
(ٽربيوٽ)

"عبدالڪريم بلوچ"

هُيو ڪونڙيءَ جي سُڃاڻپ بلوچُ!
۽ سِنڌي ڳڇهرين جي سِياڻپَ بلوچ!
اَياڻپ ٻہ هِن لاءِ روئندي رهي
وَڏي وَئي آ دِل ۾ ويڳاڻپَ بلوچ!

سرد هوا جَھڻُ ڳُهلي پَئي آ
خبر پري تائين پُڄي وئي آ
ٽُنهنجي مرتئي تي او بلوچ!
ڪونڙي ساري جِهڄي پَئي آ

سيڀ وٽ ٽُنهنجي عِزت آهي
اِهائي ٽُنهنجي عَظمت آهي
دِليون جِيتڻ جهڙي ڪهڙي
دُنيا ۾ ٻي دولت آهي!

تو لئہ پَنهنجا پَراوا رُنا
آڙي پاڙي وارا رُنا
ڇا تہ سِکيو تو جِيئڻ جو گُر
تو لئہ ننيا وڏا رُنا

يادون تنهنجون هَر پَل رَهنديون
عيد بَراد تي جهوري وِجهنديون
ٻُسي هُوندي تو بِن مَحفل
اکيون توکي ڪِين جي ڏِسنديون

هَلڻو آ هر ڪهن کي پر، ڪي ڪي ماڻهو وَڃڻ نہ جهڙا
جيئن جهليون ٽِپئَن جَهلَ نہ ڏين، شايد سي ئي جَهلڻ نہ جهڙا
اکڙيون روز ڪنديون پيون تن لئہ، هَر دَم دَم، دَم اوسئيڙا
جيڪي سانڍي دل ۾ رکيا، سي ئي سُور سَلڻ نہ جهڙا

ماڪِيءَ جهڙا، مِصريءَ جهڙا، مَکڻ جِهڙا ماڻهو "سرورَ"
توتي نازُ ڪندا وِيا تنهنجا لائق ٻچڙا آيل سِنڌُ
ٻي نظير ۽ بلوچ ڄهڙا ماڻهو توئي ڏِنا اسان کي
توتي لکَ سلامُ اسان جا، تون آ اسان جي جِيجل سِنڌُ

ٻي نظير: محترمہ بينظير ڀٽو
بلوچ: عبدالڪريم بلوچ

سرور نواز ٻگھيو
27_06_2010

(ٽربيوٽ)

”حاجي محمد صديق شورو“

تُنهنجون ڳالهيون، تُنهنجا ڳُڻ پِيا ڳَئي زمانا ڳائيندا
تُنهنجا چاهيندڙ لکين، سي توڏي پيا واجهائيندا

ايم-پي-اي ٿِي رَهئين ٿُون، سازدا جو چيئرمينٿ
مُعتبرُ ماڻهو هُئين ٿُون، تُنهنجا ٿورا لاهِيندا

سِنڌُ جا شورا، ”قبيلو“، تَنهن ۾ ماڻهو ٻهڳُڻو
حَاجي صاحب توکي پِي هُئا، شورا تُنهنجا چاهيندا

پارٽيءَ کي تو ڏِني، ڏُکَ سُکَ ۾ ساري ڄمار
پارٽي وارا ٻه توکي، پيا ڳلي سان لائيندا

ڪيئي پيرا ”سِنڌُ جي راڻي“ ٻه تو وٽ آئي هُئي
سِنڌُ جا مَخدومَ گاديءَ وارا ٻيرا پائيندا

تو غريبن جا ڳيا ڳئي فيصلا اِنصافَ سان
سي ڪٽي هٿَ دَرِ خُدا جي، تنهنجي لاءِ ٻاڏائيندا

هُو ڪري ويو آهي ”سرورَ“، ڳئي چڱايون خلق سان
تنهن ڪري مِيڙاڪا هِهڙا، ماڻهو پيا سَڏرائيندا

SOORIH SINDHI ADAB

سرور نواز ٻگهيو

09_11_2017 (ٽريبيوٽ)

”پِرين شورو“

پِرين پنهنجي ئي نانءُ جهڙو ڀِرين هو
۽ شورن ۾ ڏِٺ وائڙو سُهڻو پِرين هو

هُو پ پ ۾ هو ايم-پي-اي بڻيو هو
۽ پي پيءَ جو ليڊر ڪو ڳهڻو پِرين هو

پِرين شورو هو سيني خوبيُن جو مالِڪُ
۽ الله جو نانءُ لِکايو پِرينءَ هو

سندس دِل ۾ مُحبت جا مَڻ هُئا لِکل
ها، مُحبت ڪرڻ ۾ يگانو پِرين هو

هُو بيشڪ وفادارُ ماڻهو هو جَڳَ ۾
سِياسي، سماجِي، مِٺهارو پِرين هو

خدا کيس ”دِل“ سان نوازي ڇڏيو هو
بهادر، سُخنور، سگهارو، پِرين هو

پهرين ڏينهن کان آخري دَمَ تائين
پي پيءَ سان لاڳاپيل هِي شورو پِرين هو

سندس تعزيت لئہ سڀئي پڻ هُئي پهتي
اُنهيءَ اسيمبليءَ جو هِي ميمبر پِرين هو

يقينُ آهي هِڪ ڏِينهن سندس تعزيت لئہ
مُحترمہ بہ اِيندي جو ”جوهَرُ“ پِرين هو

اسين پڻ سندس آهيون دُعاڳو اي ”سرورَ“!
اسان ۾ جي هو ڪوئي ”گوهَرُ“ پِرين هو

SOORIH SINDHI ADAB

جيڏو ٿنهنجو نانءُ، پاڄهه ٻه اوڏيا ئي مڱا،
رِي ٿنيين ري ٿوُٽيين، توُن ڇـپر توُن ڇانءُ،
ڪُڄاڙو ڪمان، توکي معلوم سيڱا.

شاهه لطيف

مير نادر علي ابڙو صاحب ۽ ٻيا اديب ٻن ڪتابن جي مهورت ڪندي

ٻن ڪتابن جي مهورت واري پروگرام ۾ ويٺل اديب ۽ شاعر حضرات

ڄامشوري ضلعي جي معتبر شخصيت
سردار ملڪ اسد سڪندر صاحب



پير مظهر الحق صاحب، سرور نواز ٻگهيو کي
بهترين ڪمپيئرنگ جو ايوارڊ ڏيندي

ڊائريڪٽر اسڪولز سيد رسول بخش شاهه صاحب، سرور نواز ٻگهيو کي علمي، ادبي خدمتن جي
عيوض لطيف شناسائي جي ڄامشوري ضلعي واري پروگرام ۾ اجرڪ اوڍائيندي ۽ دُعائون ڏيندي

سُهڻن گُلن ڦُلن جي وچ ۾

اُستاد بُخاري- مُنهنجو مُحسن

هن ڪتابن جي مهورت
ڪان پوءِ خطاب ڪندي

هن ڪتابن جي مهورت جا ڪجهه شريڪ ساٿي اديب دوست

سرور نواز ڀگهيو جا شايع ٿيل ڪتاب









Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوپار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani